# پڳل ڪنپڙاٽيون

خليل جبران/ عبدالله الفائز

ڪمپوزنگ: اشفاق احمد ٽالپر

سنڌي ڪتابن کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ ڏانهن هڪ انقلابي قدم

آن لائين سنڌ لائبريري

www.sindhlibrary.com librarysindh@yahoo.co.uk



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# انتساب:

انهيءَ جي نالي جيڪا سچ کي نظر کڻي ڏسي سگهي ٿي ۽ باهه ۾ هٿ وجهندي به سندس آڱريون ڪنبن ڪونہ ٿيون، ڪنهن انڌي جي درد ڀري آه ۾ُنيان به فطرت جو ابدي نغمو ٻڌي سگهي ٿي. ايم اي ايچ ڏانهن مان پنهنجو هي ڪتاب منسوب ڪيان ٿو.

**جبران**

## انتساب:

انهن سيني جي نالي
جيڪي پيار کي اُتم عبادت سمجهن ٿا.

**عبدالله الفائز**






Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# مختصر تعارف

خليل جبران 1883ع ۾ لبنان جي سر سبز وادين ۾ بشاراه نالي هڪ ڳوٺ ۾ عيسائي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو.

هي ڳوٺ سمنڊ جي سطح کان ٿي هزار فٽ مٿي پهاڙين تي واقع آهي. جبران کي سندس معاشري ۾ موجود پراڻين ۽ فرسوده ريتن رسمن ۽ رواجن خلاف جنگ جوٽڻي پئجي ويئي، چوطرف جهالت واري ماحول مان نڪري مستقبل طرف وڌڻ لاءِ هنکي پنهنجا رستا پاڻ تلاش ڪرڻا پيا. جبران لاءِ عربي ۽ شامي ٻئي زبانون مادري زبان وانگر هيون.

خوشقسمتيءَ سان سندس ماءُ ڪُميلا(Kamila) هڪ تعليم يافته عورت هئي جنهنکي پڻ علم ۽ ادب سان گهري دلچسپي هئي.

جبران جي پيدائش وقت لبنان ۾ ترڪ سلطان جي حڪومت هئي، حڪومت ۽ سلطان جو رويو لبنان واسين سان ڪافي ظالماڻو هو.

لبنان جا ابوجهه ماڻهو مذهب جي نشي ۾ سرشار هئا، اڪثريت عيسائين جي هئي ۽ ڪليسا کي حڪومت جي پنيرائي حاصل هئي. ڪليسا جو ڪم اُن وقت جي ساده لوح انسانن کي بيوقوف بنائي حڪومت ۽ پادرين لاءِ ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ هئو. پڙهندڙن کي هي سڄو قصو جبران جي ذاتي ڪهاڻي پڳل ڪيڙاٽين مان سمجهه ۾ اچي ويندو.

جبران ڪليسا ۽ حڪومت خلاف آواز اُٿاريو ۽ ذاتي طور تي ڪئين دفعا پادرين ۽ حڪمرانن جي ظلم جو شڪار ٿيو. پڙهندڙن کي ان ڳالهه جي خبر هوندي ته ترڪي ڪنهن زماني ۾ دنيا جي وڏي حڪومتن مان هڪ حڪومت رهيو آهي. سڄي عرب دُنيا، اُتر آفريڪا ۽ يورپ جو وڏو علائقو ترڪيءَ جي قبضي ۾ رهيا آهن.

ان ڳالهه ۾ ڪوبه واڌاءُ ڪونه ٿيندو ته برطانيه کان پوءِ ترڪ سلطنت ئي دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت رهي آهي. مصطفىٰ ڪمال پاشا (اتا ترڪ) جي مهربانيءَ سان اڄ ڏينهن تائين ترڪ محڪوم قوم جي حيثيت سان ڪڏهن به نه رهيا آهن. ها اسلام ترڪيءَ ۾ عربن جي معرفت پهتو پر جيئن ته تهذيب ۽ لچڻن ۾ هيءَ قوم عربن کان گهڻو اڳتي هئي، هنن اسلام کي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پنهنجو مذهب تسليم ڪري ورتو ۽ ان ڪان پوءِ تاريخ هڪ نئين موڙ ۾ داخل ٿي ويئي. منهنجي ذاتي مشاهدي مطابق ته هن وقت به ترڪ قوم بين مڙني مسلمان قومن ڪان مختلف آهي ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ گهٽو اڳتي آهي. سندن ٻولي هڪ مڪمل زبان آهي انگريزي ڪو ورلي سمجهندو ۽ ورلي ڪو انگريزي رسالو يا اخبار نظر ايندي.

پاڪستان وارن لاءِ هن قوم ۾ بيحد عزت ۽ احترام آهي، بهرحال اهو هڪ الڳ موضوع آهي.

جبران اجا ٻار ئي هئو ته لبنان ۾ زندگي گذارڻ محال ٿي پيئي ۽ ٻين ڪيترن ئي خاندانن سان گڏ جبران جو خاندان به آمريڪا ڏانهن هجرت ڪري ويو. جتي جبران هڪ پبلڪ اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ سندس بنيادي تعليم جو ڪجهه حصو به اُتي ئي مڪمل ٿيو. سترهن ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ سندس ماءُ کيس واپس لبنان موڪلي ڇڏيو، ڇاڪاڻ جو پنهنجي شاعرانه ۽ عاشقانه مزاج سبب پاڻ ڪان ٻيڻي عمر واري هڪ عورت سان سندس اُٺ ويهه سندس ماءُ کي پسند نه آئي ۽ هن سمجهيو ته جبران ان خود پرست ۽ ظالم عورت جو شڪار ٿي ويندو.

جبران جي باقي تعليم جو حصو لبنان ۾ ئي پورو ٿيو.

سلمىٰ ڪريميءَ سان سندس حقيقي عشق وارو هي قصو هن دور سان ئي واسطو رکي ٿو. ڪاليج واري زماني ۾ پڻ هي ادبي سرگرمين ۾ اڳتي رهيو ۽ ان وقت پنهنجي ڪاليج جي نڪرندڙ رسالي جو ايڊيٽر هو.

هن پنهنجو پهريون ڪتاب سرڪش آتمائون "Sprits Rebellious" هن دور ۾ ئي لکيو جنهن ۾ هن معاشري ۾ موجود فرسوده ريتن رسمن سان کليءَ بغاوت ڪئي آهي. لبنان جي ڪيٿولڪ چرچ سندس هي ڪتاب ضبط ڪيو ۽ مسودي سميت مڙني ڪاپين کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو.

ان ڪان پوءِ هن پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ئي ملڪ ۾ قيديءَ وانگر محسوس ڪيو ۽ اهو سڀ ڪجهه ٿيندي به هن انڌي عقيدت ۽ جهاليت خلاف پنهنجو آواز بلند رکيو ۽ لکڻ جو سلسلو جاري رکيائين هن پنهنجي ديس جي هڪ هڪ ابوجهه شخص کي معاشرتي شعور ڏيئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ جڏهن هن محسوس ڪيو ته ابوجهه شخصن سندس آواز ٻڌي ورتو آهي ته پنهنجي خانداني مسئلي جي ٻار سبب مجبور ٿي نيويارڪ واپس موٽي آيو، جتي هن


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مصوري ۽ لکڻ جو ڪم جاري رکيو مصوريءَ جي باقاعده تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجھ وقت لاءِ پئرس ۾ ويو جتي نيويارڪ ۾ پنهنجو اسٽوڊيو کوليائين ۽ سندس لکڻين ۽ تصويرن جو وڏو حصو اتي ئي پورو ڪيائين.

جيبران پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا، سندس لکڻيون ويهن کان به وڌيڪ زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن. سندس ڪجھ ڪتابن جو اسان ذڪر ڪنداسين.

سندس سڀ کان پهريون ڪتاب سرڪش آتمائون "Sprits Rebellious" هئو جنهن جو اسان ذڪر ڪيو. هن ڪتاب ۾ هن سندس معاشري ۾ بدعنوانين ۽ رشوت خورن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اهو پڻ لکيائين ته جيڪي جج ڀٽجي انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺا آهن اهي به ٻکيا ۽ رشوت خور آهن ته پوءِ انصاف جو تصور ئي ڇاجو؟

سندس ڪتاب ٽٽل کنيڙاتيون "Broken Wings" توهان جي هٿن ۾ آهي، سندس زندگيءَ بابت آهي جنهن ۾ سندس پهرين محبت سلمیٰ ڪريميءَ جو ذڪر آهي.

جنهن کي هن پنهنجو ڪرڻ چاهيو جنهن سان هن شادي ڪرڻ چاهي پر نه ڪري سگهيو. ۽ ان کان پوءِ جبران سڄي زندگي شادي کان نه ڪئي.

هي ڪتاب ٽٽل کنيڙاتيون سندس عربي لکڻين ۾ سڀ کان وڌيڪ سمجهيو ويندو آهي ۽ وڪامڻ جي لحاظ کان سندس مڙني ڪتابن ۾ هن ڪتاب جو تعداد وڌيڪ آهي. هي ڪتاب لڳ ڀڳ ويهه لک ڪاپين جي تعداد ۾ دنيا ۾ وڪامجي چڪو آهي. انگريزي لکڻين ۾ سڀ کان وڌيڪ سندس ڪتاب پيغمبر کي سمجهيو ويندو آهي هي ڪاب دنيا جي ويهن ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي ۽ هن ڪتاب جبران کي عالمي سطح تي شهرت بخشي آهي جبران کي عام طور تي پيغمبر "Prophet" جي ليکڪ طور سڃاتو ويندو آهي پر هن ڪتاب وڪامڻ جو تعداد ٻئي نمبر تي آهي هن وقت تائين پندرهن لک ڪاپين جي لڳ ڀڳ وڪامي چڪو آهي هن ڪتاب ۾ ڏنل تصويرون تمام اهم آهن ۽ تصويرن کانسواءِ هي ڪتاب جڻ اڻ پورو رهجيو وڃي.

جنت آدم ۽ حوا جي آمد، فرشتن سان انسان جو تعلق، زمين تي زندگي ۽ انسان جي ٻچڙن جي تصويري عڪاسي ڪئي اٿائين.

سندس خيال مطابق انسان جا ٻچڙا پيار ۽ ديا جي گلن وانگر هوندا آهن ۽ پنهنجي هن خيال جي عڪاسي پيغمبر "Prophet" ۾ ڪئي اٿائين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سندس خيال ۾ انسان جو اگهاڙو بدن حقيقت آهي ۽ قدرت جو سڀ کان عمدو ۽ سچو تحفو آهي تنهن ڪري هي سڀ تصويرون اگهاڙيون آهن.

اسان جي ملڪ ۾ بنا تصويرن جي هي ڪتاب مارڪيٽ ۾ موجود آهي پر جيستائين اسان جي معاشري ۾ سچ ۽ حقيقت کي سچ سمجهي قبول ڪرڻ جي صلاحيت پيدا نہ ٿيندي مون جهڙو مترجم شايد هن ڪتاب جو ترجمو ڪري نہ سگهي سندن ڪتاب لڙڪ ۽ مسڪراهٽ "Tears and Smiles" پيار بابت آهي.

سندس ڪتاب آنڌي "Tempest" ۾ ڪمزور ۽ طاقتور کي بيان ڪيو آهي.

ڪتاب اڳواڻ "Fore Runner" ۾ انهن ماڻهن تي کليو آهي جيڪي سمجهن ٿا تہ صرف کين ئي خبر آهي تہ سچ ڇا آهي؟

ڪتاب پيغمبر جو باغ "Garden of Prophet" جبران جي فطرت سان پيار کي ظاهر ڪري ٿو. هڪ ماڪ ڦڙو ڪيس ڪئين ٿو محسوس ٿئي، برف جو پوڻ ڪيس ڪئين ٿو محسوس ٿئي ۽ انگورن جي باغ کي هو ڪهڙي اهميت ٿو ڏئي ۽ ڪئين ٿو محسوس ٿئي.

عيسيٰ هڪ انسان جو پُٽ"Gesusth son of man" هي ڪتاب جبران پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ لکيو آهي ۽ جڻ سندس حياتيءَ جي جدوجهد جو نچوڙ آهي. هن ڪتاب ۾ انسان اندر عيسيٰ وارين خصلتن کي بيان ڪيو اٿائين ۽ ٻڌايو اٿائين تہ ڪهڙيءَ طرح انسان اشرف المخلوقات آهي.

پنهنجي ڪتاب وادين جون حورون "Nymphs of the Valleys" ۾ هن انهن ماڻهن تي تنقيد ڪئي آهي جيڪي حڪومت ۾ آهن يا مذهبي پيشوا طور اقتدار ۾ آهن.

هي ماڻهو معاشري لاءِ تہ قانون ناهيندا رهن ٿا پر قانون ڇا آهي کين ڪابہ خبر ڪانہ آهي ۽ مرتب ڪيل قانون مان پيدا ٿيندڙ اثرن بابت نڪو سوچين ٿا ۽ نہ وري سوچڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

جبران کي سندن ڪتاب پيغمبر "Prophet" کان الڳ ڪري ڏسي نٿو سگهجي. جبران هي ڪتاب نائيچ جي ڪتاب "جيڪو زرتشت چيو" "the Spoke Zurthustra" کان متاثر ٿي لکيو آهي ۽ نائيچ کي هن هڪ اعليٰ دماغ قرار ڏنو آهي جيڪو هن دُنيا ۾ آيو پر فرق اهو آهي تہ نائيچ هڪ دهريو هو جڏهن تہ جبران کي دهريو نٿو چئي سگهجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جبران جي مختصر ترين تعارف ۾ جڏهن زرتشت جو ذڪر نڪري ئي پيو آهي تہ پڙهندڙن کي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ زرتشت هن جهان ۾ ايندڙ پهريون پيغمبر يا شخص هئو جنهن خوف ۽ لالچ کان بالاتر مذهب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

زرتشت جي باري ۾ رابندرناٿ ٽيگور بہ پنهنجي ڪتاب ”انسان ۽ مذهب“ “Relijion of man” ۾ تمام سنو لکيو آهي ۽ ڪيس خراج عقيدت پيش ڪيو آهي.

جئين تہ زرتشت کي سندن تعليمات سبب تمام جلد ختم ڪيو ويو تنهن هي شخص پنهنجي نظريي جي مڪمل پرچار ڪري نہ سگهيو ۽ سندس تعليم صرف هڪ فرقي تائين محدود رهجي وئي. بهرحال اهو بہ هڪ الڳ بحث آهي.

جبران پنهنجو پاڻ کي پيغمبر سڏيو آهي. پيغمبر مان سندس مراد صرف پيغام ڏيندڙ جي آهي ۽ هن پيغام ڏنو پڻ آهي. جبران جا سيئي نقاد ۽ مفسر ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ هن شخص ۾ هڪ پيغمبر واريون خوبيون موجود هيون. جبران جون سڀ لکڻيون جادوئي اثر رکن ٿيون ۽ هي پڙهندڙن کي گهڻو ڪجهہ ڏيئي وجي ٿو.

هن شخص پيار ۾ چوٽ کاڌي تنهنڪري پيار سدس موضوع آهي.

هن پيار کي ڪيترن ئي طرفن کان ڏنو آهي ۽ ڪيترن ئي طريقن سان بيان ڪيو آهي.

پيار بابت جبران لکي ٿو تہ:

پيار اها خدائي ڏات آهي جيڪا انسان کي خدائي ديد عطا ڪري ٿي.

پيار ئي هن جهان ۾ آزادي آهي هي آتما کي سرفرازي جي انهي منزل تي وٺيو وڃي جتي فطرت جي مظاهرن ۾ ڦير ڦار مٿس اثرانداز ٿي نہ سگهندي.

هن ئي ڪتاب ۾ اوهان کي پيار بابت ڪيترائي جملا ملندا جيڪي پنهنجي جاءِ تي اٽل آهن بهرحال هي سڄو ڪتاب ئي مختلف طرفن کان پيار ۽ عورت تي سندس نگاهہ آهي ۽ سندس ذاتي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ سندس پيار جي پهرين ڪهاڻي آهي ڪا گهڙيل ڪهاڻي نہ آهي.

جبران پنهنجي زندگيءَ ۾ عورت جي ڪردار کي سچيءَ دل سان تسليم ڪيو آهي هن لکيو آهي تہ ”عورت جي پيار پري هڪ ئي نظر اوهان کي دنيا جو خوشقسمت ترين شخص بنايو ڇڏي“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪنهن عورت کي سندس گفتگوءَ مان سجاڻڻ ۽ ڪيس لفظن ۾ بيان ڪرڻ ناممڪن آهي، عورت کي سندس جذبات ۽ تاثرات مان ڪنهن حد تائين سمجهي سگهجي ٿو. جيڪو شخص جذبات ۽ تاثرات مان سمجهڻ ڪان ئي نااهل آهي اهو عورت کي ڪڏهن به نه سمجهي سگهندو، سواءِ پنهنجي خوشي حاصل ڪرڻ جي عورت ڪان رڳو ونڻ ۽ ونڻ جي بدلي ۾ ڪيس ڪجهه به ڏئي نه سگهندو. عورت ۾ ڪيتريون ئي ڪمزوريون پڻ آهن پر عورت سان گڏجي زندگيءَ ۽ جيئڻ جو حقيقي لطف حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته پهرين سندس مڙني ڪمزورين کي نظرانداز ڪجي.

شادي جي باري ۾ جبران چوي ٿو ته، هي ٻن خداين جي وچ ۾ هڪ ڳانڍاپو آهي جنهن ڪان پوءِ ٽين خدائيءَ جو وجود ۾ اچڻ قابل امر آهي.

هي ٻن آتمائن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو آهي ۽ پيار جو اهڙو ٻنڌڻ آهي جنهن ۾ جدا جدا وجود جدائيءَ کي رد ڪري پاڻ ۾ ملي هڪ ٿين ٿا. هن کي هڪ نگاهه ڪان شروع ٿي ازل تائين پهچڻ گهرجي.

هي اهو مينهن آهي جيڪو صاف آسمان مان وسي قدرت جي زمين کي سيراب ڪري ٿو.

جبران جي نظر ۾ انسان جي تاريخ، ڇم شادي ۽ موت آهي، جنهن ۾ شادي پيار جي عروج واري حد آهي.

هن دنيا ۾ شادي يا زندگي آهي يا موت آهي.

شادي صرف ٻن دلين جي وچ ۾ پيار سبب ڳانڍاپو هئڻ گهرجي ۽ پيار اهڙي شئي آهي جيڪا دلالن ۽ واپارين جي دسترس ڪان ٻاهر آهي.

شادي ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪن سببن ڪري دلين جو ڳانڍاپو نه رهي ته بجاءِ زندگيءَ جي گاڏي کي گهلڻ جي ٻنهي فردن کي علحدگيءَ جو پورو حق آهي.

پنهنجي ڪيترن ئي لکڻين ۾ هن زبردستيءَ واري شادي يا اهڙي شادي جنهن ۾ دل راضي نه هجي کي دوزخ سان تشبيهه ڏني آهي.

پنهنجي ڪتاب سرڪش آتمائون "Sprits Rebellious" (جنهنن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي) ۾ وارد الهانيءَ جي ڪهاڻي ۾ اهڙو تاثر ڏنو اٿس.

سندس اوچتو موت ڏهين اپريل 1931ع تي واقع ٿيو اُن وقت سندس عمر 48 سال هئي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آمريڪا ۾ سندس تمام گهڻي عزت آهي سندسن لاش کي وڏي عزت سان لبنان جي جهنڊي ۾ ويڙهي تابوت ۾ بند ڪري لبنان روانو ڪيو ويو، جتي ڪيس سندس ڄمڻ واري هنڌ بشاره ۾ سينٽ مارڪيس قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو، ۽ اتي ئي سندس قبر آهي سندس لکڻين ۽ فن جا مداح ۽ علم ادب سان دلچسپي رکندڙ ڪئين ماڻهو سندس قبر تي ياد تازيءَ لاءِ روزانو ايندا رهندا آهن.

**مترجم**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ديباچو

پيار ڇا آهي؟ پيار جي انتها ڪهڙي آهي؟ پيار جي ڪهڙي حد مقرر ڪجي؟

پيار ڇا آهي ان سوال جو جواب ڏاڍو مشڪل آهي، پيار ڪي وصف ڏيئي لفظن ۾ بيان ڪرڻ تقريبن ناممڪن آهي.

پيار فلسفي جو هڪ وڏو موضوع آهي جنهن تي ڪئين ڪتاب لکجي سگهجن ٿا. ڪنهن بہ جذبي ڪي وصف ڏيئي لفظن ۾ بيان ڪرڻ هونئن بہ ڏکين ڪمن مان هڪ آهي. جنهن شيءِ جي وصف ڏيڻ محال ٿي پوي تنهن ڪي مثالن ۽ تشبيهن سان ٻئي ذهن ڪي منتقل ڪرڻ جو واحد طريقو وڃي بچندو آهي.

پيار بہ هڪ جذبو آهي جيڪو انسان جي مڙني جذبن ڪان سهڻو ۽ بالاتر آهي پيار ڪانسواءِ ٻيو جيڪو سهڻو جذبو انسان ڪي عطا ٿيو آهي اهو آهي ٻين انسانن لاءِ قرباني ۽ قربانيءَ جو اهو جذبو پڻ پيار جي ئي پيداوار آهي. پيار جا ڪئين روپ آهن هر پيار ڪنهن نئين روپ ۾ ظاهر ٿي هر دفعي دل ۾ نئين ڪُنڊ روشن ڪيو وڃي.

پيار جي انتها اها آهي تہ پيار سان پيار ٿي پوي ۽ پيار فقط پيار لاءِ محدود ٿي وڃي، هن حد تائين پهچڻ ڪان پوءِ پيار وري هڪ اهڙو روپ وڃي ٿو وٺي جو سڄي دل روشن ٿيو پوي ۽ ان ڪانپوءِ پيار جي ڪابہ حد ڪانہ آهي ۽ پيار لامحدود ٿيو وڃي.

جبران هن ڳالهہ جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو آهي تہ:

"محبوب صرف منهنجو هجي" يعني محبوب تي بہ مالڪاڻو حق اهو پيار جو هڪ محدود قسم آهي "لامحدود پيار فقط پيار لاءِ ئي ٿيندو آهي."

ڇا پيار مغالطو آهي؟

ها بيشڪ پيار مغالطو آهي ڇاڪاڻ تہ پيار ڪئين ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟ ان ڳالهہ ڪي ثابت ڪرڻ ۾ سمورو علم منطق ۽ فلسفي جا رياضياتي دليل ناڪام ٿيو وڃن پر پيار جي حقيقت ڪان انڪار ڪوبہ ڪونہ ڪري سگهندو. بس پيار ٿي ويندو آهي ۽ ٿيندو ئي ويندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڇا پيار دماغ جو خلل آهي يا ڪجهه به نه آهي؟ ان ڳالهه جو جواب اهو آهي ته جن پيار کي دماغ جو خلل سڏيو انهن جي سڄي ڄمار وري پيار تلاش ۾ گذري ويئي پيار ڪين ڇهندو گوليءَ وانگر نڪري ويو ۽ هو سڄي ڄمار واڪا ڪندا رهيا.

انسان فطرتن نشيباز آهي ۽ لذت پسند آهي پيار جو نشو کيس فطرت طرفان عطا ٿيل اعلىٰ ترين تحفو آهي. جنهن هي تحفو وڃايو تنهن ڄڻ سڀ ڪجهه وڃايو هاڻ کيس مصنوعي نشي جي ضرورت پوندي پوءِ اهو شراب مان حاصل ڪري يا سگريٽ پي خيال پچائي سپنن جي دنيا ۾ گم ٿي پاڻ کي ڏيئي يا ڪنهن ٻي نشيدار شيءِ مان نشو حاصل ڪري پنهنجي پاڻ کي تباهه ڪرڻ شروع ڪري ۽ لاشعوري طور تي موت کي زندگيءَ تي ترجيح ڏيئي. يا وري دولت جو نشو، طاقت جو نشو شهرت جو نشو وڃي پيار جي نشي واري جاءِ وٺندس ۽ اشرف المخلوقات هئڻ واري دائري کان ئي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪندس. جبران لکيو آهي ته ”حساس دل رکڻ وارن لاءِ پيار قدرت طرفان عطا ڪيل اڻملهه تحفو آهي.“

حساس دل جو پيار سان سڌو سنئون تعلق آهي جيڪو شخص جيترو وڌيڪ حساس هوندو اوتروئي پيار کي وڌيڪ ويجهو هوندو ۽ جيترو بي حس هوندو اوترو پيار کان پري هوندو ۽ دولت، شهرت ۽ طاقت جي نشن هيٺ جلد غلبي ۾ اچي ويندو.

حساسيت ورثي ۾ ملندڙ شيءِ آهي هڪ حساس شخص ڄائي ڄم کان ئي پيدا ٿيندو آهي. سُر ۽ حسن سان سندس لڳاءُ ننڍپڻ کان ئي هوندو ۽ مشاهدي جي قوت عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ هوندس.

اهڙين شخصيتن مردن خواه عورتن لاءِ پيار ڄڻ اَمر آهي ڪين خبردار رهڻ گهرجي ته عشق جو زوردار جهٽڪو ڪين ڪنهن به وقت لڳي سگهي ٿو ۽ هن جهٽڪي لڳڻ جي نڪا ڪا مهل ئي آهي نڪا ڪا عمر جي حد جي دانائيءَ کان ڪم وٺندي پاڻ کي عشق جي وڏي جهٽڪي کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندو ته سڄي ڄمار هنن جهٽڪن ۾ گذري ويندس.

عشق جو وڏو جهٽڪو جيڪڏهن ڪو برداشت ڪري ويو ته ڄڻ سڄي مقصد حيات کي سمجهي ويو ۽ جيڪڏهن هن جهٽڪي لڳڻ سان ڌڪي پيو ته سندس مقام ڪا ذهيني اسپتال وڃي ٿيندي يا وري موت کي زندگيءَ تي ترجيح ڏئي خودڪشيءَ طرف مائل ٿي ويندو.

پيار ۾ وصال ته حالتن تي مدار رکي ٿو ۽ وقت سان گڏ حالتن جو ڦرڻ گهرڻ ته خودبخود وارو عمل آهي جيڪو ڪنهن فرد جي وس کان ٻاهر آهي. واصل نه ٿيڻ جي صورت


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۾ وقتي مايوسي، درد ۽ پيڙا جي حالت ضرور ٿي پوندي ۽ حالت ايترو ئي ڏکائيندڙ هوندي جيترو عشق جو جهٽڪو زوردار هوندو پر مايوس نه ٿيڻ گهرجي.

اها حقيقت آهي ته پيار ۾ وصال ته وري پيار کان به وڌيڪ پيارو تحفو آهي، پر پيار جو ڇهندو گذري وڃڻ به ڪا گهٽ ڳالهه نه آهي.

اها ڳالهه به ڪنهن ڪنهن ڪي نصيب ۾ هوندي آهي. عشق وري پيار جو مٿانهون روپ آهي. جبران جنهن پيار جو ذڪر ڪيو آهي ان لاءِ اسان وٽ مخصوص لفظ عشق موجود آهي. عشق واقعي ڪنهن ڪنهن جو نصيب آهي يعني صرف انتهائي حساس دل رکڻ وارا هيءَ منزل ماڻي سگهندا ۽ ٻين جي وس جي ڳالهه ئي ڪانه آهي ته عشق جي ويجهو به وڃي سگهن.

جنکي پيار پچائي قربانيءَ جي آخري منزل تي آڻي بيهاريو هوندو سي هاڻ عشق ۾ قدم رکي سگهندا.

”عشق ناهي راند جو ڪيڏنس ڳپرو“

عشق جو تحفو ڪنهن ڪنهن کي فطرت طرفان ائين عطا ٿيو آهي جيئن قد بت ڪاٺ ڪنهن ڪنهن کي ۽ سونهن سوڀيا ڪنهن ڪنهن کي،

”ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي مڙئي نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.“

عشق جو زوردار جهٽڪو لڳڻ کان پوءِ محبوب پنهنجي طالب جي ذهن، جسم ۽ انگ انگ ۾ بلڪل ائين چڙهندو ويندو آهي جيئن وهسڪيءَ جي بوتل چڙهندي آهي. ۽ عشق جي انتها ۾ انتظار جي گهڙين ۾ طالب جي حالت بلڪل اها وڃي ٿيندي آهي جيڪا شراب جي چڙهڻ کانپوءِ وڃي ٿيندي آهي. شراب جي چڙهڻ کان پوءِ هر شخص بکواس ۽ گارگند ڪونه ڪندو آهي بلڪل ائين هر عاشق جا حوصلا خطا ڪونه ٿيندا آهن.

حوصلن جو خطا ٿيڻ ۽ شراب جي چڙهڻ کان پوءِ شرابيءَ جو لُڏي وڃڻ صرف انهن ويچارن سان ٿيندو آهي جن جا اعصاب ڪمزور هوندا آهن. مضبوط اعصاب وارو عاشق ٻين کي اهو محسوس به ٿيڻ نه ڏيندو ته ساڻس ڪهڙي ويڌن آهي، عاشق جا حوصلا خطا ٿيڻ نه ڪپن جيڪڏهن ڪنهن جا حوصلا خطا ٿي ويا ته پوءِ سندس علاج به تمام ڏکيو ٿيندو. جيڪڏهن ڪو شخص مرد خواهه عورت عشق جي چوٽ کائڻ کان پوءِ محسوس ڪري ته سندس اعصابن تي تمام گهڻو دٻاءُ پئجي رهيو آهي ۽ حالتون بلڪل مخالف ٿي بيٺيون اٿس ته به صبر ڪري پاڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تہ بدنام ٿيو ئي پر سندس محبوب بہ بدنام ٿيندو پر رڳو ايترو تہ نہ ٿيندو، واپارين ۽ دلال قسم جي ماڻهن جن جي هر ڳالهہ ۾ اهو تہ نفعو ڇا آهي نقصان ڇا آهي انهن ڪي عشق ڪي بدنام ڪرڻ ۾ هٿي ملندي ۽ پيار ۽ عشق جيڪڏهن بدنام ٿي هي ڪائنات ڇڏي هليا ويا تہ پوءِ دُنيا ۾ باقي بچيو وري ڇا رڳو واپار يعني ڏي وٺ، جنگ جدل ۽ خونريزي تنهن ڪري عاشق بدنام ٿي وڃي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي محبوب تباهہ ٿي وڃي تہ بہ ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي پر عشق بذات خود بدنام نہ ٿئي جي عشق رُسي ويو تہ سمجهو هڙ هلي وئي ۽ عاشق جي هار ئي اها آهي تہ عشق ڪائنس رُسي وڃي باقي هجر ۽ وصال تہ عشق جا حصا آهن جي محبوب پري ٿي ويو پر عشق موجود آهي تہ سڀ ڪجهہ آهي. ڪنهن بہ شراب جو سرور تہ چند ڪلاڪن ۾ لهي ويندو آهي پر عشق جو سرور سڄي ڄمار هلندو آهي ۽ هن سرور ۾ انسان وڏا وڏا ڪم ڪري ويندو آهي مشهور جملو تہ ”هر طاقتور مرد جي پنيان ڪا ڪمزور عورت لڪل هوندي آهي،“ انهيءَ ڳالهہ جي ئي نشاندهي ڪري ٿو.

فرينچ انجنيئر ”فرڊيننڊ ڊي ليسپس“ جو مثال دنيا جي سامهون آهي، جڏهن نيپولين ٽئين ڪائنس سندس محبوبہ کسي ورتي تہ هن دنيا کي سئيز ڪئنال جي روپ ۾ عشق جو ڏنو موٽائي واپس ڪيو. اهڙا ڪئين مثال موجود آهن.

جبران جا اهي لفظ تہ ”عشق قدرت طرفان حساس دل رکڻ وارن لاءِ اٽملهہ تحفو آهي.“ ڪائناتي سچ آهن.

پارليامينٽ جا ناهيل قانون بدلجي وڃن، مذهب بدلجي وڃن پر ڪائناتي سچ هيمشهہ رهندو وقتي طور تي ڪوڙ جي چادر سان ڪيس ڍڪي سگهجي ٿو پر هميشهہ لاءِ سندس خاتمو تيستائين ناممڪن آهي جيستائين هن ڪائنات ۾ ڪٿي بہ آخري انسان آخري پساهن ۾ هوندو.

بهرحال .................

ڇا ڪو شخص هن دُنيا ۾ پيار ڪرڻ کان هميشهہ هميشهہ لاءِ محروم آهي؟

نہ نہ ائين بلڪل نہ آهي، جيڪي اهو سمجهن ٿا تہ سندن دل حساس نہ آهي هر ڳالهہ ۾ اهو ٿا سوچين تہ نفعو ڇا آهي نقصان ڇا آهي انهن لاءِ وري عشق وارن طرفان هڪ وڏو تحفو موجود آهي جيڪو دل کي حساس بنائڻ ۾ سئو فيصد ڪار آمد آهي، اهو آهي موسيقيءَ جو تحفو. ڪوبہ شخص مرد خواہ عورت موسيقيءَ سان لڳاءُ پيدا ڪري تہ پيار سندس ويجهو ٿيندو ويندو هو موسيقيءَ جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويندو ۽ پيار پاڻيهي اچي ڀاڪر پائيندس پر جن کي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

موسيقيءَ سان ئي دلچسپي ڪانہ آهي ۽ ان فضول شيءِ لاءِ وٽن وقت ڪانہ آهي. بس سمجهو تہ انهن پيار کان پنهنجو پاڻ کي محروم ڪري ڇڏيو آهي اهي شخص دولت، شهرت ۽ طاقت جي نشي ۾ سمجهو تہ ٻڌل آهن ۽ جن کي اهي شيون حاصل نہ ٿيون آهن پر وڏي حسرت تا رکن انهن شين لاءِ ۽ موسيقيءَ سان سندن دلچسپي ختم ٿيندي ٿي وڃي اهي جڻ اجا ٻڌا ناهن پر گهوٽن ۾ آهن. انهيءَ رت ۽ پونئن جي سمنڊ مان ڪين ڪو عظيم ٿوٻو ئي ڇڪي ٻاهر ڪڍي ٿو سگهي اسان وٽ مٿن ڪِلڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي پوءِ ڀلي هو اسان تي کلن ۽ ٺهڪ ڏين.

عبدالله الفائز

30 سيپٽمبر 1986ع



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

مان ارڙهن سالن جو هئس جڏهن پيار پنهنجي جادوءَ پرئي ڇهاءُ سان منهنجون اکيون کوليون ۽ روشن آڱرين سان منهنجي آتما کي سجاڳ ڪيو.

سلميٰ ڪريميءَ پهرين عورت هئي جنهن پنهنجي حسن سان مونکي متاثر ڪيو ۽ مون کي محبت جي باغ ۾ وٺي آئي جتي راتيون شاديءَ وانگر ۽ ڏينهن سهانن سپنن وانگر گذرندا هئا.

سلميٰ ڪريميءَ اها عورت هئي جنهن مونکي حسن جي عبادت سيکاري ۽ سندس خوبصورتي حسن جو هڪ مثال هئي. مون سان پيار ڪري مونکي پيار جي اصل حقيقت کان واقف ڪيائين، هوءَ اها عورت هئي جنهن سڀ کان پهرين مونکي زندگيءَ جو هڪ گيت ٻڌايو.

هر نوجوان کي پنهنجو پهريون پيار ياد هوندو آهي ۽ چاهيندو آهي ته اهي چند گهڙيون جيڪر وري موٽي ملن ۽ چند گهڙيون ياد ڪري ايترو ته خوش ٿيندو آهي جو سندس سوچ بدلجي ويندي آهي ۽ ان عجب اسرار جي تلخيءَ  کي وساري صرف خوش ئي خوش ٿيندو آهي.

هر نوجوان جي زندگيءَ ۾ هڪ سلميٰ هوندي آهي جيڪا اچانڪ ظاهر ٿي سندس زندگيءَ ۾ بهار آڻي ڇڏيندي آهي. سندس تنهائيءَ کي خوشگوار گهڙين ۾ بدلائي ڇڏيندي آهي. ۽ سندس راتين جي خاموشيءَ هلڪي ساز ۽ آواز سان ٿوڙيندي آهي.

مان هڪ خيال ۾ غلطان هئس ۽ انهيءَ تلاش ۾ هئس ته قدرت جو اصل مقصد سمجهه ۾ اچيم، ڪتابن ۽ پوٿين جو الهامي مقصد سمجهي سگهان ته پيار سلميٰ جي چپن سان اچي منهنجي ڪنن ۾ سس ڦس ڪئي ان وقت منهنجي زندگي  هڪ اڏ دم هئي ۽ بلڪل ائين خالي هئي جئين آدم جي زندگي جنت ۾. ان وقت مون سلميٰ کي روشنيءَ جي هڪ مناري وانگر پنهنجي پير ۾ بيٺل ڏٺو. هوءَ منهنجي لاءِ حوا هئي جنهن منهنجي دل کي پيار جي خوشين ۽ مڙني رمزن کان آگاهه ڪيو ۽ مون کي ان قابل بنايو ته زندگيءَ جو مفهوم سمجهي سگهان.

پهرين حوا آدم کي پنهنجي مرضيءَ سان جنت کان ٻاهر  آندو هئو جڏهن ته سلميٰ منهنجي مرضيءَ سان مونکي نج پيار، اخلاقي بُلندي ۽ نيڪي ۽ حقيقيءَ لطف جي جنت ۾ وٺي آئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پر ان پيار جي جنت ۾ مون سان چا ٿيو، اهوئي ٿيو جيڪو آدم سان خدا جي جنت ۾ ٿيو هئو هڪ تکي تلوار جي مدد سان مونکي به جنت مان ائين ئي ڌڪيو ويو جئين آدم کي باهه جي اماڙي ڏيکاري جنت مان ٻاهر ڪڍيو ويو هئو پر آدم جو ڏوهه اهو هئو ته هن منع ڪيل وڻ جو ميوو کائي خدا جي نافرماني ڪئي هئي جڏهن ته مون اهڙو ڪوبه ڏوهه ڪونه ڪيو هئو.

اڄ جڏهن ڪافي ڏينهن گذري چڪا آهن ۽ ڪجهه به نه بچيو آهي سواءِ انهيءَ سهاني خواب جي، ۽ ڪجهه يادن جي. اهي يادون ڪنهن پکيءَ جي ڦرڪندڙ کنڀن وانگر آهن جنهن جي خبر صرف منهنجي دل کي آهي. اهي يادون منهنجي دل کي تڙپائن ٿيون ۽ اکين ۾ آب آڻيو ڇڏين.

اڄ جڏهن منهنجي پياري سلميٰ مري چڪي آهي ۽ ياد تازي ڪرڻ لاءِ ڪابه شيءِ نه بچي آهي سواءِ منهنجي ٽٽل دل جي ۽ انهيءَ قبر جي جيڪا شمشاد جي وڻن ۾ گهيريل آهي، هڪ اها قبر ۽ ٻي منهنجي دل ئي سلميٰ بابت شاهدي ڏيئي سگهن ٿيون.

خاموشي جيڪا قبر جي چوڪاري هوندي آهي ۽ قبر جي حفاظت ڪندي آهي خدا جي انهيءَ راز کي افشان نٿي ڪري سگهي جيڪو ڪفن ۾ لڪل ۽ اڻ ڇٿو هوندو آهي. اهي وڻ جيڪي قبر جي مٿان هوندا آهن جن جون پاڙون مئل جسم جا عنصر چوسين ٿيون تن جي ٽارين جي ساندهه ڪڙ ڪڙ (جيڪا هوا لڳڻ سان ٿئي ٿي) قبر جي انهيءَ اسرار بابت ڪوبه انڪشاف نٿي ڪري پر منهنجي دل جون درد ڀريون آهون زندهه ماڻهڻ کي انهيءَ ناٽڪ بابت ٻڌائي سگهن ٿيون جيڪو پيار، حسن ۽ موت سرانجام ڏنو.

او منهنجا جوانيءَ جا دوستو جيڪي بيروت شهر ۾ پکڙيا پيا آهيو جڏهن به توهان جو انهيءَ قبر پرسان گذر ٿئي جيڪا صنوبر جي باغ جي پرسان آهي خاموشيءَ سان لنگهجو ۽ آهستي هلجو ته جئين توهان جي قدمن جي آهٽ سبب ڪنهن مئل جي آرام ۾ خلل نه پوي، ۽ پوءِ سلميٰ جي قبر وٽ بيهي رهجو ۽ انهيءَ زمين جي ٽڪر کي سلام ڪجو جتي سلميٰ جو لاش دفن ٿيل آهي هڪ ٿڌي آه ڀري منهنجو نالو ونجو ۽ چئجو ته هن جاءِ تي جبران جيڪو پيار جي قيديءَ طور سمندن ڪان پري زنده آهي، سندس سڀ خواهشون دفن ٿيل آهن هن ويچاري هن جاءِ تي پنهنجي سموري خوشي وڃائي وڌ ۾ وڌ نير وهايا ۽ مسڪرائڻ ڇڏي ڏنو.

انهيءَ قبر تي شمشاد جي وڻن سان گڏ جبران جا ڏک پڻ وڌندا رهن ٿا ۽ سلميٰ جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ جبران جو روح هر رات اچي ڦڙڪندو آهي ۽ سلميٰ جي موت تي آه و زاري


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪندو آهي، رئندو آهي، پٽيندو آهي ۽ ماتم ڪندو آهي ۽ اهو پڻ چوندو آهي ته ڪالهه زندگيءَ جي چپن تي جيڪو نغمو هئو اڄ خاموش راز بنجي زمين جي سيني ۾ دفن آهي.

او منهنجا جوانيءَ جا ساٿيو

مان توهان کي اپيل ٿو ڪيان

انهن ڪنوارين جي نالي جن کي اوهان دل سان پيار ڪيو آهي

ته منهنجي محبوب جي قبر تي ضرور گلن جا هار چاڙهجو، جيڪي گل اوهان سلمىٰ جي قبر تي چاڙهيا آهن.

اهي گُل ماڪ جي انهن ڦڙن جيان آهن جيڪي پره ڦٽيءَ وقت ڪنهن ڪومايل گل تي پوندا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(1)

# خاموشي اُداسي

اي منهنجا پاڙيسريو توهان پنهنجي جوانيءَ جي آغاز کي ياد ڪري ڏاڍو خوش ٿيندا هوندائو ۽ ان جي گذري وڃڻ جو اوهان کي ڏاڍو افسوس هوندو. پر مونکي پنهنجي جواني ائين ياد آهي جئين هڪ قيديءَ کي جيل جون شيخون ۽ هٿڪڙيون ياد پونديون آهن

توهان ٻالڪپڻي ۽ جوانيءَ جي وچ واري زماني کي زندگيءَ جي سونهري دور طور ياد ڪندا هوندائو جنهن ۾ نه ڪنهن ڳالهه جي بندش هئي ۽ نه ئي ڪا پرواهه.

پر مان اهي ڏينهن خاموش اداسيءَ وارن ڏينهن طور ياد ڪندو آهيان، جيڪي هڪ ٻج بنجي منهنجي دل ۾ لهي ويا ۽ اتي ئي ڦٽيا ۽ ويا وڌندا.

اهي خاموش اداسيءَ وارا ڏينهن منهنجي دل تي ڇانيل رهيا ۽ مونکي عقل ۽ دانائيءَ جي دنيا کان تيستائين پري رکيائون جيستائين پيار اچي منهنجي دل جا دروازا کوليا ۽ منهنجي دل جي ڪنڊ ڪڙڇ روشن ڪئي. پيار مونکي زبان ۽ لڙڪ عطا ڪيا،

توهان ماڻهن کي اهي گلن ڀريا باغ ۽ ميوي دار وڻ ياد هوندا جن کي توهان نوجوانيءَ واري دؤر ۾ ڏٺو هوندو. ۽ توهان کي اهي ملاقات جون جايون گهٽين جون ڪنڊُون ۽ موڙ ياد هوندا جيڪي توهان جي راندين ۽ ٻالڪپڻ جي حرڪتن جا شاهد آهن ۽ مونکي پڻ اُتر لبنان جو اهو هنڌ چڱي طرح ياد آهي.

جنهن وقت مان اکيون پوري تصور ئو ڪيان ته بيروت جا اهي نظارا، ساوڪ ڀريون ماٿريون آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ جبلن جون چوٽيون ذهن ۾ فورن اُڀري اچن تا ۽ جڏهن مان شهر جي هُل هنگامي کان پنهنجا ڪن بند ئو ڪيان ته ندين نالن جو اهو شور دڳهن وڻن جي ٽارين جي اها کڙ کڙ مون کي اجا به ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

انهن سيني شين جو تصور منهنجي ذهن ۾ ائين ئو اُڀري اچي جئين ڪنهن کير ڌائڪ ٻار جي ذهن ۾ ماءُ جي ڇاتيءَ جو خيال اچي. اهي سڀ جوانيءَ جون يادون منهنجي دل کي زخمي ڪنديون رهن ٿيون ۽ اهڙي ڪيفيت طاري ڪريو وجهن جئين ڪو پکي پڃري ۾ قيد



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هجي ۽ آسمان تي پنهنجي ئي جنس وارن پکين جا ٽولا گهمندي ڏسندو هجي. انهن ماڻرين ۽ پهاڙين جو تصور منهنجي ويچار ۽ شڪتيءَ کي پڙڪائيندو رهي ٿو ۽ مون کي محسوس ٿو ٿئي ته زندگيءَ جي تلخ تجربن جڻ منهنجي دل جي چوڌاري نراسائيءَ نااُميديءَ جو ڄار وڇائي ڇڏيو هجي ۽ هاڻ حالت اهڙي وڃي رهي آهي جو ساين ٻنين ۽ ساوڪ سان ڀريل ميدانن ۾ نڪري وڃڻ جي باوجود به نراس ۽ نا اُميد ٿي واپس ورندو آهيان ۽ اُداسيءَ جو ڪوبه سبب سمجهه ۾ نه ايندو اٿم ۽ جڏهن نيري آسمان ڏانهن نهاريان ٿو ته پنهنجي دل وسامندي محسوس ٿو ڪيان جڏهن به پکين جي لات يا ڪنهن چشمي جي وهندڙ پاڻيءَ جو آواز ٻڌان ٿو ته مون کي هڪ قسم جي پيڙا محسوس ٿئي ٿي ۽ ان پيڙا جو پڻ ڪو سبب سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچيم. ائين چئي سگهجي ٿو ته ناتجربيڪار انسان ڪوڪلو ٿئي ٿو ۽ ڪوڪلائيءَ جي ڪري وري ماڻهو لاپرواهه ٿيو پوي پر اها ڳالهه فقط انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي پيدائشي طور بيحس آهن پر هڪ حساس شخص جيڪو گهٽ ڄاڻ رکندي به گهڻو ڪجهه محسوس ٿو ڪري هن دنيا ۾ شايد سڀ کان وڌيڪ بدقسمت مخلوق هجي ڇاڪاڻ جو هو ٻنهي پاسن کان ورتل آهي.

هڪ طرف هستيءَ ۽ وجود جو احساس زندگيءَ جو لطف ۽ اهميت ۽ زندگي سان بيحد پيار ڪيس بُلنديءَ طرف اُياري ٿو ۽ منجهس زندهه رهڻ جي خواهش پيدا ڪريو وجهي ته ٻئي طرف جهاليت جي وجود ۽ خوف جهڙا احساس سندس اکين ۾ ڌوڙ وجهي ٿا ڇڏين.

تنهائي به ڏاڍي عجيب شيءِ آهي ڪڏهن دل ۾ درد ۽ پيڙا  پيدا ڪيو وجهي ته ڪڏهن وري غمن کي گهٽائي حوصلو بلند پڻ ڪري ٿي.

هڪ ڇوڪر جو ضمير لاڳيتو دردن ۽ سورن جي چماٽ سهڻ کان پوءِ هڪ اهڙي گُل وانگر ٿيو پوي جيڪو ڪنهن سبب ٽڙي نه سگهيو هجي ۽ هير لڳڻ کان اڳ ئي دهلجي ويو هجي يا رات جو پاڇو پوڻ کان اڳ ئي ڪومائجي ويو هجي ۽ بدقسمتيءَ سان ان ڇوڪر جي ان وقت ٻي ڪابه وندر نه هجي ۽ نه وري سنا دوست ۽ ساٿي هجنس ته ڇا ٿا سمجهو زندگي جيل جي انهيءَ ڪوٺڙيءَ وانگر ڪانه ٿي پوندي جنهن ۾ سواءِ ڪوريئڙي جي ڄارن جيتن جٺين ۽ ڪُهُٽ جي ٻيو ڪجهه به نه هجي.

غم جيڪو مونکي جوانيءَ ۾ ويڙهي ويو هئو اهو ڪنهن وندر جي نه هئڻ سبب ڪونه هئو ۽ نه وري دوستن جي گهٽتائيءَ سبب هئو. وندر ته آئون ڪابه ڳولهي ٿي سگهيس ۽ سنا دوست پڻ پيدا ڪري ٿي سگهيس.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پر اهو غم هئو ڪنهن به سهاري جي نه هئڻ جو، پيار جي ڪوٽ جو ۽ انهن ٻنهي ڳالهين ڪري احساس تنهائي پيدا ٿي پيو. ۽ انهي ۽ شديد احساس تنهائيءَ سبب ئي راندين ۽ وندر جي ٻين ڳالهين مان منهنجي دلچسپي ختم ٿي ويئي. ۽ احساس تنهائيءَ سبب ئي جوانيءَ جون سڀ اُمنگون ختم ٿي ويون ۽ منهنجي زندگي بينل پاڻيءَ جي انهيءَ تلاءَ وانگر ٿي پيئي جيڪو ٻن پهاڙين جي وچ ۾ هجي جنهن جي صاف پاڻيءَ ۾ انهن پهاڙين جو عڪس نه ٿيندو آهي ۽ آڪاش ۾ گذرندڙ ڪڪرين جو عڪس پڻ ان پاڻيءَ ۾ ٿيندو آهي پر سندس پاڻي هڪ هنڌ بينل هوندو آهي ۽ ڪنهن به طرف وهڻ ڪان مجبور هوندو آهي.

۽ انهيءَ سبب ئي ارڙهن سالن کان اڳ واري زندگيءَ کي مان پهاڙ جي هڪ چوٽيءَ وانگر سمجهندو آهيان ۽ انهي زندگيءَ دوران ئي مون ۾ انساني زندگيءَ جي لاهه چاڙهه، ڦير گهير ۽ گردش کي سمجهڻ جي خواهش پيدا ٿي چڪي هئي ۽ انهيءَ سال ئي آئون نئون ٿي جايو هئس.

جيستائين ڪوبه شخص اهڙي قسم جي تجربي مان نٿو گذري تيستائين هُن جي زندگي ڪتاب جي اڇي ڪاغذ وانگر آهي. انهيءَ سال يعني عمر جي ارڙهن سالن ۾ ئي مونکي محسوس ٿيو ته جڻ جنت جي فرشتن مون تي هڪ حسين دوشيزه جي روپ ۾ اڇي نظر ڪئي هجي ۽ انهيءَ سال ئي مونکي شيطان ۽ شيطانيت جي وجود جو پڻ احساس ٿيو. هڪ اهڙو انسان جيڪو فرشتيءَ ۽ شيطان جي سڃاڻپ جو اندازو پيار ۽ خوبصورتي، بغض ۽ ڪيني جهڙن جذبن مان نه ڪري سگهي انتهائي مورک ۽ بي عقل انسان چئبو ۽ لازمن سندس دل محبت جي حقيقي مفهوم کان خالي هوندي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(2)

# قسمت جو هٿ

انهيءَ خوش قسمت سال جي هڪ بهار جي موسم ۾ آئون بيروت ۾ هئس. باغن ۾ گُل ٽڙيل هئا زمين سائي گاهه سان ڍڪيل هئي ۽ چئوطرف هڪ جنت جو سمان هئو.

نارنگين ۽ صوف جا وڻ خوشبودار ۽ اڇي ٻور سان ٽمٽار هئا ۽ جنت جي ڪنهن حور ڪان گهٽ ڪونه ٿي لڳا هي سڀ نظارا هڪ شاعر جي شاعرانه صلاحيت کي اُڀارڻ لاءِ ڪافي هئا. بهار جي موسم بهرحال هر هنڌ بهار جي موسم ئي هوندي آهي پر هيءَ موسم جهڙي لبنان ۾ ٿئي ٿي شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻئي هنڌ ٿيندي هجي.

بهار هڪ اهڙو روح آهي جيڪو سڄي زمين جو چڪر لڳائي آخر ۾ اچي لبنان مٿان لامارا ڏيئي، هٿ اچي شاهن ۽ پيغمبرن سان ڳالهيون ڪري دريائن سان گڏجي راڳ ڳائي ۽ صنوبر (ديودار) جي پاڪ وڻن سان گڏجي باطني حسن کي ظاهر ڪيو وجهي.

بيروت جيڪو سياري جي گپ ۽ چڪ کان پاڪ اونهاري جي لُڪ ۽ ڌوڙ کان صاف بهار ۾ ته بلڪل هڪ ڪنوار وانگر ٿيو پوي يا اهڙي جل پريءَ وانگر ٿيو پوي جيڪا ڪنهن چشمي جي ڪناري تي ويهي سياري جي اُس ۾ پنهنجا وار سُڪائيندي هجي.

هڪ ڏينهن نيسان (اپريل) جي مهيني ۾ مان پنهنجي دوست جي گهر ويس جيڪو شهر کان ڪجهه پرڀرو هئو اسان ڳالهيون پئي ڪيون ته پنجهٺ سالن کن جي عمر جو هڪ مانائتو شخص گهر ۾ داخل ٿيو، مان ساڻس ملڻ لاءِ اُٿي بيٺس ۽ منهنجي دوست مون سان سندس تعارف ڪرايو ته هي فارس ڪريمي افنديءَ آهي ۽ پوءِ منهنجو پڻ ساڻس تعارف ڪرايو ان پوڙهي شخص هڪ نظر لاءِ مونکي غور سان ڏٺو ۽ پوءِ پنهنجي پيشانيءَ تي هٿ رکيو جڻين ڪا ڳالهه ياد ڪندو هجي يڪدم کِلي اچي منهنجي پير ۾ وينو ۽ چيائين ته ”تون منهنجي عزيز دوست جو پٽ آهين آءُ تنهنجي روپ ۾ پنهنجو پيارو دوست ڏسي خوش ٿيو آهيان.“ هن جا اهي لفظ ٻڌي مونکي دلي طور خوشي ٿيڻ لڳي ۽ گڏوگڏ هلڪو گهٻراهٽ جو احساس پڻ ٿيم ۽ ڪجهه ائين لڳم جڻين ڪنهن پڪيءَ کي طوفان لڳڻ کان اڳ خطري جو احساس ٿي ويندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هن اسان کي منهنجي پيءُ سان سندس دوستيءَ بابت ٻڌايو ۽ ان وقت کي ياد ڪرڻ لڳو جيڪو هن منهنجي پيءُ سان گڏ سندس دوستيءَ ۾ گذاريو هئو.

هڪ پوڙهو شخص پنهنجي جوانيءَ کي ياد ڪري ائين محسوس ڪندو آهي جئين ڪو مسافر ڊگهي سفر کان پوءِ واپس وريو هجي.

هو پنهنجي ماضيءَ جون ڪهاڻيون ٻڌائي ائين خوش پئي ٿيو جئين ڪو شاعر پنهنجو ڪلام ٻڌائي خوش ٿيندو آهي.

هو روحاني طور پنهنجي ماضيءَ ۾ گُم هئو چاڪاڻ جو سندس حال ڏاڍي آرام سان گذري رهيو هئو ۽ مستقبل ۾ قبر جي گم اميءَ واري دؤر بابت هن سيڪجهه سمجهيو ٿئي.

پر ائين يادن کي تازو ڪندي اسان جو هڪ ڪلاڪ ائين ئي گذري ويو جئين باغ ۾ بيٺل وڻن جا پاڇا سائي گاهه تان ٿيندي گذري ويندا آهن.

فارس افندي جڏهن اٿڻ لڳو ته پنهنجو کاٻو هٿ منهنجي ڪلهي تي رکي ساڄو هٿ مون سان ملائيندي چيائين ته ”مان ويهن سالن کان تنهنجي پيءُ کي نه ڏٺو آهي اميد ته تون منهنجي گهر اچي منهنجي اها سڪ پوري ڪندين“ ۽ مان پنهنجي مرحوم پيءُ جي پياري دوست سان سندس گهر اچڻ جو واعدو ڪيو. جئين ئي هو بزرگ شخص اتان هليو ويو ته مون پنهنجي دوست کان سندس باري ۾ وڌيڪ پڇيو منهنجي دوست وراڻيو ته مونکي ٻيو ڪوبه اهڙو شخص ڪونه سُجهي جنهن کي سندس دولت مهربان بنائي ڇڏيو هجي ۽ مهربانين ۽ نيڪين هن کي دولت بخشي هجي. ”هي انهن ماڻهن منجهان آهي جيڪي ڪنهن کي به ستائڻ يا تڪليف ڏيڻ کان سواءِ هن دنيا ۾ ايندا آهن ۽ ساڳيءَ طرح هيءَ دنيا ڇڏيندا آهن. پر اهڙي قسم جا ماڻهو هميشهه ڏکويل ۽ پريشان رهندا آهن چاڪاڻ جو هو چالاڪ نه هوندا آهن ۽ انهن سبب ڪري سدائين زماني جي چالبازيءَ جو شڪار رهندا آهن“

فارس افنديءَ جي هڪڙي ڌيءُ آهي اها پڻ اخلاق ۽ عادت ۾ سندس ئي نمونو آهي. سندس خوبصورتي ۽ حسن تعريف کان ٻاهر آهي. پر لڳي ائين ٿو ته هڪ ڏينهن هوءَ پڻ دنيا جي ستم ۽ ظلم جو شڪار ٿي ويندي چاڪاڻ جو پيءَ جي دولت ڪيس اُيي ٽڪريءَ جي ڪناري تي آڻي بيهاري ڇڏيو آهي. اهي لفظ ادا ڪندي منهنجي دوست جي چهري تي اداسي ڇائنجي ويئي ۽ رئڻ هارڪو منهن ڪري ڳالهه کي جاري رکيائين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هن ٻڌايو تہ فارس افنديءَ هڪ اعليٰ ظرف وارو انسان آهي پر قوت اراديءَ جي منجهس گهٽتائي آهي تنهن ڪري ماڻهو آسانيءَ سان ڪيس ڌوڪو ڏيئي ويندا آهن ۽ ڏيٽس ذهين هئڻ جي باوجود بہ بيحد فرمانبردار اٿس، اهوئي راز آهي جنهن سبب ڪجهہ ماڻهو پيءُ ۽ ڌيءَ ۽ ٻنهي جي زندگيءَ جي تاڪ ۾ لڳل آهن.

اهو راز هڪ شيطان صفت ماڻهو فاش ڪندو جيڪو هن شهر جو (بشپ) وڏو پادري آهي ۽ سندس شيطانيت انجيل مقدس ۽ مذهب جي پردي ۾ لڪل آهي ۽ ماڻهن کي هر طرح سان يقين ڏياري ڇڏيو اٿائين تہ پاڻ هڪ وڏو مهربان ۽ اعليٰ صفت انسان آهي.

هن مذهبي سرزمين تي هو مذهب جو وڏو اڳواڻ سمجهيو ويندو آهي. ماڻهو سندس هر حڪم بنا سوچ سمجهہ جي مڃيندا آهن ۽ سندس پُنيان عبادت ڪندا آهن هو بہ ماڻهن کي رڍن جي ڌڻ جيان ئي سمجهندو آهي ۽ جهڙيءَ ريت رڍ يا ٻڪريءَ کي ڪوس گهر ڏي وٺي وڃبو آهي اهڙيءَ طرح هو سندن اڳواڻي ڪندو آهي. هن وڏي پادريءَ جو هڪ ڀائيٽو آهي جيڪو پڻ هر طرح هڪ قابل نفرت شخص آهي اهو ڏينهن جلد اچڻ وارو آهي جڏهن وڏو پادري ساڄي پاسي پنهنجي ڀائيٽي کي ۽ کاٻي پاسي فارس افنديءَ جي ڌيءَ کي ويهاريندو آهي ۽ پنهنجي شيطاني هٿن سان شاديءَ جو هار سندن ڳچيءَ ۾ پارائيندو.

هڪ پاڪ ۽ ڪنواري دوشيزه کي هڪ فحش ۽ بدمعاش شخص ساڻ شاديءَ جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌي ڏينهن جي روشنيءَ کي رات جي اوندهہ ۾ دفن ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ منهنجي دوست چيو تہ اهو هئو سمورو احوال فارس افنديءَ ۽ سندس ڌيءُ بابت سو توکي ٻڌائي چڪس هاڻ وڌيڪ مونکان ڪجهہ بہ نہ پُڇ.

اها ڳالهہ ٻڌائي منهنجي دوست دريءَ مان ٻاهر نهارڻ شروع ڪري ڇڏيو ائين ٿئي لڳو جڻ ڪائنات جي حسن بابت غور ڪري انساني وجود جو مسئلو حل ڪرڻ چاهيندو هجي. مان موڪلائڻ وقت ڪيس ٻڌايو تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ آئون پنهنجو واعدو پورو ڪرڻ ۽ پيءُ جي دوستي خاطر فارس افنديءَ جي گهر ويندس، منهنجي دوست مون کي هڪڙي نظر سان ڏٺو ۽ منهنجي منهن ۾ ٿيندڙ تبديليءَ کي محسوس ڪري ورتائين ائين محسوس ٿيو جڻ منهنجي انهن لفظن ڪري ڪو نئون خيال سندس ذهن ۾ اُڀري آيو هجي ۽ هن معنيٰ خيز انداز ۾ مون ڏي نهاريو پر اهڙيءَ طرح سندس نهارڻ ۾ پيار هئو همدردي هئي ۽ خوف جو احساس پڻ. واقعي هڪ پيغمبرانہ نظر هئي ۽ مونکي ائين محسوس ٿيو جڻ ڪيس ايندڙ سيني واقعن جي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

خبر پئجي ويئي هجي. مون ڏٺو ته هو پنهنجن چپن ۾ ڪجهه پٽڪيو پر هن مونکي ڪجهه به نه چيو آئون دروازي طرف هليو آيس ۽ هو مونکي ڏسندو رهيو ۽ آئون هليو آيس.

تجربن جي هڪ دنيا مان گذرڻ ڪانپوءِ، ذهني طور تي بالغ ٿيڻ کان پوءِ ۽ عقل جي انهيءَ حد تائين پهچڻ ڪانپوءِ جتي دليون دلين جو مطلب پاڻيهي سمجهي وينديون آهن مونکي پنهنجي دوست جي ان ڏينهن واري معنىٰ خيز نظر جو مطلب سمجهه ۾ آيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(3)

# قربان گاهہ تي حاضري

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن تنهائيءَ جو احساس وري مون تي ڇائنجي ويو، ڪتاب ۽ انهن ۾ بيان ڪيل تلخ حقيقتن کي پڙهي پڙهي ٿڪجي پيس تہ هڪ گاڏي ڀاڙي تي ڪري فارس افنديءَ جي گهر وڃڻ جو سوچيم ۽ ڪوچوان کي هلڻ لاءِ چيم، جڏهن نارنگين جي انهن باغن وٽ پهتاسين جتي ماڻهو پڪنڪ ملهائڻ اڪثر ايندا آهن تہ ڪوچوان هڪ نئون رستو ورتو جنهن جي ٻنهي پاسي بيدمشڪ جا وڻ هئا ۽ چئو طرف سائو گاهہ ۽ ڊاک جون وليون ڦهليون پيون هيون، نيسان جا رنگارنگي گل چئوطرف ٽڙيا پيا هئا.

ڪجهہ دير ۾ گاڏي هڪ باغ جي وچ ۾ ٺهيل اڪيلي گهر وٽ اچي بيٺي جت هوا مان گلاب، چنبيلي، موتئي ۽ مگري جي خوشبوءَ رکي رکي ٿي آئي.

جئين ئي مان شاندار ۽ ڪشادي باغ ۾ لٿس تہ فارس افنديءَ کي پنهنجي طرف ايندي ڏٺم ۽ هن ڏاڍي حب مان اچي منهنجي مرحبا ڪئي ۽ مونکي اندر گهر ۾ وٺي آيو ۽ اچي پنهنجي پرسان ويهاريائين جئين ڪو خوش مزاج پيءُ پنهنجي پٽ کي پنهنجي پر ۾ ويهاريندو آهي.

هن منهنجي زندگيءَ بابت سوالن جو سلسلو شروع ڪري ڏنو، منهنجي تعليم بابت، مستقبل ۽ ارادن بابت پڇندو ويو ۽ مان بہ کيس جواب ڏيندو ويس منهنجو آواز پيار ۽ عزم سان ڀريل هئو ۽ ائين پئي لڳو جئين پر اميد سپنن جي پرسڪون سمنڊ ۾ آئون ترندو هجان مهنجي ڪنن ۾ ڪو شادمانيءَ جو نغمو پئي وڳو جيڪو آئون چوندو پئي ويس. اچانڪ هڪ حسين دوشيزه رزق برق جي لباس ۾ دروازي تي پيل مخمل جي پردي پنيان ظاهر ٿي ڪيس پنهنجي طرف ايندو ڏٺم، آءُ ۽ فارس افنديءَ پنهنجي جاين تان اُٿي بيناسين. ”هي منهنجي ڌيءَ سلمىٰ آهي.“ پير مرد چيو ۽ پوءِ اهو چوندي تہ قسمت مونکي منهنجو پراڻو دوست سندس پُٽ جي روپ ۾ موٽائي ڏنو آهي. منهنجو پڻ تعارف ڪرايو. سلمىٰ مون تي ائين نظر وڌي جڻ شڪ هجيس تہ ڪو مهمان سندس گهر آيو آهي، جئين ئي مون سان هٿ ملايائين تہ سندس هٿ کي ڇهندي سوسن گل جي ڇهاءَ جو احساس ٿيو. پنهنجي دل ۾ ڪا شيءِ چيندي محسوس



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪيم ۽ دل ۾ منٺي درد جو پڻ احساس ٿيو ۽ پوءِ اسان خاموشيءَ سان ويهي رهياسين ائين لڳو جڻ جنت مان ڪا قابل تعظيم شخصيت سلميٰ جي روپ ۾ آئي هجي ۽ سندس تعظيم لاءِ چند گهڙين جي خاموشي لازمي هجي ۽ جڏهن ڪيس انهيءَ خاموشيءَ جو احساس ٿيو ته مون ڏي منهن ڪري چيائين ته ڪيترائي دفعا بابا جوانيءَ جي ذڪر ۾ تنهنجي پيءُ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ سندس دوستيءَ ۾ جيڪي به ڏينهن گذاريا آهن تن ڪي ياد ڪندو رهندو آهي جيڪڏهن تنهنجي پيءُ به تون سان هن قسم جو ذڪر ڪيو آهي ته پوءِ هيءَ اسان جي پهرين ملاقات نه آهي.

پير مرد پنهنجي ڌيءَ ڪي اهڙيءَ ريت ڳالهائيندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته سلميٰ ڏاڍي نازڪ مزاج ۽ جوشيلي ڇوڪري آهي ۽ هر شيءِ ڪي دل جي اکين سان ڏسندي آهي. پوءِ پير مرد خيال ۽ احتياط سان گفتگوءَ ڪي اڳتي وڌايو مون محسوس ڪيو ته ڪيس مون ۾ پڻ ڪا ڪشش محسوس ٿي رهي آهي جنهن ڪري سندس پراڻيون يادون تازيون ٿينديون پئي ويون.

جئين مان هن ڪي منهنجي مستبقل بابت پور پچائيندي محسوس ڪيو هن مونکي هڪ جهوني ۽ شاهي وڻ وانگر گهورڻ شروع ڪيو جيڪو طوفان ۽ گرمي سرديءَ جون تڪليفون سهي به پنهنجي پاڇي ۾ بينل نديڙن نديڙن ڪچن ٻوٽن ڪي اهڙي قسم جي تڪليفن کان پناهه ۾ رکندو آهي، نه ته هوند اهي نيڊڙا ٻوٽا صبح جو ٿڌي هير لڳڻ سان ئي ڏڪي وجن.

سلميٰ خاموش هئي ۽ موقعو وني هن ڪڏهن ڪڏهن مونکي ڏنو پئي ۽ ڪڏهن وري هن پنهنجي پيءُ ڪي ٿي ڏٺو جڻ زندگيءَ جي سموري ڊرامي جو پهريون ۽ آخري باب پڙهڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

باغ ۾ ويني ويني ڏينهن تمام تيزيءَ سان گذري ويو ۽ مون اچانڪ دريءَ مان ٻاهر سج جا آخري ڪرڻا لبنان جي جبلن تي پوندي ڏٺا، سانجهيءَ وقت انهيءَ انداز ۾ لبان جي جبلن ڪي چمڪندو ڏسي مون ڪي هلڪو خوف محسوس ٿيو. فارس افنديءَ پنهنجا تجربا دهرائيندو رهيو ۽ مان بي خوديءَ ۾ اچي ايڏي ته اتساهه سان سندس ڳالهيون ٻڌندو رهيس جو سندس ڏک خوشيءَ ۾ بدلجي ويا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سلميٰ دريءَ وٽ وڃي خاموشيءَ سان ويھي رھي ۽ ڏک ڀرين اکين سان نھاري رھي ھئي.

”حسن ڪي ٻہ پنھنجي زبان آھي جيڪا چپن جي زبان کان گھڻو مٿانھين آھي، اھا ڪمھلي ۽ اڻ مدائتي زبان سڄي انسان ذات ۾ مشترڪ آھي.“

”خاموش ۽ ٻيٺل ڍنڍ گوڙيلين ندين کي پنھنجي طرف ڪشش ڪري پنھنجي سيني ۾ سمھاري خاموش ڪري ڇڏيندي آھي اوھان ڏٺو ھوندو تہ گوڙيليون نديون خاموش ڍنڍ ۾ چوڙ ڪري سندس تري ۾ ڪئين نہ خاموش ٿي سمھي رھنديون آھن.“

صرف اسان جو روح يا آتما ئي حسن ۽ جمال جي اصل حقيقتن کي سمجھي سگھن ٿا، حسن ۽ جمال اسان جي ذھن لاءِ مونجھارو پڻ پيدا ڪن ٿا. حسن ۽ جمال جي صحيح وصف لفظن ۾ بيان ڪرڻ ناممڪن آھي.

”ھي اھڙو احساس آھي جنھن کي اسانجون ظاھري اکيون شايد ٻہ نہ پرکي سگھن ھي صرف طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ پيدا ٿيندو آھي.“

حقيقي حسن ھڪ اھڙو ڪرڻو يا ترورو آھي جيڪو وڏ کان وڏ پارسا متقي ۽ پرھيزگار شخص جي دل ۾ گھڙي سگھي ٿو ۽ انسان جا چارئي طبق روشن ڪريو وجھي ھي انساني زندگي ۾ ٻہ اھوئي ڪردار ادا ڪري ٿو جئين ڪنھن گل ۾ داخل ٿي گل کي رنگين ۽ خوبصورت بنائي ڇڏيندو آھي حقيقي جمال ھڪ اھڙو روحاني جذبو آھي جيڪو وجود رکي ٿو ۽ پيار جو روپ وٺي ھڪ مرد ۽ عورت جي وچ ۾ ظاھر ٿيو پوي.

ڇا منھنجي ۽ سلميٰ جي دلين ان ڏينھن ئي ھڪ ٻئي تائين رسائي حاصل ڪري ورتي ۽ ان آرزوءَ سبب ئي سلميٰ مون کي دنيا جي حسين ترين عورت نظر آئي؟ يا آئون جوانيءَ جي نشي ۾ ھئس ۽ عشق جھڙو جذبو منھنجي دل ۾ پيدا ٿي پيو يا جوين منھنجي اکين تي پردا ڪرائي ڇڏيا جو مونکي رڳو سندس اکين جي جوت نظر پئي آئي؟

سندس اکين جي جوت، زبان جي شيرينيءَ ۽ جسماني سونھن ان ڏينھن منھنجيون اکيون کولي ڇڏيون ۽ پيار جي خوشيءَ ۽ غم جا سڀ روپ مون تي ظاھر ٿي پيا.

انھن سيني پيدا ٿيندڙ سوالن جا جواب ڏيڻ ڏاڍو مشڪل آھي پر مان سچائيءَ سان چوان ٿو تہ ان گھڙيءَ مان جيڪو ڪجھ محسوس ڪيو ان کان اڳ ائين ڪڏھن ٻہ نہ ٿيو ھئو. ھڪ نئون قرار ڏيندڙ جذبو منھنجي دل ۾ ائين پيدا ٿي پيو جئين زمين جي وجود کان پوءِ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مٿس پاڻي وجود ۾ آيو ۽ انهيءَ الفت جي جذبي سان ئي منهنجي خوشين ۽ غمن ان ڏينهن کان جنم ورتو.

جڏهن سلميٰ سان ملاقات جو اهو پهريون دؤر ختم ٿيو ته ائين محسوس ٿيم ڄڻ بهشت وارا مونکي تنهائيءَ جي قيد مان آزاد ڪري پيار جي دنيا ۾ قدم رکڻ لاءِ راضي ٿي چڪا آهن.

”پيار ئي اهڙو جذبو آهي جيڪو آتما کي جاڳائي ٿو، انسانن ۽ قدرت جا ٺاهيل قانون سندس رستو ڦيرائي نٿا سگهن.“ آئون جڏهن پنهنجي گهر موٽڻ لاءِ اُٿيس ته فارس افندي اُٿي بيٺو ۽ چيائين ته پٽ هاڻ توکي هن گهر جي رستي جي خبر آهي ۽ ايندو رهجانءِ ۽ ائين سمجهه ڄڻ هي تنهنجي سڳي پيءُ جو گهر آهي. اڄ کان پوءِ مونکي پنهنجو پيءُ ۽ سلميٰ کي پنهنجي ڀيڻ، اهو چوندي هن سلميٰ ڏي نهاريو ڄڻ پنهنجي ادا ڪيل جملي جي ڪائنس پڪ ڪندو هجي، سلميٰ هائوڪار ڪئي ۽ هڪ دفعو مون ڏي ائين نهاريو جئين ڪو پنهنجو پراڻو سڃاڻو ڳولي وٺندو آهي.

فارس افنديءَ جي زبان مان نڪتل انهن آخري لفظن ڄڻ مونکي ۽ سندس ڌيءَ کي پيار جي قربانگاه تي آڻي بيهاري ڇڏيو هجي.

اهي لفظ اهڙي نغمي وانگر لڳم جيڪو شادمانيءَ سان شروع ٿي آخر ۾ روج ۽ ماتم تي ختم ٿيو هجي. انهن لفظن اسان جي دلين کي روشنيءَ جي عروج ۽ زوال تائين پهچايو اهي شراب جي انهيءَ پيالي وانگر لڳا جنهن جي پيئڻ ۾ مزو به هو ته ڪوڙاڻ به هئي.

مان ٻاهر نڪتس ۽ پير مرد مون سان باغ جي ڇيڙي تائين گڏ آيو ۽ منهنجي دل سخت اُڇايل ماڻهوءَ جي ڇپن جيان ٿڙڪندي رهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(4)

# سفيد روشني

نسيان جو مهينو گذري ويو منهنجو فارس آفنديءَ جي گهر وڃي ان خوبصورت باغ ۾ سلميٰ سان ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو، آئون سندس حسن، دانائي ۽ طبيعت ۾ سانت ۽ درد ڏسي عجب ڪائيندو رهيس ۽ ائين محسوس ٿيندو رهيو ڄڻ ڪو لڪل هٿ مونکي سندس طرف ڇڪيندو هجي.

هر ملاقات سندس جمال جو هڪ نئون روپ ظاهر ٿي ڪيو ۽ سندس مٺي طبيعت جي هڪ نئين پرک عطا ڪئي ۽ آهستي آهستي هوءَ مون لاءِ هڪ اهڙي ڪتاب وانگر ٿي ويئي جنهن کي آئون پڙهي ۽ سمجهي ته سگهيس پئي پر ان ڪتاب کي پڙهي پورو ڪرڻ منهنجي وس ۾ نه هئو.

”هڪ عورت جنهن کي پروردگار جسماني ۽ روحاني حسن عطا ڪيو آهي اها سچ آهي.“ ساڳي وقت آشڪار ۽ اسرار آهي، جنهن کي اسان صرف پيار سان ئي سمجهي سگهون ٿا ۽ ڪيس پاڪدامنيءَ سان ئي ڇهي سگهجي ٿو.

اهڙي عورت کي جيڪڏهن ڪو لفظن ۾ بيان ڪرڻ چاهيندو ته ذهن جي پردي تان سندس تصور ئي غائب ٿي ويندو ۽ بيان ڪندڙ ڪڏهن به پنهنجي خيال کي بيان ڪري مطمئن نه ٿي سگهندو.

سلميٰ ڪريمي جسماني ۽ روحاني طور خوبصورت هئي پر ڪنهن اهڙي شخص جي سامهون جنهن ڪيس ڏٺو نه هجي سندس حسن کي ڪهڙيءَ طرح بيان ڪجي منهنجي وس کان ٻاهر آهي.

ڇا ڪنهن مئل شخص کي رات جو پکيءَ جو راڳ گلاب جي گل جو جهولڻ يا چشمي جي پاڻيءَ جو آواز ياد هوندو آهي؟

ڇا ڪو اهڙو قيدي جنهن کي هٿڪڙيون لڳل هجن صبح جي هير لڳڻ مان مزو وٺي سگهندو؟

ڇا خاموشي موت کان وڌيڪ تڪليف ده نه آهي؟



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڇا تڪبر مون کي سادن لفظن ۾ سلميٰ کي بيان ڪرڻ ڏيندو جيستائين وجي آءُ سچائيءَ سان سندس روشن نقشو بيان ڪرڻ جي قابل ٿيان. ريگستان ۾ هڪ بکايل شخص سُڪي ماني ڪائڻ ڪان ڪڏهن به ڪونه کيہائيندو جيستائين وجي جنت مان من و سلوا جي مٿس بارش ٿئي.

اڇي ريشمي لباس ۾ سلميٰ چنڊ جي ان چانڊوڪيءَ وانگر لڳندي هئي جيڪا گهر جي ڪنهن دريءَ مان ڪمري ۾ داخل ٿيندي آهي هوءَ وڏي ناز سان هلندي هئي سندس آواز ۾ جهيڻائپ ۽ مناس هوندو هئو. سندس چپن مان نڪتل لفظ ماڪ جي انهن ڦڙن وانگر هوندا هئا جيڪي گل جي نازڪ پتين تان هير لڳڻ ڪري ٽمي ڪري پوندا آهن، سندس چهري کي لفظن ۾ بيان ڪري نٿو سگهجي ائين ڪٿي سمجهڻ کپي ته سندس اندروني عظمت جو آئينو ۽ بهشت جي شان ۽ سرفرازيءَ جو هڪ مثال.

سلميٰ جي چهري جي سوپيا ڪا قديمي طرز جي نه هئي اها هڪ الهامي خواب وانگر هئي جنهن جو مثال ڏيڻ مشڪل آهي، جنهن کي مصور جي برش سان نقل ۽ قيد ڪرڻ ناممڪن هئو.

سندس خوبصورتي سندس سونهن وارن جي ڪري نه پر اها سندس سچائيءَ ۽ پاڪدامنيءَ جي ڪري هئي.

سندس خوبصورتي اکين جي ڪري نه پر انهن اکين مان جيڪي روشني ڦٽي ٿي نڪتي انهيءَ سبب هئي، سندس گلابي چپن سبب نه پر سندس گفتار ۾ شيرينيءَ سبب هئي سندس سهڻي ڳچيءَ سبب نه پر سندس نوراني پيشانيءَ سبب هئي ۽ نه وري اها خوبصورتي سندس چهري جي نقش سبب هئي جيڪا سفيد روشنيءَ وانگر زمين ۽ آسمان وچ ۾ ڦٽي ٿي نڪتي، سندس خوبصورتي هڪ شاعراڻو تحفو هئي.

”شاعر هڪ اهڙو شخص هوندو آهي جيڪو بنا ڪنهن سبب جي به غمگين رهندو آهي ۽ جيتري ئي سندس سوچ گهري هوندي هو ايترو ئي لڙڪن جي لباس ۾ وڌيڪ ويڙهيل هوندو.“

سلميٰ سوچيندي گهڻو هئي پر ڳالهائيندي گهٽ هئي، سندس خاموشي پڻ هڪ اهڙو ساز هئي جيڪا ڪنهن شخص کي سپنن جي دنيا ۾ ان منزل تائين پهچائي ڇڏي جتي دل جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڏڙڪڻ جو آواز چٽو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ سپنا ايترو تہ چٽا ٿي ويندا آهن جو حقيقت وانگر محسوس ٿيڻ لڳندا آهن.

پاڻ سڀني زندگي دردن جو چوغو پائي رکيائين جنهن سندس حسن ۽ شان ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو جئين ٻور سان ڀريل ميوي دار وڻ صبح جو سج اڀرڻ کان اڳ وڌيڪ پيارو لڳندو آهي.

غم اسان جي دلين کي هڪٻئي سان ملائي ڇڏيو ۽ اسان هڪٻئي جي دلين جي ڌڙڪڻ ۽ اندر جي لڪل پڙلائن کي سمجهڻ لڳاسين ۽ ان حد تي پهچي وياسين جت ٻہ جسم هڪ جان ٿي ويندا آهن جدائيءَ جو صرف تصور بہ ڇپڻ لڳندو آهي ۽ عذاب محسوس ٿيندو آهي.

درد ڀريون دليون هڪٻئي سان ملي فرحت محسوس ڪنديون آهن ۽ پيار مان ائين ملنديون آهن جڻ ٻہ ديس واسي جيڪي هوندئن تہ اڻ واقف هجن پر ڪنهن پرائي ديس ۾ هڪٻئي سان اوچتو ملي خوش ٿيندا آهن. دليون جيڪي غم ۽ درد سبب ملي هڪ ٿين ٿيون انهن کي خوشيءَ جا نغما ڪڏهن بہ جدا ڪري نہ سگهندا ۽ پيار جڏهن لڙڪن سان ڌوپجي پاڪ ٿئي ٿو تہ ابدي ٿيو پوي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(5)

# آنڌي

هڪ ڏينهن فارس آفنديءَ مونکي پنهنجي گهر دعوت ڏني، مون پنهنجو روح بکيو محسوس ڪيو اهڙي آسماني طعام لاءِ جيڪو بهشت وارن سلميٰ جي هٿان نهرايو هجي ۽ جيترو به کائجي ته به بک نه لهي.

هي اهو طعام هو جيڪو عرب جي قيس، دانتيءَ ۽ ساپفوءَ جهڙا شخص چکيءَ چُڪا هئا اهڙو طعام جنت جون حورون چمين جو مناڻ ۽ لڙڪن جي چهراڻ ملائي تيار ڪنديون آهن آءُ جئين ئي فارس افنديءَ جي گهر پهتس ته سلميٰ کي باغ ۾ وڻ سان ٽيڪ ڏيئي وينل ڏٺم هوءَ سفيد ريشمي لباس ۾ مون کي ڪنوار لڳي. خاموشيءَ ۽ ادب سان آئون سندس پر ۾ وڃي ويهي رهيس، ڳالهائي ڪونه پئي سگهيس سو خاموشيءَ کان ڪم ورتم جيڪا دل جي زبان آهي پر جلد ئي محسوس ڪيم ته سلميٰ منهنجو بي آواز سڏ ٻڌي ورتو آهي ۽ منهنجي اندر جي اُڌمن کي اکين سان محسوس ڪري ورتو آهي.

ٿوري دير ۾ ئي پير مرد اچي ويو ۽ هميشهه وانگر ڏاڍي قرب سان مليو ۽ مون طرف هٿ وڌايائين ته ائين محسوس ٿيم ته جڻ انهيءَ اسرار جي سلامتيءَ لاءِ دعا گهرندو هجي جنهن مونکي ۽ سندس ڌيءَ کي پاڻ ۾ ملايو هئو. ۽ پوءِ هن چيو ته ماني تيار آهي منهنجا ٻچڙئو اچو ته گڏجي کائون ۽ اسان سندس پويان لڳاسين.

سلميٰ جي اکين ۾ چمڪ هئي جو سندس پيءُ اسان کي پنهنجا ٻچڙا چئي پيار ۾ هڪ نئون تاثر پيدا ڪري وڌو هئو. اسان ٽيبل تي ويهي ڏاڍي مزي سان ماني کائي رهيا هئاسين ۽ پراڻي شراب جا ڍُڪ پري رهيا هئاسين ۽ مستقبل جي دشوارين بابت سوچي رهيا هئاسين.

ٽي انسان فڪر جي دنيا ۾ الڳ الڳ پر پيار جي دنيا ۾ ڳنڍيا پيا هئا. اهڙا ٽي انسان جيڪي معصوم ۽ سادا هئا جذباتي وڌيڪ ۽ چالاڪ گهٽ هئا.

اهو ڊرامو ٽن فردن جي وچ ۾ ٿي رهيو هئو هڪ پير مرد جنهنکي پنهنجيءَ ڌيءُ سان بيحد پيار هئو، هڪ ويهن سالن جي دوشيزه جنهن کي مستقبل جو فڪر هئو ۽ هڪ نوجوان جيڪو اڪثر سپنن جي دنيا ۾ رهندو هو جنهن اڃا تائين زندگيءَ جي شراب جو مزو نه چکيو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هئو ۽ چاهيائين ٿي ته پيار ۽ جاڻ جي دنيا ۾ انتها تائين پهچي پر اجا تائين هو پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ جي قابل نه هئو.

نما شام جي مهل اڪيلي گهر ۾ ويهي اسان ڏاڍي مزي سان ڪائي پي رهيا هئاسين ائين پئي لڳو ته جڻ جنت وارا اسان جي حفاظت ڪري رهيا هجن پر اسان اڻ ڄاڻ هياسين.

هاءِ اسان جي گلاسن جي تري ۾ تلخيءَ ۽ پيڙا جهڙيون شيون لڪل هيون جن جي اسان کي خبر ڪانه هئي.

جڏهن اسان ڪائي پي واندا ٿياسين ته هڪ خادم اچي ٻڌايو ته فارس افنديءَ سان ڪو ملڻ آيو آهي، ڪير آهي پير مرد پُڇيو. وڏي پادريءَ جو قاصد آهي خادم جواب ڏنو ٿوري دير خاموش رهي پوءَ هن پنهنجي ڌيءَ ڏانهن ائين نهاريو جڏهن ڪو پيغمبر خدائي راز معلوم ڪرڻ لاءِ آسمان ڏانهن نظر ڪٽي.

جڏهن خادم ٻاهر ويئي چمڪندڙ لباس ۾ هڪ شخص جنهن جون مڇون وينل هيون ظاهر ٿيو هن پير مرد کي ادب سان سلام ڪيو ۽ چيائين ته منهنجي آقا وڏي پادريءَ اوهان ڏي موڪليو اٿم ۽ سندس بگي پڻ اوهان لاءِ موڪلي اٿائين شايد ڪا ضروري ڳالهه اوهان سان ڪرڻي اٿس.

پير مرد جو منهن ڪومائجي ويو ۽ منهن تان مرڪ اڏامي ويس، ٿوري دير سوچي مون کي چيائين ته اميد اٿم منهنجي واپس اچڻ تائين تون هت ترسندين جڏهن سلمىٰ کي اڪيلائيءَ جو احساس نه ٿئي. اهو چوندي سلمىٰ ڏي منهن ڪري مُرڪندي سندس رضامندي معلوم ڪيائين سلمىٰ هائوڪار ڪئي پر سندس ڳل حجاب کان گلابي ٿي ويا ۽ سُريلي آواز ۾ جواب ڏنائين ته بابا آءُ پنهنجي مهمان کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪنديس. پير مرد روانو ٿيو ته پيءُ ۽ قاصد کي تيستائين ڏسندي رهي جيستائين گاڏي غائب نه ٿي ويئي.

ان کان پوءِ سائي رنگ واري مخمل جي ديوان تي منهنجي سامهون اچي ويٺي جڻ سائي ٽاريءَ ۾ چنبيليءَ جو گل، شايد قدرت جي طرفان اها رات اسان کي ان گهر ۾ گڏ گذارڻي هئي، جتي خاموشي، پيار حسن ۽ آرزوءَ جهڙا جذبا اچي گڏ ٿيا هئا.

اسان هڪ ٻئي جي ڳالهائڻ جو انتظار ڪري رهياسين ۽ خاموش ٿي ويهي رهياسين، ڪن به ٻن آتمائن کي هڪٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ گفتگو جي ضرورت نه هوندي آهي، ٻن دلين کي ٻُڌڻ لاءِ آواز يا لفظن جي ضرورت نه هوندي آهي، دلين جي ڳانڍاپي ۾، خاموشي زبان ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

چپن ڪان وڏيڪ ڪردار ادا ڪندي آهي ۽ خاموشي ئي حقيقت ۾ دلين ڪي هڪٻئي جي ويجهو آڻيندي آهي. اها خاموشي انسان کي جسماني قيد مان آزاد ڪري لامحدود روحاني فضا يعني ناهه ۾ آڻيو بيهاري جتي ماديت هڪ قيد ۽ بند محسوس ٿيندي ۽ هي دنيا جڻ جلاوطني لڳڻ لڳندي آهي. سلميٰ جئين ئي نظر مٿي ڪنئي سندس اکين دل جو راز کولي ڇڏيو ۽ پوءِ پنهنجي ترنمي آواز ۾ چيائين ته اچ ته باغ ۾ هلي ويهون ۽ ڏسون ته چنڊ ڪئين ٿو جبلن جي پُٺيان ظاهر ٿو ٿئي. آءُ فرمانبرداريءَ سان اُٿيس پر ٿورو هٻڪي پيس چيومانس ته جيستائين چنڊ پورو نڪري ظاهر ٿئي ۽ باغ ۾ چانوڊڪي ٿي وڃي اسان جيڪر هت ئي ويٺا رهون ته بهتر ٿيندو اونداهه ۾ ته نڪو ڪو گل ئي نظر ايندو ۽ نه وري ڪو ٻوٽو. سلميٰ جواب ڏنو ته اونده گل ۽ ٻوٽا ته لڪائي سگهي ٿي پر اسان جي دلين ۾ موجود پيار کي ته لڪائي ڪانه سگهندي عجب انداز ۾ ائين چوندي دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳي. مان خاموشيءَ سان سندس چيل لفظن تي غور ڪرڻ لڳس ۽ سچائيءَ سان هر لفظ جي تور تڪ ڪرڻ لڳس ۽ سلميٰ مون کي ائين ڏسڻ لڳي جڻ ادا ڪيل لفظن تي پڇتائيندي هجي ۽ نظر سان لفظن جو اثر ضايع ڪرڻ جي ڪوشس ڪندي هجي پر بجاءِ ضايع ٿيڻ جي، اهو اثر منهنجي دل تي هميشهه لاءِ ويهي ويو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين رهندو.

هر جمال ۽ عظمت هن دنيا ۾ اسان جي هڪ خيال يا اندر جي هڪ جذبي جي پيداوار آهي، هر اها شيءِ جيڪا اڄ اسان ڏسون ٿا پنهنجي ظهور ڪان پهرين ڪنهن مرد جي ذهن جو خيال يا ڪنهن عوت جي دل جي ڌڙڪ جي پيداوار آهي اهي سيئي خوني انقلاب جنن انسان جي ذهن کي آزادي طرف موڙيو آهي ڪنهن فرد واحد جي هڪ خيال جي پيداوار آهن. ”هڪ خيال اهڙو خيال جيڪو هزارين دلين ۾ هوندو آهي.“

اهي جنگيون جن وڏيون وڏيون بادشاهيون ڊاهي ڦٽيون ڪيون فرد واحد جي خيال سبب لڳيون. اها بالاتر تعليم جيڪا انساني تاريخ جو رُخ موڙي ڇڏيندي آهي ڪنهن اهڙي شخص جي خيالن سبب هوندي آهي جيڪو پنهنجي اعليٰ ذهانت سبب ٻين کان مختلف هوندو آهي. مصر جي اهرامن جو وجود اهڙي خيال سبب آهي، اسلام جهڙي مقدس مذهب جو وجود هڪ اهڙي شخصيت سبب آهي ۽ وري ڏسون ته ساڳي وقت اهڙو خيال مصر جو ڪُتب خانو ساڙي ڇڏي ٿو. اهڙوئي هڪ تصور توهان کي هڪ رات ۾ تصوف جي معراج تي پهچائي ڇڏيندو ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اهڙي ئي هڪ عورت جي نگاهه اوهان کي دُنيا جو خوشقسمت ترين شخص بنائي ڇڏيندي ۽ ڪنهن مرد جي واتان چيل اهڙو ئي جملو فريبيءَ يا اميريءَ جي انتها تائين پهچائي ڇڏيندو.

لفظ جيڪي سلمىٰ ادا ڪيا تن مونکي ماضيءَ ۽ مستقبل جي وچ ۾ آڻي بيهاري ڇڏيو، هڪ اهڙي ٻيڙيءَ وانگر جنهن کي سمونڊ جي وچ ۾ آڻي بيهاري ڇڏجي، انهن لفظن مونکي جوانيءَ جي نشي مان جاڳائي اهڙي منزل تي آڻي بيهاري ڇڏيو جتي موت ۽ زندگيءَ جي وچ ۾ ڪشمڪش هوندي آهي.

جڏهن ئي اسان باغ ۾ داخل ٿياسين هوا مان گلن جي خوشبوءِ اچي رهي هئي. ياسمين جي وڻن وٽ اچي اسان بينچ تي ويهي رهياسين، اسان فطرت جي ساهه کڻڻ جو آواز ٻڌي رهيا هئاسين ۽ آسمان وارا بهشت مان اهو سمورو نظارو ڏسي رهيا هئا. پهاڙين جي پويان جڏهن چنڊ ظاهر ٿيو ته سڄي وادي روشن ٿي ويئي ۽ اهو منظر خالصتن جادوئي لڳو جڏهن اڳ ڪجهه به نه هجي ۽ هاڻ سڀ ڪجهه ٿي ويو هجي. لبنان جو حقيقي حسن چاندوڪي ۾ ئي ڏسڻ وٽان آهي. مغربي شاعرن جي خيال ۾ لبان صرف داستانن ۽ ڪهاڻين جو ملڪ آهي جنهن جي حيثيت صرف سليمان ۽ دائود جي ڏينهن ۾ هئي، سليمان ۽ دائود کان پوءِ سندس اهميت هڪ گمنام جاءِ وانگر وڃي رهي آهي. جڏهن آدم ۽ هوا جي بهشت مان نڪرڻ کان پوءِ باغ عدن جي وڃي رهي آهي.

انهن مغربي شاعرن لاءِ پڻ لفظ لبنان هڪ شاعرانه اهميت رکي ٿو جنهن جي پهاڙين تي صندل جا وڻ هوندا آهن ۽ جتان صندل ۽ لوبان جي خوشبوءَ ايندي آهي.

هي سنگ مرمر ۽ پتل سان جڙاوت ٿيل لازوال عمارتن جي ياد تازي ڪريو ڇڏي ۽ هرڻن جي انهن ڌڻن جي پڻ ياد تازي ڪريو ڇڏي جيڪي آزاديءَ سان سرسبز وادين ۾ چرندي ڪيترا نه سهڻا لڳندا آهن انهيءَ رات لبنان مونکي پڻ هڪ شاعر جي خواب وانگر محسوس ٿيو.

شين جي خوبصورتي ۽ انهن ۾ ڪشش انسان جي پنهنجي جذبن تي مدار رکي ٿي. انسان جيڪڏهن خوش هوندو ته هر شيءِ پيئي وڻندس ۽ جي ناخوش هوندو ته ڪجهه به ڪونه وڻندس، جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته ڪشش، حسن ۽ جمال جهڙا جذبا انسان جي پنهنجي من ۾ ئي لڪل آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

چنڊ جا ڪرڻا جڏهن سلميٰ جي ٻانهن ۽ ڳچيءَ تي پيا ته هوءَ هڪ خوبصورت مورتيءَ وانگر لڳڻ لڳي جنهن کي حسن ۽ پيار جي ديويءَ عشروت جي ڪنهن پوڄاريءَ جڻ وڏي پيار سان ناهيو هجي.

سلميٰ مونڏي نظر ڪنئين ۽ چيائين ته ڳالهائين ڇو ڪونه ٿو ائين خاموش ڇو آهين پنهنجي ماضيءَ بابت ڪجهه ٻڌاءِ ۽ منهنجي خاموشيءَ اوچتو ختم ٿي ويئي ۽ پنهنجا چپ چوريم چيومانس ته ڇا تو اهو سيڪجهه ڪونه ٻڌو آهي جيڪو آئون باغ ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ چئي چڪو آهيان؟ ٻنهي هٿن سان منهن کي لڪائيندي ترنمي آواز ۾ چيائين ته سيڪجهه ٻڌو اٿم ۽ چڱي طرح ٻڌو اٿم، مان رات جي تنهائيءَ جي آه به ٻڌي ورتي ۽ ڏينهن جي چيخ ۽ پڪار به ٻڌي ورتي، ۽ آئون سوچڻ لڳس ته ها، اها دل جيڪا گُلن جون سرگوشيون ۽ خاموشيءَ جا راڳ ٻڌي سگهي ٿي سا ڪئين نه منهنجي روح جي پُڪار ٻڌي سگهندي ۽ پنهنجي ماضيءَ ۽ وجود کي وساريندي وراڻيومانس ته سلميٰ مان به سڀ ڪجهه ٻڌو پئي ۽ اهو نغمو به ٻڌي ورتو اٿم جيڪو آفرينِ ڪائنات به آهي ۽ دشمنِ حيات به آهي جنهن جي ساز جي آواز سان هيءَ ڪائنات ڏڪي سگهي ٿي ۽ اهي لفظ ٻڌندي ئي هن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ چپ پڪوڙي ورتا پر مان سندس چهري تي اها مرڪ ڏسي ورتي جنهن ۾ غم ۽ خوشيءَ جو گڏيل تاثر هوندو آهي. سلميٰ چيو ته هاڻ خبر پيم ته ڪا شيءِ آسمان ڪان به وڌيڪ بُلند ٿي سگهي ٿي ۽ سمنڊ ڪان وڌيڪ اونهي، موت ۽ زندگيءَ ڪان وڌيڪ عجيب و غريب ٿي سگهي ٿي. انهيءَ وقت سلميٰ مونکي هڪ دوست ڪان وڌيڪ پياري، ڀيڻ ڪان وڌيڪ عزيز ۽ معشوق ڪان وڌيڪ مٺي لڳي. هوءَ منهنجي دل ۾ هڪ بلند خيال، حسين تصور ۽ نازڪ احساس بنجي ويئي.

اهو سوچڻ غلط آهي ته پيار ڪو ڊگهي تعلق رکڻ يا ڪا عشق بازي ڪرڻ سان ٿيندو آهي، هي اهڙو ناتو آهي جيڪو جيڪڏهن ٿيڻ تي اچي ته هڪ گهڙيءَ ۾ به ٿي ويندو نه ته پلي صديون گذري وڃن تڏهن به نه ٿي سگهندو. سلميٰ پنهنجا هٿ ڪٽي اُفق ڏي نهاريو جتي پهاڙين جو سلسلو آسمان سان ملي هڪ ٿي پئي ويو ۽ پوءِ چيائين ته ڪالهه تائين تون جڻ منهنجو ڀاءُ هئين جنهن سان گڏ ويهي ٿي سگهيس پر اڄ مونکي ڀيڻ ۽ ڀاءُ واري رشتي ڪان به وڌيڪ لطيف ۽ عجيب شيءِ محسوس ٿي رهي آهي.

اهڙو جذبو محسوس ٿي رهيو اٿم جيڪو سيني رشتن ناتن ڪان آزاد ساڳي وقت پنوائيندڙ به آهي ته ڏاڍو مزيدار به آهي ۽ ان جذبي جي ڪري مون منجهه خوشيءَ ۽ غم ٻنهي جا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

احساس پيدا ٿي رهيا آهن. مون ڪيس جواب ڏنو تہ اهو احساس جيڪو توکي ۽ مونکي محسوس ٿي رهيو آهي مزيدار بہ آهي تہ پنوائيندڙ بہ، فطرت جي انهن قائدن تحت آهي جن سبب چنڊ زمين جي گردش ڪري ٿو ۽ سج وري خدا کي گردش ڪري ٿو.

هوءَ پنهنجيون آڱريون منهنجي وارن ۾ ڦيرائڻ لڳي ۽ سندس ڳلو غم سان پرجي آيو ۽ اکين مان لڙڪ ڳڙي پيس جئين ماڪ جا ڦڙا نرگس جي گل تان ٽمي ڪري پوندا آهن. روئڻ هارڪي آواز ۾ چيائين تہ آهي ڪو دنيا ۾ جيڪو اسان جي اڄوڪيءَ هن ڪهاڻي تي يقين ڪري تہ ڪنهن گهڙي ڪنهن ساعت ۾ اسان شڪ ۽ گمان جي دنيا مان نڪري حقيقت جي دنيا ۾ قدم رکيو هئو. هوندو ڪو جيڪو يقين ڪري تہ اسان نيسان جي مهيني ۾ هن ريت مليا هئاسين ۽ حياتيءَ جو مقدس ترين مقصد ماڻيو هئوسين. سندس آڱريون منهنجن وارن ۾ هيون ۽ ويئي ڳالهائيندي، سندس نرم ۽ نازڪ هٿ مون لاءِ ڪنهن بادشاهي تاج يا قيمتي هار کان گهٽ نہ هئا.

مون جواب ڏنومانس تہ ماڻهو پلا ڪئين يقين ڪندا!

ڪين ڪهڙي خبر تہ پيار هڪ اهڙو گُل آهي جيڪو بنا ڪنهن موسم جي ڪنهن وقت بہ وڌي سگهي ٿو ۽ ٽڙي سگهي ٿو. "پيار جي نہ ڪا موسم ٿئي ٿي ۽ نہ ئي ڪو وقت."

ڇا اهوئي مهينو هئو جڏهن اسان کي هڪٻئي سان اچي ملڻو هئو ۽ اهائي گهڙي هئي جنهن ۾ اسان کي زندگيءَ جو مقدس ترين مقصد ماڻڻو هئو.

ڇا اها خدا جي مرضي ناهي؟

ڇا اهو خدا جو هٿ ناهي، جنهن اسان جي آتمائن کي جمڻ کان اڳ ئي ڳنڍي ڇڏيو هجي ۽ اسان کي هڪٻئي لاءِ پيدا ڪري سڄي ڄمار لاءِ هڪ ٻئي جو قيدي بنائي ڇڏيو هجي! انسان جي زندگي ماءُ جي رحم کان ٿورو ئي ڪا شروع ٿئي ٿي يا وري ڪا موت کان پوءِ ختم ٿيو وڃي.

هيءَ ڪائنات جيڪا چانڊوڪيءَ ۽ تارن سان پري پيئي آهي پيار ۽ محبت جهڙن جذبن کان خالي نہ آهي.

هن جئين ئي منهنجي هٿ تان پنهنجو هٿ هٽايو مونکي ڄڻ بجليءَ جو جهٽڪو لڳي ويو ۽ مون سندس هٿ کي پنهنجي هٿ سان جهلي اهڙي طرح چميو جئين ڪو ڦاهيءَ چڙهندڙ قيدي جوش ۾ اچي ڦاهيءَ جي ڦندي کي چمندو آهي. مون پنهنجا ٻرندڙ چپ سندس هٿن تي رکي ڇڏيا ۽ سندس هٿ چمي ورتا، جنهن کي ياد ڪري اڄ بہ منهنجي دل پاڻي ٿيو پوي ۽ روح تڙپيو پوي. اهو ڪلاڪ گذري ويو جنهن جي هڪ هڪ منٽ کي هڪ سال جي حيثيت حاصل


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هئي. رات جي خاموشيءَ، پرسڪون چانڊوڪيءَ خاموش ۽ سُتل گلن ٻوٽن ۽ وڻن اسان کي سواءِ پيار جي چند گهڙين گهارڻ جي ٻيو سڀ ڪجهه وسارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هئو.

اسان باغ جي دروازي تي گهوڙن جي آواز جي ٺاپ ٺاپ ٻڌي. ٺاپ ٺاپ جي انهي آواز اسان کي خود فراموشيءَ جي عالم مان جاڳائي، خوابن جي دنيا مان اُٿاري حقيقت ۽ بدبختيءَ جي دنيا ۾ آڻي بيهاريو. پير مرد پنهنجي مهم تان واپس اچي ويو هئو اسان اُٿي بيٺاسين ۽ هلي وڃي ساڻس ملياسين بگي جڏهن دروازي تي اچي بيٺي ته فارس افنديءَ گاڏيءَ مان لهي بيمارن وانگر آهستي آهستي هلڻ لڳو، ائين تي لڳو ڄڻ مٿس ڪا ڇپ ڪري پيئي هجي، هو سلميٰ ڏي وڌيو ۽ ٻئي هٿ سندس ڪلهن تي رکي مٿس هڪ نظر وڌائين، مسڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيائين پر لڙڪ سندس ڳلن تان وهندا هيٺ ڪري پيا. پيار پريل آواز ۾ چيائين پياري سلميٰ تمام جلد توکي پنهنجي پيءُ جو گهر ڇڏي ڪنهن ٻي هنڌ وڃڻو پوندو. توکي پيءُ جي شفقت مان ڪڍي ڪنهن ٻئي جي آغوش ۾ وڌو ويندو، هاءِ قسمت توکي هن گهر مان ڪڍي دنيا جي ڪُليءَ عدالت ۾ آڻي بيهاريندي. هي باغ تنهنجي قدمن جي آهٽ کان محروم ٿي ويندو ۽ تنهنجو پيءُ تو لاءِ هڪ اجنبي بڻجي ويندو. خدا توکي پنهنجي پناهه ۾ رکي اي منهنجي لاڏلي.

اهي لفظ ٻڌي سلميٰ جو منهن لهي ويو اکيون پيهي ويس ۽ موت جهڙي خاموشي مٿس ڇانئجي ويئي. سندس حالت اهڙي پکيءَ وانگر ٿي ويئي جيڪو بندوق جو ڇيرو لڳڻ کان پوءِ ڦٿڪندو ۽ دانهون ڪندو آهي. پوءِ مرڻ هارڪي آواز ۾ چيائين توهان ڇا فرمايو بابا؟ ڇا مطلب آهي توهان جو، مون کي ڪاڏي ٿا موڪليو؟ پيءُ کي ائين ڏسڻ لڳي جئين ڪو راز معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هجي، ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ چوڻ لڳي ته سمجهي ويس آءُ سمجهي ويس ته ڇا ڳالهه آهي. وڏي، پادريءَ توهان کان منهنجي گهُر ڪئي آهي ۽ پڳل ڪنيڙاٽين واري هن پکي لاءِ پڃرو تيار ڪيو اٿائين.

ڇا توهان جي به اها ئي مرضي آهي بابا؟ جواب ۾ پير مرد ٿڌو ساهه کنيو ۽ سلميٰ کي اندر وٺي ويو، آئون اتي ئي بيٺو رهيس پريشانيءَ ۽ مونجهاري سبب اهڙي حالت ٿي ويم جئين خزان جي موسم ۾ لُک لڳڻ ڪري وڻن جي پنن جي ٿيندي آهي. پنهنجي پريشانيءَ کي لڪائيندي آءُ پڻ سندن پُٺيان ڪمري ۾ داخل ٿيس، پير مرد سان هٿ ملائي موڪلايم ۽ سلميٰ تي هڪ نظر وجهندي ٻاهر نڪري آيس اڃا باغ جي دروازي وٽ مس پهتس ته پير مرد کي سڏيندي ٻُڌم ۽ پوئتي موٽي آيس. هن منهنجو هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليندي چيو مونکي معاف ڪجانءِ منهنجا پٽڙا تنهنجي اجوڪي شام مون لڙڪ وهائي برباد ڪري ڇڏي پر اچجانءِ ضرور جڏهن منهنجو گهر ويران ٿي وڃي ۽ آءُ اڪيلو رهجي وڃان. منهنجا پٽڙا جوانيءَ ۽ پيريءَ ۾ وڏو فرق آهي ايترو فرق آهي جيترو ڏينهن ۽ رات ۾ فرق آهي پر مونکي اميد آهي ته تون مون وٽ ايندو رهندين ۽ جوانيءَ جا اُهي ڏينهن ياد ڏياريندو رهندين جيڪي تنهنجي پيءُ سان


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

گڏ گذاريا هئم. تون منهنجي زندگيءَ جو داستان دهرائيندين. اهڙي زندگيءَ جو داستان جنهن مون کي ڪڏهن به پنهنجو نه سمجهيو. جڏهن سلميٰ هتان هلي ويندي آءُ اڪيلو تي ويندس ته ڇا تون مون وٽ نه ايندين؟ جئين ئي هن اهي لفظ چيا مون خاموشيءَ سان ساڻس هٿ ملايو ۽ سندس اکين مان وهندڙ لڙڪ منهنجي هٿن تي ڪري پيا آءُ ڪنڌ هيٺ ڪري ڪيس ٻڌندو رهيس مون ڪجهه چوڻ چاهيو تي پر ڇئي نه سگهيس منهنجي دل درد سان پرجي آئي جئين ڪنڌ مٿي ڪنيم هن پڻ منهنجي اکين ۾ لڙڪ ڏسي ورتا، منهنجي پيشانيءَ تي چمي ڏيندي خدا حافظ ڪيائين ۽ چيائين ته، خدا حافظ منهنجا پُٽڙا! هڪ پير مرد جي اک مان ٽميل لڙڪ ڪنهن نوجوان جي ٽميل لڙڪ کان وڌيڪ اثر وارو ٿئي ٿو ڇاڪاڻ جو سندس پيري رهيل سهيل ڪسر به پوري ڪريو ڇڏي. هڪ نوجوان جو ٽميل لڙڪ ماڪ جي انهيءَ ڦڙي وانگر آهي جيڪو ٽمي هيٺ ڪرندو آهي ۽ هڪ پير مرد جو ڳاڙيل لُڙڪ وڻ جي انهيءَ پيلي پن جيان آهي جيڪو لُڪ لڳڻ ڪري ڇڻي پوندو آهي.

فارس افنديءَ جي گهر مان نڪرڻ کان پوءِ سلميٰ جي آواز جا پڙلاءُ منهنجي ڪنن ۾ ايندا رهيا، سندس سوپيا جو هار پنهنجي ڳچيءَ ۾ اجا تائين محسوس پئي ٿيم ۽ سندس پيءُ جا وهايل لڙڪ منهنجي هٿن تان آهستي آهستي خشڪ ٿي رهيا هئا.

آءُ سندس گهر مان ائين ٻاهر نڪتس جئين آدم جنت مان ٻاهر نڪتو هئو پر فرق اهو هئو ته منهنجي حوا مون سان گڏ نه هئي جيڪا هن ويران دنيا کي به جنت جو روپ ڏيئي سگهي.

ائين محسوس ٿيم ته جنهن رات مون جنم ورتو هئو شايد انهيءَ رات ئي موت جو منهن ڏسي ورتو هئم

۽ پهريون دفعو اهو احساس ٿيم سج جي جيڪا گرمي فصلن کي پچائي تيار ڪري ٿي اها ڪين ساڙي به سگهي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(6)

# آڙاهه

انسان رات جي اونداهيءَ ۾ لڪي ڪٽي ڪجهه به ڪري پر صبح جو سوجهرو سندس ڪرتوت ظاهر ڪري وجهندو. اڄ جيڪا ڳالهه اسان کي راز ٿي لڳي اها سڀاڻ راز نه رهندي. اسان پنهنجا ڪرتوت ڪٽي ڪيترو به لڪايون پر سڀاڻي هر وات تي اها ڳالهه هوندي.

پادري غالب ۽ فارس افنديءَ جي وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿي هئي اها هر شخص جي واتان ٻڌڻ ۾ آئي ۽ اهڙيءَ طرح مونکي به اها خبر پئي ان رات سندن گفتگو ڪا يتيمن ۽ بيواهن جي موضوع تي ڪانه هئي. پادريءَ جو فارس افنديءَ کي سڏائڻ جو مقصد پنهنجي ڀائيٽي منصور غالب لاءِ سلميٰ جي سڱ جي گهُر هئي.

سلميٰ پنهنجي دولت مند پيءُ جو اڪيلو اولاد هئي ۽ پادريءَ جو مقصد سلميٰ جي سونهن سوڀيا نه پر سندس پيءُ جي دولت حاصل ڪرڻ هئو، انهيءَ دولت ڪري منصور غالب معاشري ۾ سٺو مقام حاصل ڪري سگهيو ٿي.

مشرقي ماحول ۾ مذهبي ٺيڪيدار رڳو پنهنجو پاڻ تائين خوش ڪونه ٿين پر پنهنجن پٽن پوٽن لاءِ به اها گادي چڏي ويندا آهن.

ڪنهن بادشاهه جي تاج جو وارث نه صرف سندس پٽ ئي ٿي سگهي ٿو پر هنن وٽ اها ٺيڪيداري سندن پٽن ۽ ڀائيٽين ۾ به هلندي رهندي آهي.

"عيسائين جا پادري، مسلمانن جا امام ۽ هندن جا برهمڻ سمنڊ جي انهي نانگن وانگر آهن جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنهنجي شڪار کي ڦاسائي سندن رت چوسيندا رهندا آهن"

پادريءَ جڏهن فارس افنديءَ کان سلميٰ جو سڱ گهريو ته هن جواب ۾ روئي ڏنو جو سندس دل گوارا نٿي ڪيو ته سندس هيڪلي ڌيءُ ڪائنس ڇني ڌار ڪئي وڃي. واقعي هڪ پيءُ جو روح ڪنبي ويندو جيڪڏهن ڪائنس سندس هيڪلي ڌيءُ جدا ڪئي وڃي جنهن کي هن ٻاراڻي کان وٺي جوانيءَ تائين نپائي وڏو ڪيو هجي.

هڪ پُٽ جي شاديءَ تي ماءُ پيءُ کي جيتري خوشي ٿي ٿئي ڌيءَ جي شاديءَ تي وري ايترو ئي ڏک ٿو ٿئي ڇاڪاڻ جو پٽ جڏهن شادي ڪري ٿو اچي ته گهر ۾ هڪ ڀاتي وڌيو پوي جڏهن ته ڌيءَ جي شاديءَ تي گهر جو ڀاتي ڪٽيو پوي.

فارس افنديءَ پادريءَ جي چوڻ تي مجبورن هائوڪار ڪئي هئي جڏهن ته سندس دل اها ڳالهه هرگز ڪانه ٿي مڃي.

هو پادريءَ جي ڀائيٽي کي چڱي طرح سڃاڻيندو هئو جيڪو هڪ بدمعاش لوفر ۽ بد اخلاق شخص هئو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

لبنان ۾ ڪو بہ عيسائي پنهنجي پادريءَ جي خلاف ڳالھ ڪري ڪونہ سگھندو ڪوبہ شخص پنهنجي مذهبي پير جي نافرماني ڪري پئنچائت جي نظرن ۾ ڪرڻ پسند نہ ڪندو. پر ڇا اهو ممڪن آهي تہ تير اک ۾ لڳي ۽ اک ضايع نہ ٿئي، تلوار ٻانهن تي لڳي ۽ ٻانهن نہ ڪپجي.

جيڪڏهن فارس افنديءَ پادريءَ جي ڳالھ کان انڪار ڪري ها تہ سلميٰ کي طرح طرح سان بدنام ڪيو وڃي ها ۽ سندس عصمت جو مذاق اڏايو وڃي ها ڇوندا آهن تہ گدڙ ڊاک نہ پڄي تہ آڪي ٿو کٽا.

قسمت سلميٰ کي شرمندو ڪيو ۽ ڪيس هڪ غلام وانگر بند ۾ وڌو جئين مشرقي عورت سان ٿيندو آيو آهي. جڏهن تہ هوءَ محبت جي پهرين پهر ۾ پيار جي سفيد پرن تي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۽ گلن جي هٻڪار ۾ اڏامي چڪي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ماءُ پيءُ جي دولت اولاد جي ڪمبختي بڻجيو پوي شڪتيءَ پريو دينار جنهن جي دنيا پوڄا ٿي ڪري اهڙو پوت بڻجيو پوي جيڪو دل ۽ روح کي نستو ۽ بيڪار ڪريو ڇڏي.

سلميٰ ڪريمي بہ اهڙن ويچارن انسانن مان هئي جيڪا ماءُ پيءُ جي دولت ۽ سندس گهوٽ جي لالچ هٿان ڏنگجي پيئي جيڪڏهن پيءُ جي دولت نہ هجيس ها تہ شايد اڄ ڏاڍي خوش ۽ زنده هجي ها. هڪ هفتو گذري ويو اهو سلميٰ جو پيار ئي هئو جنهن سان منهنجي دل وندري پئي هئي.

سلميٰ جو پيار ئي هئو جنهن مون لاءِ خوشيءَ جا نغما پئي ڳايا ۽ پريات جو جاڳائي مونکي زندگيءَ جي معنيٰ ۽ فطرت جا راز پئي سمجهايا اهو پيار ئي آهي جيڪو ساڙ ۽ حسد جهڙن جذبن کان پاڪ آهي ۽ دل ۽ روح لاءِ ڪنهن بہ طرح جوکائتو نہ آهي.

پيار اهڙو ناتو آهي جيڪو روح کي وهنجاري قناعت پسند ۽ پاڪ بڻايو ڇڏي پيار جي بک جڏهن پوري ٿيو وڃي تہ انسان ۾ سخاوت جهڙو جذبو بيدار ٿيو پوي. پيار هڪ اهڙي ڪوملتا آهي جيڪا بنا ڪنهن تڪرار جي بہ اميد جهڙو جذبو جاڳايو وجهي، زمين کي جنت بڻايو ڇڏي ۽ زندگيءَ کي هڪ سهاني خواب جو روپ بخشيو ڇڏي صبح جو سوير اُٿي جڏهن ساين ٻنين ۾ ويندو هئس تہ مونکي فطرت جو ابدي روپ نظر ايندو هئو ۽ سمنڊ جي ڪناري ساموندي لهرون مونکي ابدي گيت ٻڌائيندڙيون هيون. گهٽين ۽ رستن تي گهمندي ڦرندي آس پاس لنگهندڙ انسانن مان زندگيءَ جو حسن ۽ هڪ چمڪ نظر ايندي هئم.

اهي ڏينهن آسمان ۾ لنگهندڙ ڪنهن بادل جيان گذري ويا ۽ فقط ڏک ۽ يادون ڇڏي ويا.

انهن ئي اکين سان جن زندگيءَ جو حسن ۽ جهلڪ نظر آئي هئم، هاڻ انڌوڪار تي نظر آيو. اهي ئي ڪن جن سان ساموندي لهرن کان زندگيءَ جا نغما ٻڌا هئم هاڻ مونکي ساموندي لهرن جا رانيا ۽ رڙون ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳيون.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

روح جنهن سان مونکي ڪائنات جي حسن ۽ خوبصورتيءَ جو احساس ٿيو هئو سو مايوسيءَ ۽ ناڪاميءَ جهڙن احساسن سان زخميءَ ٿي چڪو هئو. سواءِ انهن چند گذري ويل پيار جي گهڙين جي ڪابہ شيءِ خوبصورت ڪانہ ٿي لڳيم.

هاڻ فراق جون راتيون مون لاءِ تلخ ترين ٿي پيون هيون. جڏهن پنهنجو پاڻ کي قابو ڪري نہ سگهيس تہ هڪ ڏينهن سلميٰ جي گهر هليو ويس.

سلميٰ جو گهر جيڪو هاڻ پيار ۽ حسن جي قبر بڻجي چڪو هئو.

جئين ئي سدس در لنگهيس تہ محسوس ٿيم تہ جڻ ڪا پر اسرار طاقت هن دنيا کان پري ڌڪيندي هجيم ۽ هن تلخ ۽ مشقت واري جهان مان ڪڍي ڪنهن ٻئي جهان ۾ رکندي هجيم.

هڪ اهڙي شخص وانگر جيڪو غيب جو علم رکندو هجي مون پنهنجو پاڻ کي گلن ۽ وڻن ۾ بيٺل ڏٺو.

جئين گهر جي در تي پهتس تہ سلميٰ کي انهيءَ ياسمين جي وڻ هيٺان ساڳي بينچ تي ويٺل ڏٺم جت هڪ هفتو اڳ اسان هڪ رات وينا هئاسين.

اها رات جيڪا پروردگار منهنجي خوشيءَ ۽ ساڳي وقت غم جي شروعات لاءِ مقرر ڪئي هئي.

هوءُ نڪا چُري نہ وري ڪُڇي جئين ئي آئون وٽس پهتس ائين لڳم جئين دل جي غبار کان صفا بي خبر هجي ۽ آئون وجي وٽس وينس تہ ٿڌو ساهہ ڪڍي مونتي هڪ نگاهہ وڌائين ۽ پوءِ ڪنڌ مٿي ڪڍي آسمان ڏانهن نهارڻ لڳي.

گهڙي کن جي سانت کان پوءِ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي مرڻ هارڪي آواز ۾ چيائين، مونکي ڏس تہ سهي منهنجا دوست منهنجي منهن مان اهو سڀ ڪجهہ پڙهڻ جي ڪوشش ڪر جيڪو تون ڄاڻڻ چاهين ٿو ۽ مان بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان.

مون تي ٿورڙي نظر ڪر اي منهنجا محبوب مون تي ٿورڙي نظر ڪر منهنجا ڀاءُ مون مٿس نظر وڌي سندس اهي اکيون ڏٺم جن ۾ هڪ پيار ڀري مسڪراهٽ هئي ۽ بلبل جي پر واري چنڪار هئي اهي اکيون هينئر ڏک ۽ درد سان ڀريون سڄيون پيون هيون سندس منهن جيڪو سوسن جي گل وانگر ٽڙيل رهندو هئو اڄ صفا هيڊو ۽ ڪومايل هئو.

سندس چپ گلاب جي ڪڙندڙ انهي مُڪڙيءَ وانگر ڪومائجي ويا هئا جنهن جي ڏاندي سرءُ جي هوا ڀڃي ڇڏي هجي. سندس هرڻيءَ جهڙي ڳچي هاڻ ائين ڀئي لڳي جئين گهڻي وقت تائين سندس منهن جو وزن برداشت نہ ڪري سگهندي. مونکي سلميٰ جي منهن ۾ اهي تبديليون نظر آيون پر اهو سيڪجهہ مونکي انهيءَ ڪڪر وانگر لڳو جيڪو ٿوري وقت ۾ چنڊ هيٺان لنگهي ويندو آهي ۽ پوءِ چنڊ وڌيڪ سهڻو ۽ چمڪندو نظر ايندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

نظر جي اها جهلڪ جيڪا اندر جي اُڏمن کي ظاهر ڪري رکي ٿي هڪ خوبصورت چهري کي وڌيڪ سوڀيا بخشيو ڇڏي پوءِ ڪٽي اهي اُڏما ڏک ۽ سور ڇونہ هجن. اهي چهرا جيڪي خاموشيءَ ۾ ڪوبہ تاثر نہ ڏيئي سگهن خوبصورت نہ سڏبا، شيشي جي گلاس مان شراب جو رنگ ڪيڏي نہ ڪشش رکي ٿو.

انهيءَ شام سلمىٰ زندگيءَ جي مناڻ ۽ ڪوڙاڻ مان نهيل هڪ جام وانگر پئي نظر آئي.

بلڪل بي خبر.

هوءَ اهڙي مشرقي عورت جو مثال هئي جيڪا ڪڏهن بہ اباڻو گهر ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي جيستائين ڪيس مڙس جي غلاميءَ ۾ وڃو نہ وجي، جيڪا ماءُ جي ڇاتيءَ کان ڪڏهن بہ الڳ ٿيڻ پسند نہ ڪندي جيستائين ڪيس سس جي ڪهرائي اهو ڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪري.

مان سلمىٰ جي ڪومايل منهن کي تيستائين ڏسندو رهيس جيستائين وجي اهو محسوس ٿيم تہ هاڻ وقت پورو ٿي چڪو آهي ۽ ڪائنات اباتجي چڪي آهي.

مان فقط سندس روشن اکيون ڏسي سگهيس جن ڪيتري دير کان مونکي ڏٺو پئي ۽ سندس ڏڪندڙ هٿ محسوس ڪيم جنهن ۾ منهنجو هٿ هئو.

مان ڇڻ ڀنوائتي خواب مان جاڳي پيس جڏهن ڪيس اهو چوندي ٻڌم تہ اي منهنجا محبوب اچ تہ پنهنجي خوفنائتي مستقبل بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ان کان پهرين جو مصيبت اچي اسان تي ڪڙڪي.

بابا انهيءَ شخص سان ملڻ ويو آهي جيڪو مرڻ تائين منهنجي زندگيءَ جو ساٿي بنجڻ وارو آهي.

جنهن کي خدا منهنجي ذات لاءِ چونڊيو آهي ۽ دنيا ڪيس منهنجي سڄي حياتي جو مجازي خدا بنايو آهي.

وچ شهر جي هڪ گهر ۾ اهو پير مرد جنهن سڄي حياتي مون کي پنهنجي پناهہ ۾ رکيو هڪ اهڙي نوجوان سان ملندو جيڪو منهنجو ٿيڻ وارو رفيق الحيات آهي اڄ رات ٻن خاندانن وچ ۾ شاديءَ جي تاريخ مقرر ٿيندي.

اهو بہ ڪيترو نہ عجيب و غريب لمحو هوندو گذريل هفتي هن ساڳي ئي رات هن ياسمين جي وڻ هينان پيار منهنجي من ۾ جوت جلائي جڏهن تہ قسمت جو لکيو پادريءَ جي حويلي ۾ هئم.

هن وقت منهنجو پيءُ ۽ منهنجو مدعي منهنجي شاديءَ جي ڏينهن جي رٿ تيار ڪندا هوندا.

مان ڏسان پئي تہ تنهنجو روح منهنجي چوڌاري ائين پيو ٿو ڦڙڪي جئين هڪ اڃايل پکي پاڻيءَ جي اهڙي چشمي تي اچي پر هٽندو آهي جتي نانگ پنهنجو ڦڻ ڪنيو وينو هوندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آه ڪيڏي نہ عجيب آهي اڄوڪي رات ۽ ڪيتري نہ گهرائپ آهي سندس اسرار ۾. اهو ٻڌندي ئي مونکي محسوس ٿيو تہ نا اميديءَ جو ڀوت اسان جي پيار ۾ ئي اسان جي پيار جي وڌندڙ ٻوٽي کي ڪئين ڀٽي ڦٽو ڀيو ڪري.

۽ مون کيس جواب ڏنو تہ:

اهو پکي ٽيستائين پر هڻندو رهندو جيستائين اُڃ سبب مري نہ وڃي يا چشمي تي ويٺل نانگ کيس پنهنجو لقمو نہ بنائي.

هن جواب ۾ چيو تہ اي منهنجا محبوب اها بلبل جيئري رهڻ کپي ۽ واهياري جي مهل تائين پنهنجو گيت ڳائيندي رهي ۽ دنيا جي خاتمي تائين اهو ابدي گيت ڳائيندي رهي. انهيءَ بلبل جا پر نہ ڀڄڻ کپن جو انهي پرن جي هوا سان ئي منهنجي دل جو غبار هلڪو ٿي سگهي ٿو.

۽ پوءِ آئون ڀڻڪي پيس،

”سلميٰ منهنجي محبوبہ،

پياس ان بلبل کي نستو ڪري ڇڏيندي ۽ خوف سبب هوءَ مري ويندي.

۽ پوءِ ڏڪندڙ چپن سان مون کي فورن جواب ۾ چيائين تہ، آتما جي پياس مادي شين جي شراب کان وڌيڪ مٺي آهي، ۽ آتما جو خوف جسم جي حفاظت کان وڌيڪ پيارو آهي. ٻڌ منهنجا محبوب غور سان ٻڌ.

مان زندگيءَ جي هڪ نئين دروازي تي اچي بيٺي آهيان جتي اڳتي جي ڪابہ خبر ڪانہ اٿم.

مان هڪ اهڙي انڌي شخص وانگر ٿي ويئي آهيان جيڪو ويچارو صرف پنهنجي رستي کي محسوس ڪري ڌڪن ٿابن کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

منهنجي پيءُ جي دولت مونکي غلامن جي بازار ۾ آڻي بيهاريو ۽ هُن شخص مون کي خريد ڪري ورتو جنهن کي مان ڪڏهن بہ پنهنجو سمجهي نہ سگهنديس ۽ نہ پيار ڪري سگهنديس. پر تڏهن بہ مان ساڻس پيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديس ۽ سندس هر فرمان بجا آڻينديس ۽ کيس خوش رکڻ جي ڪوشس ڪنديس.

مان هن کي اهو سڀ ڪجهہ ڏينديس جيڪو هڪ ڪمزور عورت ڪنهن مرد کي ڏيئي سگهي ٿي.

پر تون اي منهنجا محبوب،

اڃا زندگيءَ جي شروعات ۾ آهين.

تون زندگيءَ جي ڪشادن ۽ گلن ڀريئي رستن تي هلي سگهين ٿو ۽ دنيا کي پنهنجي مرضيءَ مطابق مٽائي سگهين ٿو. تون آزاديءَ سان سوچي ڳالهائي ۽ عمل ڪري سگهين ٿو.

تون زندگيءَ جي مهڙ تي پنهنجو نالو لکي سگهين ٿو ڇاڪاڻ جو تون مرد آهين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تون مالڪ بڻجي دنيا ۾ زنده رهي سگهين ٿو تنهنجي پيءُ جي ڪا دولت توکي غلامن جي بازار ۾ اچي ڪانہ بيهاريندي جتي هر شيءِ جو سودو ٿيندو هجي.

تون پنهنجي مرضيءِ مطابق ڪنهن بہ عورت سان شادي ڪري سگهين ٿو جيسين هوءَ تنهنجي گهر ۾ قدم رکي ان کان پهرين ئي تون ڪيس پنهنجي دل ۾ آباد ڪري سگهين ٿو ۽ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ساڻس دل جو سودو ڪري سگهين ٿو.

ٿوري دير خاموش رهڻ کان پوءِ سلمىٰ پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي چيو تہ ڇا زندگي هاڻ اسان کي ڇني ڌار ڪندي؟ تون مرد جي حيثيت سان آزاد، ۽ مونکي عورت جا سڀ فرض بجا آڻڻا پوندا؟

ڇا ماتري بلبل جو راڳ پي ويندي؟

هوا گلاب جي پنکڙين کي ٽوڙي ڦٽو ڪندي! ۽ شراب جو گلاس پير جي نوڪر سان اڇلايو ويندو!

هي چاندوڪي راتيون جن ۾ اسان جا روح ملي هڪ ٿيا، ڇا اهو قصو ختم ٿي ويو؟

ڇا اسان جي ستارن طرف اڏام پوري ٿي اسان جا پر ٽڪجي پيا ۽ هاڻ هيٺ آڙاه ۾ ڪري رهيا آهيون.

ڇا اسان پنهنجي پيار کي جاڳائي غلطي ڪئي ۽ هاڻ پيار اسان سان ڪاوڙجي پيو آهي ۽ اسان کي سزا ڏيئي رهيو آهي. ڇا اسان جي آتمائن رات جي هلندڙ ٿڌي هوا کي ڪا تڪليف پهچائي جو اسان کي ڇني ڌار ڪري ماتريءَ ۾ هيٺ اڇلايو پيو وڃي.

اسان خدا جي نافرماني تہ نہ ڪئي ۽ نہ ئي منع ڪيل وڻ جو ميوو ڪاڌوسون جو اسان کي جنت مان تڙي ٻاهر ڪڍيو پيو وڃي.

اسان ڪنهن بہ قسم جي بغاوت نہ ڪئي آهي پوءِ ڇو پيو اسان کي دوزخ ۾ وڌو وڃي نہ نہ ائين نٿو ٿي سگهي اهي پيار جون گهڙيون جيڪي اسان گهاريون سي ڪئين صدين کان بہ عظيم آهن.

اها روشني جنهن اسان جي آتمائن کي روشن ڪيو ڪنهن ڪارونيار کان گهڻو وڌيڪ طاقتور آهي.

هاڻ جيڪڏهن طوفان اسان کي خطرناڪ سمنڊ ۾ ڌار ڪري بہ ڇڏي تہ بہ ڪناري تي گڏ وڃي نڪرنداسين جيڪڏهن هينئر اسان مري بہ وڃون تہ بہ موت اسان کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندو،

هڪ عورت جي دل وقت ۽ موسم جي تابع نہ هوندي آهي جيڪڏهن هوءَ هميشهہ جي لاءِ مري وڃي تہ بہ سندس پيار فنا ٿي نہ سگهندو.

عورت جي دل انهيءَ سائي ٻني وانگر آهي جنهن کي جيڪڏهن جنگ جي ميدان ۾ تبديل ڪري ڇڏجي، ٻوٽن کي پاڙان پٽي اڇلائي ڇڏجي سائي گاه کي جلائي ڇڏجي زمين جا سڀ پتر



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

رت سان ڀريا پيا هجن ۽ چئو طرف هڏا ۽ ڪوپڙيون پکڙيون پيون هجن ته به منجهانئس دانهن نه نڪرندي.

جڻ ڪجهه به نه ٿيو هجي.

بهار ۽ خزان جون موسمون پنهنجي وقت تي ايندون رهنديون آهن ۽ پنهنجو ڪم ڏيکاري هليون وينديون آهن.

اي منهنجا محبوب هاڻ اسان کي ڇا گهرجي!

الائي ڪڏهن جدا ٿينداسين ۽ وري ڪڏهن ملنداسين.

ڇا پيار کي اسان هڪ اهڙي اجنبيءَ وانگر سمجهون جيڪو سانجهيءَ مهل آيو ۽ صبح ٿيندي ئي هليو ويو.

ڇا پيار کي اسان انهيءَ سپني جيان سمجهون جيڪو سانجهيءَ مهل آيو ۽ صبح ٿيندي ئي هليو ويو.

ڇا پيار کي اسان انهيءَ سپني جيان سمجهون جيڪو ننڊ ۾ آيو ۽ جاڳندي شرط جدا ٿي ويو.

ڇا هن سڄي هفتي کي چند گهڙين جو خمار سمجهون جيڪو هوش ايندي ئي لهي ويو.

پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪر،

مونکي ٿورو ڏسڻ ته ڏي،

پنهنجا چپ کول ۽ پنهنجو آواز ٻڌڻ ته ڏي.

ڇا تون مونکي هن طوفان کان پوءِ به ياد ڪندين جنهن اسان جي پيار جو غوراب ٻوڙي ڇڏيو.

ڇا تون منهنجي ڪنين جي ڦڙڪڻ جو آواز رات جي تنهاين ۾ ٻڌندو رهندين. ۽ جڏهن منهنجو روح اچي تنهنجي مٿان ڦڙڪندو ته اهو آواز ٻڌي سگهندين؟ ڇا تون منهنجون آهون نيزاريون ٻڌي سگهندين.

ڇا تون اونداهه ۾ به منهنجو پاڇولو سڃاڻي سگهندين.

ٻڌاءِ مونکي منهنجا محبوب تون ڇا ڪندين منهنجي اکين ۾ پنهنجي پيار جو جادو جاڳائي منهنجي ڪنن کي منو گيت ٻڌائي منهنجي روح کي پَرَ عطا ڪري تون ڇا ڪندين. اهي لفظ ٻڌندي ئي منهنجي دل پاڻي ٿي ويئي ۽ ڪيس جواب ڏنم ته "جئين چوندينءَ تئين ڪندس" منهنجي محبوب، پوءِ هن وراڻيو ته مان چاهيان ٿي ته مونکي هڪ اهڙي تلاءُ وانگر ياد ڪر جنهن مان ڪنهن مسافر لنگهندي وقت پاڻيءَ جا ڪجهه ڍڪ پيتا هجن ۽ ڪيس پنهنجو عڪس تلاءُ ۾ نظر آيو هجي. مان چاهيان ٿي ته مونکي هڪ اهڙي ماءُ وانگر ياد ڪر جنهن جو ٻار پيدا ٿيندي ئي پره ڦٽيءَ کان اڳ مري ويو هجي مون کي اهڙي مهربان بادشاهه وانگر ياد ڪر جنهن جو قيديءَ ڪيس معافي نامون ملڻ کان اڳ ئي قيد ۾ مري ويو هجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مان چاهيان ٿي تہ تون منهنجو ساٿي ٿي رهين ۽ منهنجي پيءُ جو تنهائيءَ ۾ ساٿ ڏين جڏهن مان ڪيس اڪيلو ڪري هلي ويندس.

مان جواب ڏنومانس تہ بيشڪ اهوئي ڪندس جيڪو تو مونکي چيو تنهنجي روح کي مان پنهنجي روح سان سانديڻ رکندس.

منهنجي ڇاتيءَ ۾ تنهنجا غم دفن رهندا. مان توسان اٿين پيار ڪندس جئين باغ کي بهار سان پيار هوندو آهي.

۽ آئون تو منجهہ ائين رهندس جئين گل جي زندگي سج جي ڪرڻن ۾ هوندي آهي.

تنهنجو نالو ائين ونندس جئين ڪليسا جي گهنٽيءَ جو آواز ڪنهن ماٿريءَ ۾ پڙاڏو ٿي وڃي.

مان تنهنجي روح جي پُڪار ائين ٻڌندو رهندس جئين سمنڊن جا ڪنارا لهرن جون درد ڀريون آهون ٻڌندا رهندا آهن مان توکي ائين ياد رکندس جئين هڪ جلاوطن پنهنجي ديس کي ياد ڪندو آهي ۽ توکي ائين ياد ڪندس جئين ڪنهن بُکايل کي سندس زندگيءَ ۾ ڪا وڏي دعوت ياد ايندي آهي ڪنهن دست بردار ٿيل بادشاه کي سندس بادشاهيءَ وارو زمانو ياد ايندو آهي. يا ڪنهن قيديءَ کي سندس آزاديءَ وارو زمانو ياد ايندو آهي.

مان توکي ائين ياد ڪندس جئين ڪنهن ڪڙميءَ کي وائڻ ڪان پوءِ لڳل اناج جا انبار ياد پوندا آهن. ۽ مان توکي ائين ياد ڪندس جئين هڪ ڌنار کي گاه جا ميدان ۽ مٺي پاڻيءَ جا چشما ياد پوندا آهن.

سلمیٰ منهنجا اهي لفظ دل جي گهراين سان ٻڌا پئي ۽ پوءِ چوڻ لڳي تہ سڀاڻي سچ ڪنهن جن وانگر غائب ٿي ويندو ۽ جاگرتا هڪ سپنو بڻجي ويندي.

ڇا ڪو عاشق ڪنهن جن پوت سان پاڪر پائي مطمئن ٿي سگهي ٿو يا ڪنهن اُڃايل جي پياس محض خيالي چشمي جو تصور ڪري اُجهامي سگهي ٿي.

مان جواب ۾ چيو مانس تہ قسمت سڀاڻي توکي هڪ معزز خاندان جي وچ ۾ وڃي ويهاريندي پر مونکي مشقت ۽ جدوجهد جي دنيا ۾ ڌڪي ڦٽو ڪندي تون انهيءَ شخص جي گهر هلي ويندينءَ جيڪو موقعي سبب سڀ ڪان وڌيڪ خوش قسمت شخص آهي جو تو جهڙي سهڻي ۽ نيڪ سيرت زال مليس جڏهن تہ مان خوف ۽ پيڙا واري زندگيءَ وڃي گذاريندس تون زندگيءَ ۾ قدم رکندينءَ ۽ مان موت جي منهن ۾ هليو ويندس

تنهنجي مهمان نوازي ڪئي ويندي ۽ آءُ اڪيلو رهجي ويندس.

پر آءُ موت جي واديءَ ۾ پيار جي عبادت جو مجسمو کوڙيندس

پيار ئي منهنجي روح کي تسڪين ڏيندڙ شيءِ بڻجي ويندو ۽ مان پيار جو لباس پائيندس مان پيار جو شراب پيئندس.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پرياٽ مهل پيار مونکي جاڳائي ٻنين ۾ وٺي ويندو ۽ منجهند جو انهن وڻن جي ڇانوَ ۾ اچي ٻيهاريندو جتي سج جي تپش کان ويچارا پکي اچي لڪندا آهن

۽ شام جو ڏينهن جي روشنيءَ کي سانجهيءَ جو الوداعي نغمو ٻڌڻ لاءِ مونکي روڪيندو ۽ آسمان ۾ دونهين جهڙن ڪڪرن جي رڙهڻ جو منظر ڏيکاريندم ۽ رات جو پيار اچي مون سان ياڪر پائيندو ۽ آءُ سمهي پوندس پوءِ خواب ۾ انهيءَ جاءِ تي پهچي ويندس جتي شاعرن ۽ عاشقن جا روح اچي گڏ ٿيندا آهن.

بهار جي موسم ۾ آءُ پيار سان گڏ هلندو بنفشي ۽ ياسمين جي گلن مان لنگهندس

۽ سياري جي موسم ۾ پيار کي ماڪ ڦڙن وانگر سوسن گل جي پيالي ۾ پي ويندس.

اونهاري ۾ آءُ سُڪل گاهه جي وهاڻي تي مٿو رکي سائي گاهه تي ليٽي پوندس، چنڊ ۽ تارن ڀريو آسمان منهنجي چادر بڻجي ويندو.

سرءُ جي موسم ۾ پيار ۽ مان گڏجي انگورن جي باغ ۾ ويندا‌سين ۽ ڏسنداسين ته انگورن کي نپوڙي منجهائن ڪيئن شراب ناهيو ٿو وڃي ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نظر کڻي ڏسنداسين جتي لڏيندڙ پکين جا ٽولا اسان جي مٿان اڏامندا پيا ويندا هوندا.

سياري جي موسم ۾ اسان باهه جي ڀر ۾ ويهي صديون پراڻا قصا ويهي دهرائينداسين ۽ ملڪ ملڪ جون ڳالهيون ويهي ڪنداسين.

جوانيءَ ۾ پيار منهنجو استاد ٿي رهندو وچ واري عمر ۾ منهنجو مددگار ۽ پيريءَ ۾ وري پيار منهنجي خوشي هوندو. پيار فقط پيار! اي منهنجي محبوبه سلميٰ، منهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين به مون سان گڏ رهندو.

۽ مرڻ کان پوءِ هونئين خدا توکي ۽ مونکي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندو.

اهي سڀئي لفظ منهنجي دل جي گهرائين مان ائين نڪتا جئين آتش دان ۾ شعلو ڀڙڪي ڪائي ايرندو آهي ۽ سڀ ڪجهه خاڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ وري اجهامي ويندو آهي.

۽ اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ کان پوءِ سلميٰ روئي ڏنو ۽ سندس لڙڪن سان تار اکين مونکي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو. پيار جن کي پر نه عطا ڪيا آهن سي مونکي ۽ سلميٰ کي پيار جي ان گهڙيءَ ۾ وينل نه ڏسي سگهندا ۽ هي سڀ ڳالهيون ڪين سمجهه ۾ نه ايندين.

پيار جنکي پنهنجو پوئلڳ نه بنايو آهي اُهي پيار جو سڏ ڪڏهن به ٻڌي نه سگهندا ۽ هيءَ ڪهاڻي انهن لاءِ نه آهي پوءِ ڀلي کڻي سڀ صفحا پڙهي پورا ڪن ته به ڪين مطلب سمجهه ۾ نه ايندو.

انهن لاءِ هي سڀ ڪجهه بيڪار آهي.

پر مان نٿو سمجهان ته ڪو اهڙو انسان به هوندو جنهن پيار جي پيالي مان شراب جو ڍُڪ ڪڏهن به نه ڀريو هجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اها ڪهڙي دل هوندي جيڪا انهيءَ ڦاهي گهاٽ کي ڏسي دهلجي نہ وڃي جنهن جي ڇت ڪاري تنبوءَ جي ڪپڙي مان ٺهيل هجي ۽ فرش تي مرد ۽ عورت جون رت سان ڀريل سيني مان ڇيري نڪتل دليون پکڙيون پيون هجن. اهو ڪهڙو گل هوندو جنهن جي پنکڙين تي پريات ڪڏهن بہ ماڪ ڦڙو نہ وسايو هجي.

اها ڪهڙي ندي هوندي جنهن سمنڊ ۾ چوڙ ڪان اڳ پنهنجو رستو وڃايو هجي.

سلميٰ تارن ڀريئي آڪاش ڏي نظر ڪري پنهنجا ٻئي هٿ مٿي کڻي نراسائيءَ ۽ نا اميد وچان ڏڪندڙ چپن سان چيو تہ اي خدا هن مظلوم عورت تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي اهو ڪهڙو پاپ ڪيو آهي جنهن جي تون ڪيس سزا پيو ڏين آخر ڪهڙي ڏوهہ جي تون ڪيس سڄي ڄمار لاءِ سزا پيو ڏين. اي خدا واقعي تون سگهارو آهين.

۽ آءٌ هيڻي آهيان.

تو مونکي انهن دردن سهڻ لاءِ ڇو پيدا ڪيو آهي؟

تون عظيم ۽ طاقتور آهين جڏهن تہ مان ڪجهہ بہ نہ آهيان آءٌ انهيءَ ننڍڙي جيت جيان آهيان جيڪو فقط رڙهي سگهندو آهي.

تون پلا ڇو مونکي پنهنجي پير سان چيپاٽين پيو؟

تون وڏو طوفان آهين ۽ مان فقط ڌوڙ پر تڏهن بہ ڇو وڃي مونکي ٿڌي زمين مٿان وسايو اٿئي

تون وڏو طاقتور آهين جڏهن تہ مان ٻي يارو مددگار پوءِ هن هيڻيءَ سان ڇو پيو وڙهين پلا.

تون وڏو دورانديش آهين ۽ آئون فقط ڏاهي آهيان پوءِ ڇو پيو مونکي تباهہ ڪرين

تو عورت کي ڏاڍي پيار سان ناهيو آهي ۽ ساڳي پيار سان وري ڪيس اجاڙين پيو ساڄي هٿ سان ڪيس اُڀارين بہ پيو ۽ وري کابي هٿ سان کڻي آڙاهہ ۾ پيو وجهينس جڏهن تہ هن ويچاريءَ کي ڪابہ خبر ڪانہ آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ پلا آخر ڇو؟

هڪ طرف تو منجهس ساهہ وڌو تہ ٻي طرف وري موت جو منهن پيو ڏيکارينس.

خوشيءَ جو رستو ڏيکاري وري خوار پيو ڪرينس خوشيءَ جو نغمو ٻڌرائي وري ڪيس چپن تي خاموشيءَ جي مهر پيو هڻين.

سندس خوشين کي دردن سان مٿائي سندس دل زخمي ڪري ڪيس ڏکن جو لباس پارائي توکي ڇا ملندو؟

سندس بستري ۾ شانتي ڀري اٿئي ۽ سندس نصيب ۾ فقط خوف ۽ ٿاٻا رکيا اٿئي.

تون منجهس محبت جهڙو جذبو جاڳائين بہ پيو جڏهن هوءَ ڪنهن سان پيار ڪرڻ لڳي ٿي تہ ڪيس شرمندو ڪيو ڇڏين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

”توئي تہ ڪيس ڪائنات جي حسن جو سبب بنايو آهي.“ پر هوءَ جيڪڏهن حسن سان پيار ڪري تہ اها ڳالهہ تو ممنوع قرار ڏني آهي.

تو ڪيس زندگيءَ جو مزو موت جو منهن ڏيکاري ڏو چکائين! ۽ موت جو خوف وري زندگيءَ جي مزي سبب پيو ڏيارين.

تو ڪيس غم ڏوئڻ لاءِ لڙڪ عطا ڪيا آهن ۽ انهن لڙڪن ۾ ئي سندس سڄي زندگي نديءَ جي پاڻيءَ وانگر وهيو وڃي. اي خدا تو پيار سان ئي منهنجيون اکيون روشن ڪيون ۽ پيار سان ئي مونکي انڌو بنايو.

تو پنهنجي چپن سان مونکي چمي ڏيئي پوءِ پنهنجي ڳوري هٿ سان مونکي چماٽ وهائي ڪڍي.

تو منهنجي دل ۾ سفيد گلاب جو بوٽو پيدا ڪيو پوءِ ڇاڪاڻ پلا ان بوٽي جي چوڌاري رڳو ڪنڊا ئي ڪنڊا پيدا ڪيا اٿئي.

تو منهنجي دل جو لاڙو اهڙي نوجوان ڏانهن رکيو جنهن سان مان سچو پيار ڪيان ٿي پر جسم جو ناتو وري هڪ اڻ ڄاڻ شخص سان پيو جوڙين.

منهنجي مدد ڪر يا پروردگار
هن مرڻ گهڙيءَ تائين واري جدوجهد ۾.

منهنجي موت صالحن ۽ سچن انسانن وانگر ڪجانءِ مونکي اميد آهي تہ تون ائين ڪندين اي پروردگار.

ڪومايل منهن سان سلميٰ هيٺ نهارڻ لڳي سندس ٻانهون ۽ ڪنڌ جهڪي ويو، بلڪل ائين جئين ڪنهن آنڌيءَ سبب سائي وڻ جي ٽاري ڀڃي پوندي آهي ۽ پوءِ سندس پن ڦڪا ٿي سُڪي ويندا آهن.

سندس هٿ ٺري ويا مان سندس ٺريل هٿ کي وٺي پنهجي هٿ ۾ چمي ڏني ۽ ڪيس دلاسو ڏيڻ لڳس پر ائين لڳم ڄڻ مونکي ڪائنس وڌيڪ دلاسي جي ضرورت هجي مان خاموش ٿي ويس ۽ پنهنجي انجام بابت سوچڻ لڳس.

منهنجي دل ڌڙڪڻ لڳي جنهن کي آءُ ٻڌي سگهيس ٿي، اسان مان ڪنهن بہ هڪ لفظ وڌيڪ ڪونہ ڳالهايو.

ذهني عذاب هميشهہ بي آواز هوندو آهي. سو اسان ڄڻ پنڊپهڻ ٿي وياسين ۽ خاموش ٿي وياسين ”سنگ مرمر جي انهن پٿرن وانگر جيڪي زلزلي سبب زمين ۾ دٻجي ويا هجن.“

هاڻ ڪنهن بي ڳالهہ جي ٻڌڻ جي خواهش ئي نہ رهي هئي ڇاڪاڻ جو اسان جي دل جون تنتون ايترو تہ ڪمزور ٿي ويون هيون جو ساهہ کڻڻ جي حرڪت سان بہ ٽٽي ٿي سگهيون. اڌ رات ٿي چڪي هئي سونن (Sonin) جبل جي پويان ڪنيءَ نما چنڊ کي ايرندو ڏسي رهيا هئاسين


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هن وقت اهو تارن جي وچ ۾ ائين پئي نظر آيو جيئن لاش جو منهن ڏيئي جي روشنيءَ ۾ ڪفن مان نظر ايندو آهي.

لبنان هڪ اهڙي پير مرد وانگر ڏسڻ ۾ ٿي آيو جنهن جي چيلهه عمر گذرڻ سبب جهڪي ويئي هجي. جنهن جون اکيون بي خوابيءَ سبب پيهي ويون هجن جيڪو اونداهه ۾ ڪجهه ڳوليندو هجي ۽ صبح جي سوجهري جو ڪيس انتظار هجي.

لبنان هڪ اهڙي بادشاهه وانگر نظر آيو ٿي جيڪو رک جي ڪنهن ڍير ۾ پنهنجي محلات جا آثار ڳوليندو هجي.

جبلن وڻن ٽڙن ۽ دريائن ۾ وقت جي گردش ۽ موسمي اثرن سبب تبديلي ايندي رهندي آهي ۽ اهڙي طرح هڪ شخص ۾ به سندس تجربن ۽ جذبات سبب تبديلي ايندي رهندي آهي.

اهي ڊگها ۽ سهڻا وڻ جيڪي ڏينهن جي وقت انتهائي خوبصورت نظر ايندا آهن ۽ باغ جي سونهن هوندا آهن رات جي وقت دونهاٽيل ۽ اونداهي پاڇولي وانگر نظر ايندا آهن. ماٿرين ۾ پيل سهڻي پٿر جون ڇپون جيڪي ڏينهن جي وقت عظيم جسامت جو مثال هونديون آهن رات جو منجهن ڪابه سونهن نه رهندي آهي.

وهندڙ ندي صبح جو ڪيڏي نه وڻندڙ لڳندي آهي وهندڙ پاڻيءَ جو هڪ خوبصورت مثال پيش ڪندي آهي رات جو منجهس ڪابه خوبصورتي نه رهندي آهي سندس گوڙ ۽ آواز مان پئو ايندو آهي.

لبنان جيڪو هڪ هفتو اڳ اسان کي ڏاڍو سهڻو ۽ پيار لائق ديس محسوس ٿيو هئو سو هيئنر هڪ اجڙيل جاءِ محسوس پئي ٿيو ڇاڪاڻ جو ان وقت اسان خوش هئاسين ۽ هينئر دل ڦٽي پيئي هئي.

اسان هڪ ٻئي کان موڪلائڻ لاءِ اُٿي بيناسين هڪ طرف پيار ۽ ٻئي طرف نا اُميديءَ شايد بيچيني پيدا ڪري وڌي هئي، نا اميديءِ هڪ اهڙو پوت ٿي بيٺي هئي جنهن اسان جو ساهه ڪڍڻ پئي چاهيو ته پيار وري نئول طور اسان تي ڪليو پئي. جئين ئي مان سلميٰ جو هٿ جهلي پنهنجي چپن جي ويجهو آندو هوءَ هڪدم منهنجي ويجهو آئي ۽ منهنجي پيشاني چمي ورتائين ۽ پوءِ ڪاٺ جي بينچ تي ڪٽي پنهنجو پاڻ کي ڇڏيائين ۽ نستي ٿي ويهي رهي. اکيون بند ڪري پٽڪندي آواز ۾ چيائين اي خدا مون تي رحم ڪر منهنجي ڪنيڙاٽين ۾ طاقت عطا فرماءِ.

جئين ئي مان سلميٰ کي ڇڏي اڳتي وڌيس ائين محسوس ٿيم جئين منهنجي حواسن تي پردو ڪري پيو هجي بلڪل ائين جئين ڪنهن ڇلڪندڙ ڍنڍ جو پاڻي بيهي ويندو آهي ۽ مٿس ڪج ۽ جهڳ جو پردو اچي ويندو آهي.

وڻن جي خوبصورتي، چنڊ جي چانڊوڪي ۽ ويتر وري سڪون ۽ خاموشي مونکي بدصورت ۽ خوفنائتا محسوس ٿيا. اها روشني جنهن ۾ مون ڪائنات جي حسن ۽ خوبصورتيءَ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪي محسوس ڪيو هو هينئر پڙڪو ڪائي هڪ شعلي جو روپ اختيار ڪري چڪي هئي ۽ جنهن منهنجي دل کي جلائي رکيو.

اهو ابدي نغمو جنهن کي ٻڌي زندگيءَ جي لطف جو احساس ٿيو هئم هينئر ڪنهن شينهن جي گجگوڙ ڪان بہ وڌيڪ ڀنوائتو ٿي لڳو.

مان پنهنجي ڪمري ۾ پهتس ۽ سڌو وڃي بستري تي ڪريس بلڪل ائين جئين ڪنهن پکيءَ کي شڪاريءَ تير هڻي زخمي ڪري وڌو هجي ۽ اڏامندي وڃي ڪنهن جاءِ تي ڪريو هجي.

مان سلمىٰ جا چيل اهي لفظ پنهنجي دل ۾ ورجائڻ لڳس تہ اي خدا مونتي رحم ڪر منهنجي پڳل ڪنيڙاٽين ۾ طاقت عطا فرماءِ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(7)

# تختئہ دار تي

اڄڪلهہ شادي هڪ مذاق بنجي ويئي آهي ۽ نوجوانن ۽ والدين جي وچ ۾ حڪمت عملي وڃي رهي آهي.

اڪثر ملڪن ۾ نوجوان انهيءَ حڪمت عمليءَ ۾ ڪٽيو وڃن ۽ والدين جي هار ٿيو وڃي پر عورت کي اڄ بہ ملڪيت سمجهيو وڃي ٿو ۽ محض ملڪيت طور هڪ گهر مان ٻئي گهر منتقل ڪيو وڃي ٿو. وقت سان گڏ جڏهن سندس جواني گذريو وڃي حسن ۽ خوبصورتي موڪلايو وڃيس تہ سندس حيثيت هڪ پراڻي ڪرسيءَ يا ڪوچ وانگر وڃيو رهي جيڪو گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ پيو هوندو آهي.

جديد تهذيب عورت کي ڪجهہ ڏاهپ عطا ڪئي آهي پر مرد جي حرص واري طبيعت سبب سندس مصيبتن ۾ اضافو ٿيو آهي.

ڪالهوڪي عورت هڪ بختاور زال هئي پر اڄوڪي عورت فقط هڪ گهر ڏياڻي وڃي رهي آهي.

ڪالهہ هوءَ اکيون ٻوٽي روشنيءَ ۾ هلندي هئي پر اڄ ڪيس اکيون کولي اونداهہ مان لنگهڻو پوي ٿو.

هوءَ بي خبر ۽ اياڻپ واري دنيا ۾ ڏاڍي سهڻي هئي ۽ پنهنجي سادگيءَ سبب باعصمت ۽ پاڪدامن هئي، ڪمزور هئڻ جي باوجود بہ سندس هڪ مقام هئو پر اڄ هوءَ پنهنجي چالاڪيءَ سبب بدصورت ٿي پيئي آهي ڄاڻ ۽ معلومات رکندي بہ سندس هر ڳالهہ ۾ ڏيکاءُ نظر اچي ٿو ۽ هوءَ کوکلي ٿي پيئي آهي.

ڪاش اهو ڏينهن اچي جڏهن علم ۽ خوبصورتي حڪمت ۽ عصمت جسماني نزاڪت ۽ دلي بهادري اهي سڀ جذبا هڪ عورت ۾ اچي گڏ ٿين.

آءُ انهن ماڻهن منجهان آهيان جنکي اهو يقين آهي تہ روحاني ترقي ۽ ذهني ارتقا ۾ اوسر انساني زندگيءَ جو هڪ مجيل اصول آهي پر ڪماليت تائين پهچڻ جو عمل ايذاءُ ڏيندڙ ۽ ڏاڍو سُست آهي.“

جيڪڏهن ڪا عورت ڪنهن ڳالهہ ۾ انتها تائين پهچي ويندي تہ منجهانئس ڪا نہ ڪا خوبي ضرور گهٽجي ويندي. اهو رستو جيڪو ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تائين ويندو آهي ان رستي تي چورن جي لڪڻ لاءِ ڪئين مناسب هنڌ بہ هوندا آهن تہ وري بگهڙن جي لڪڻ جون چرون پڻ هونديون آهن. اڄوڪو زمانو عجيب جاگرتا ۽ ننڊ جي وچ واري منزل ۾ ٽنگيو پيو آهي پنهنجي ماضيءَ جي يادن ۽ مستقبل جي سپنن ۾ گم آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هر عورت مستقبل ۾ زندگيءَ جي ضمانت هوندي آهي. بيروت شهر ۾ سلميٰ ڪريمي مشرقي عورت جي مستقبل جو هڪ مثال هئي.

ڪجهه انسان وقت کان اڳ پيدا ٿيندا آهن بلڪل سلميٰ ويچاري به وقت کان اڳ پيدا ٿي پنهنجي حال جو شڪار ٿي پيئي انهيءَ گل وانگر جيڪو تاريءَ کان ٿتي پاڻيءَ جي وهڪري سان وهي هليو ويندو آهي هوءَ پڻ وقت جي وهڪري سان گڏ ائين وهي هلي ويئي.

۽ هڪ ڏينهن انهيءَ ڪمبخت ڇج سان گڏ هلي وڃي آخرڪار پادريءَ جي گهر پهتي. ۽ اهڙي ريت منصور بي غالب ۽ سلميٰ جي شادي ٿي ويئي ۽ هوءَ وڃ بيروت ۾ وڃي سندس گهر رهڻ لڳي جتي بيروت جا عزت وارا ماڻهو رهندا هئا ۽ فارس افندي پنهنجي ويران گهر ۾ اڪيلو رهجي ويو. شاديءَ جا ڏينهن ۽ راتيون گذري ويون پر هني مون هڪ تلخ حقيقت ۽ ڏکائتي واقعي طور ياد رهجي وئي. بلڪل ائين جئين جنگ کان پوءِ انساني کوپڙيون ۽ هڏا جنگ جي ميدان ۾ باقي رهجي ويندا آهن.

مشرقي شاديءَ جو شان ۽ شوڪت ماڻهن جي دلين ۾ هڪ ياد طور رهجي ويندو آهي پر ان شادي جو نتيجو گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي ڪڏهن ڪڏهن ائين ٻوڙيو وجهي جيئن ڳورو پٿر سمنڊ جي تري ۾ ويهي ويندو آهي.

اها خوشي جيڪا وقتي طور محسوس ٿيندي آهي بلڪل ائين هوندي آهي جيئن سمنڊ جي ڪناري تي هلڻ سبب پيرن جا نشان ٿيندا آهن جيڪي پاڻيءَ جي پهرين ئي لهر سان صاف ٿي ويندا آهن.

بهار جي موسم گذري ويئي پوءِ اونهارو آيو ۽ خزان جي موسم آئي پر منهنجو سلميٰ لاءِ پيار ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو ۽ آخرڪار خاموش عبادت جو روپ اختيار ڪري ويو منهنجا جذبات ائين ٿيندا ويا جئين ڪو يتيم پنهنجي ماءُ لاءِ محسوس ڪندو آهي منهنجي سلميٰ لاءِ اُڪير خاموشيءَ ۽ غم ۾ بدلجي ويئي.

اهو جذبو جنهن منهنجي اکين مان نير وهايا هئا هاڻ فقط هڪ مونجهاري ۾ تبديل ٿي ويو هئو ۽ ائين پئي محسوس ٿيم ڄڻ منهنجي دل مان رت چوسي ورتو هجيس.

منهنجون درد ڀريون دانهون سلميٰ ۽ سندس مڙس جي خوشيءَ لاءِ ۽ سندس پيءُ جي صبر لاءِ هڪ دعا بڻجي ويون هيون. پر منهنجي اهي سڀ دعائون ۽ نيڪ تمنائون اجايون هيون. سلميٰ جي بدبختي سندس اندر ۾ هڪ اهڙو گهاءُ هئي جنهنجو ڪوبه علاج ڪونه هئو ۽ اهو گهاءُ صرف موت ئي ڇٽائي ٿي سگهيو.

منصور انهن ماڻهن منجهان هئو جن کي دنيا جون سيئي آرائشون آسانيءَ سان ملي ويندييون آهن پر اهو سيڪجهه هوندي به هو هڪ هٻچي ۽ لالچي شخص هئو. سلميٰ سان شاديءَ کان پوءِ هن سندس پيءُ کي وساري ڇڏيو هو ڪيس پير مرد جي تنهائيءَ جو ذري برابر به


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

احساس ڪونہ هئو پر ابتو سندس موت جو انتظار ڪري رهيو هئو تہ جيئن جلد از جلد سندس دولت جو وارث بنجي سگهي.

منصور جو اخلاق ۽ چلت هوبهو سندس چاچي وارا هيا پر فرق صرف اهو هئو تہ پادري هر ڪم مذهب جي لبادي ۾ انتهائي راز داريءَ سان ڪري ويندو هئو جڏهن تہ سندس ڀائيٽي جا اهي ڪرتوت ظاهر ظهور هوندا هئا.

پادري صبح جو ڪليسا ويندو هئو ۽ باقي سمورو ڏينهن، بيواهن، يتيمن ۽ سادي قسم جي انسانن کي بيوقوف بنائڻ ۾ گذاريندو هئو.

جڏهن تہ سندس ڀائيٽو منصور سڄو ڏينهن جنسي آسودگيءَ جي تلاش ۾ گذاريندو هئو. آچر جي ڏينهن پادري ڪليسا ۾ تخت تي ويهي وڏو درس ڏيندو هو پر هفتي جي باقي ڏينهن ۾ اهو سڀڪجهہ وساري ڇڏيندو هئو تہ هن ماڻهن کي درس ۾ ڇا ٻڌايو هئو ۽ بس رڳو سياسي حرفت ۽ منصوبہ بنديءَ سان معاشري کي بيوقوف بنائڻ سندس ڪم هوندو هئو، پر سندس ڀائيٽي ڳُلم ڳُلا سياست بازيءَ ۽ رشوت خوريءَ جو ڪاروبار کولي رکيو هئو.

پادري پاڻ اهڙي قسم جو ماڻهو هئو جيڪي لڪي چوري ڪندا آهن جڏهن تہ سندس ڀائيٽو منصور ڏينهن ڏٺي جو سينہ زوري ڪرڻ وارن مان هئو. پر اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ مشرقي ماڻهن جو پنهنجي مذهبي پيشوائن ۾ اعتبار هوندو آهي. مذهبي پيشوا بگهڙن وانگر آهن جيڪي وس پڄندي پنهنجي ذات وارن مان بہ نہ مڙن ۽ اهڙن ڪاسائين وانگر آهن جيڪي ڪنهن کي بہ ڪُهندي دير نہ ڪن.

هڪ مظلوم ۽ ٽٽل دل واري عورت جي ڪهاڻيءَ ۾ مون کي هي سڀ ڪجهہ لکڻ جي ڪهڙي ضرورت پئي آهي ۽ ڪهڙي ضرورت پئي اٿم تہ غريب ۽ سڀاجهن قومن سان ٿيندڙ ڊوهہ جو ويهي ذڪر ڪريان مونکي ڪهڙي ضرورت پيئي آهي جو هڪ مظلوم ۽ ڪمزور عورت جي بدران سيني مظلوم انسانن لاءِ ويهي ڳوڙها ڳاڙيان.

اي منهنجا پڙهڻ وارو ڪڏهن بہ ائين نہ سمجهجو تہ مان ان عورت کي ڪو ان سڄي قوم جيتري اهميت ڏيئي رهيو آهيان جيڪا پنهنجي مذهبي پيشوائن هٿان لتجندي آئي آهي. پر ان ڳالهہ ۾ يقين رکجو تہ پيار جي رستي ۾ رڪاوٽ جيڪا هڪ عورت کي قبر تائين پهچايو ڇڏي پوري جهان لاءِ هڪ افسوسناڪ ۽ مايوس ڪندڙ خبر آهي.

عورت پنهنجي قوم لاءِ هڪ روشن شمع وانگر هوندي آهي شمع ۾ تيل گهٽ ٿي وڃي ۽ روشنيءَ ۾ فرق نہ پوي ڇا اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو؟

سرءُ جي موسم گذري ويئي هوا وڻن جا ڦڪا پن اڏائي ڦٽا ڪيا سياري جي موسم لاءِ رستو صاف ٿي ويو ۽ پوءِ سيارو وڏي زور شور سان گجندو اچي وارد ٿيو.

بنا ڪنهن يار ۽ غمخوار جي آئون بيروت شهر ۾ اڪيلو پيو هئس ڪوبہ ڪونہ هئو جيڪو منهنجي دل کي اچي آٿت ڏئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ها زخمي روح ڪي تنهائيءَ ۾ ڪجهه آرام ملي ٿو ۽ زخمي روح ڪي وري ماڻهن کان نفرت ٿيو پوي.

زخمي هرڻ پڻ پنهنجو ڌڻ ڇڏي وڃي ڪنهن غار ۾ لڪندو آهي ۽ تيستائين لڪو پيو هوندو آهي جيستائين سندس زخم ڇٽي يا موت اچي ان درد مان جان ڇڏائيس. هڪ ڏينهن مونکي خبر پئي ته فارس افنديءَ بيمار آهي مون پنهنجو ڏک درد وساري سندس گهر وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

هن دفعي آئون سندس گهر زيتون جي وڻن مان گذرندڙ پيدل رستي تان آيس پڪي روڊ واري رستي تان بگيءَ ۾ ويهي اچڻ تي دل نه چاهيم. سندس گهر پهچندي ئي فارس افنديءَ کي بستري تي ليٽيل ڏٺم سندس منهن هيڊائون پئجي ويو هئو سندس اکيون اندر پيهي ويون هيون ۽ جبل جي انهن خوفناڪ وادين جو ڏيک ڏيئي رهيون هيون جتي بد روحن جو واسو هجي. سندس چهري تان زندگيءَ سان ڀرپور اها مسڪراهٽ غائب ٿي چڪي هئي ۽ ان جي جاءِ نراسائيءَ ڏک ۽ درد اچي ورتي هئي.

سندس جسم هڏائون نظر اچي رهيو هئو بلڪل ائين جيئن آنڌي اچڻ کان اڳ ئي ڪنهن وڻ جي ٽارين جا پن ڇڻي ويا هجن.

آئون وٽس پهتس سندس طبيعت بابت پُڇيم ته هن مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جهيڻي آواز ۾ چيائين ته منهنجا پُٽ جلدي وڃي پر واري ڪمري ۾ سلميٰ کي آٿت ڏي ۽ کيس پڻ منهنجي پر ۾ آڻي ويهار.

مان پر واري ڪمري ۾ داخل ٿيس ڏٺم ته سلميٰ منهن تي ويهاڻو رکي ديوان تي ليٽي سُڏڪا ڀري رهي هئي ته جيئن سندس پيءُ سڏڪن جو آواز نه ٻڌي.

مان سندس پر ۾ درد ڀرئي آواز ۾ آهستي سندس نالو ورتو سلميٰ........

هوءَ ڏڪي ويئي جيئن ڪنهن خواب مان سجاڳ ٿي ڀيئي هجي اُٿي ويني ۽ مونکي اچرج وچان ڏسڻ لڳي مونکي ائين تڪڻ لڳي جيئن کيس حقيقت تي يقين نه ايندو هجي ۽ اهو سيڪجهه خواب سمجهندي هجي.

ڪافي دير تائين خاموشي اسان کي اسان جي ماضيءَ ۾ وٺي ويئي ۽ اهي گهڙيون اسان کي ياد اچي ويون جن ۾ اسان هڪٻئي جي پيار ۾ مدهوش ٿيا هئاسين. پوءِ سلميٰ ڳوڙها اگهندي چيو ته ڏس وقت اسان کي ڪيئن نه بدلائي ڇڏيو آهي ۽ وقت ڪئين نه زندگيءَ جو رستو مٽائي اسانکي هنن کنڊرن ۾ اچي ڦٽو ڪيو آهي.

هن جاءِ تي سياري جي موسم ۾ اسان کي پيار ٻنڌڻن ۾ ٻڌو هئو ۽ ساڳي جاءِ تي سياري جي موسم ۾ اسان موت جي منهن ۾ پيا آهيون.

بهار جي موسم ڪيڏي نه خوشگوار هئي ۽ هيءَ سيارو ڪيڏو نه هيبتناڪ ثابت ٿيو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اهو ڳالهائيندي هن پنهنجا ٻئي هٿ ڪٽي اکين تي رکيا جيئن ماضيءَ جون سڀ يادون ڪنهن پاڇولي وانگر اڇي سندس سامهون بيٺيون هجن ۽ پاڻ اهو ڏسڻ نه چاهيندي هجي. مان سندس مٿي تي هٿ رکندي چيو ته اچ سلميٰ اچ همت ڪر اچ ته ايندڙ طوفان جي سامهون مضبوط منارن وانگر سينو ساهي بيهون ۽ بي هٿيار هوندي به سندس هٿيارن جو مقابلو ڪيون. جيڪڏهن اسان مري وياسين ته سمجهبو ته شهيد ٿياسين ۽ جي ڪٽيوسين ته چڻ غازي ٿياسين.

رڪاوٽن کي اورانگهڻ ئي عظمت جي نشاني آهي. تڪليفن سان مقابلو ڪرڻ عياشيءَ واري زندگيءَ کان بهتر آهي. پروانو جيڪو شمع جي چوگرد چڪر لڳائيندو آهي ۽ شمع تي فدا ٿي سڙي مري ويندو آهي.

گٽر ۾ رهندڙ پاٽيءَ جي ڪيئي کان ڪئين دفعا بهتر آهي پرواني جو اهو موت وقار ڀريو آهي.

اچ سلميٰ اچ ته زندگيءَ جي هنن سخت راهن تي هلڻ شروع ڪيون ۽ پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪٽي سج کي ڏسندا هلون ته جيئن اسان کي هن پٿرن ۽ ڪنڊن سان ڀريل رستي ۾ پکڙيل انساني کوپڙيون ۽ ڏنگ هڻندڙ نانگ نظر نه اچن.

جيڪڏهن خوف اسان کي رستي ۾ اڇي ويڙهيو به ۽ رات جي اونداهه اسان جو مذاق اڏايو به ته به اسان جبل جي اها چوٽي سر ضرور ڪنداسين، جنت جي انهن پاڪ روحن سان ملي خوشي ۽ شادماني ملهائينداسين.

خوش ٿي سلميٰ خوش ٿي پنهنجا ڳوڙها اگهه ۽ منهن تان اهي غم جا تاثر لاهي ڦٽا ڪر.

اُٿ ته تنهنجي پيءُ جي پير ۾ هلي ويهون چاڪاڻ جو سندس زندگيءَ جو دارومدار تنهنجي زندگيءَ تي آهي.

تنهنجو مسڪرائڻ ئي سندس علاج آهي.

۽ پوءِ سلميٰ مونتي هڪ پيار ڀري نظر وجهندي چيو ته چا تون مونکي صبر جي تلقين ته نه ڪري رهيو آهين جڏهن ته توکي پاڻ به صبر جي ضرورت آهي.

چا هڪ بُکايل شخص ڪنهن ٻئي بُکايل کي مانيءَ ٽڪر ڏيئي سگهي ٿو يا ڪو بيمار شخص ڪنهن ٻئي بيمار کي اها دوا ڏيئي سگهي ٿو جنهن جي ڪيس پڻ ضرورت هجي هن هڪوار ڪنڌ مٿي ڪٽي پوءِ وري جهڪائي ڇڏيو ۽ پوءِ اسان ٻيئي پير مرد جي ڪمري ۾ اچي سندس پر ۾ ويناسين. سلميٰ صبر کان ڪم وٺندي مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سندس پيءُ پڻ اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو پهرين کان بهتر آهي ۽ سندس حالت سُڌري رهي آهي. پر حقيقت ۾ پيءُ جي دل ڌيءُ جي شادي سبب جهُري پيئي هئي ۽ ٻئي اهڙن روحن وانگر هئا جن مان هڪ ڇڏي وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هئو ته ٻيو وڇوڙي جي غم کان ڦٽيو پيو هئو ۽ مان بذات خود ڦٽيل دل سان سندن وچ ۾ هئس. اسان ٽنهي سان قسمت دغا ڪئي هئي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هڪ پير مرد ڪنهن اهڙي گهر وانگر جنهن کي ڪنهن سيلاب تباهه ڪري ڇڏيو هجي. هڪ دوشيزه هڪ اهڙي گُل وانگر جنهن کي ڏانديءَ سميت ڇني ڦٽو ڪيو ويو هجي.

۽ هڪ نوجوان ڪنهن اهڙي ڪمزور سَلي وانگر جنهن کي سياري هٽي ساڙي وڌو هجي.

بهرحال اسان ٽئي قسمت جي هٿ ۾ رانديڪا هئاسين. فارس افنديءَ آهستگيءَ سان ڇُريو پنهنجو ڪمزور هٿ سلمىٰ ڏي وڌائيندي پيار پرئي آواز ۾ چيائين ته منهنجو هٿ جهل پياري، سلمىٰ سندس هٿ جهليو ۽ پوءِ چوڻ لڳو ته مان گهڻو ئي جيئو آهيان منهنجي زندگيءَ ۾ ڪئين موسمون آيون ۽ ڪئين گذري ويون مان ڏاڍا مزا ماڻيا ۽ ڏاڍي ڏيرج سان مان زندگيءَ جو تجربو حاصل ڪيو.

تنهنجي ماءُ مون کان وڇڙي ويئي جڏهن تون فقط ٽن سالن جي هئين.

توکي منهنجي زندگي جي اٿملهه خزاني طور منهنجي حوالي ڪري پاڻ هلي ويئي.

جئين، جئين تون وڏي ٿيندي وئين تنهنجا مهاندا تنهنجي ماءُ وانگر ٿيندا ويا ۽ هڪ ڏينهن تون هوبهو ماءُ وانگر ٿي بيٺئين.

جئين شفاف تلاءُ جي بينل پاڻيءَ ۾ تارن جو عڪس ٿيندو آهي تون حسن ۾ ائين ماءُ جو مثال آهين نه صرف تنهنجي صورت بلڪ تنهنجي چال چلت تنهنجو ڪردار، ذهانت ۽ ڳالهائڻ جا طور طريقا به بلڪل ماءُ وانگر آهن.

تون منهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڏي راحت رهي آهين ڇاڪاڻ جو هوبهو ماءُ جو عڪس آهين. آءُ هاڻ پوڙهو ٿي چُڪو آهيان منهنجي آرام واري جاءِ صرف موت جي نازڪ پرن ۾ وڃي بچي آهي.

تون ڪوبه غم نه ڪر اي منهنجي محبوب ڌيءَ ڇاڪاڻ جو مان ايترو جيئس جو توکي هڪ جوان دوشيزه جي روپ ۾ ڏٺم ۽ اهائي منهنجي خواهش هئي.

تون ڪوبه غم نه ڪجانءِ ڇاڪاڻ جو آءُ مرڻ کان پوءِ به تنهنجي روپ ۾ جيئرو هوندس مان هن دنيا مان روانو ٿي وڃان سياڻي يا پرينهنءَ ڪوبه فرق ڪونه پوندو. منهنجا ڏينهن اڃي پورا ٿيا آهن جئين خزان جي موسم ۾ وڻن جي پنن جا ڏينهن اڃي پورا ٿيندا آهن منهنجي موت جي گهڙي آئي بيني آهي ۽ منهنجو روح تنهنجي ماءُ سان ملڻ لاءِ مانڊو ٿي رهيو آهي.

هن اهي لفظ ڏاڍي مِناس ۽ پيار سان ادا ڪيا ۽ پوءِ سندس چهري تي ڄڻ سرخي ڇائنجي ويئي. هن وهاڻي هيٺان هٿ وڌو ۽ ننڍڙي تصوير وارو سونو فريم ٻاهر ڪڍيائين تصوير تي نظر وجهندي چيائين ته اچ سلمىٰ اچ پنهنجي ماءُ کي هن تصوير ۾ ڏس سلمىٰ پنهنجا ڳوڙها اُگهيا فريم پنهنجي هٿ ۾ جهلي تصوير کي هڪ ساعت لاءِ چتائي ڏٺو ۽ پوءِ چميون ڏنيون.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اي منهنجي محبوب ماءُ او امان .............. اهو چوندي پنهنجا ڏڪندڙ چپ تصوير تي رکي ڇڏيائين ائين لڳو ڄڻ ان تصوير ۾ پنهنجو روح اوتي ڇڏڻ چاهيندي هجي.

”انسان ذات جي چپن تي سڀڪان سهڻو لفظ امان آهي ۽ سڀ ڪان سهڻو سڏ آهي، منهنجي امڙ.“

هي پيار ڀريو اميدن سان ڀرپور لفظ آهي.

هي مٺو ۽ مهربان لفظ آهي جيڪو دل جي گهراين مان ٿو نڪري.

ماءُ هر شيءِ آهي، غم جي وقت اسان جي روح لاءِ راحت آهي،

ڏکئي وقت ۾ هڪ اميد ۽ آسرو آهي، ڪمزوري ۽ بي وسيءَ واري حال ۾ هڪ سهارو آهي هوءُ دنيا ۾ مهرباني، رحمدلي ۽ بخشش جو ذريعو آهي. جيڪو دنيا ۾ پنهنجي ماءُ وڃائي ٿو ويهي اهو اها آتما وڃايو ويهي جيڪا هر وقت سندس بچاءُ ۽ حفاظت لاءِ تيار آهي.

هن جهان ۾ هر شيءِ ماءُ وارو ڪردار ادا ڪري ٿي سڄ ڌرتيءَ لاءِ ماءُ وانگر آهي. گرميءَ جي صورت ۾ ڪيس غذا پهچائي ٿو. هيءُ تيستائين غائب نٿو ٿئي جيستائين زمين کي سمنڊ جي سريلي راڳ، پکين جي مٺي آواز، چشمن جي پاڻيءَ جي وٽندڙ آواز سان گهري ننڊ سمهاري نہ ٿو ڇڏي.

۽ هيءَ ڌرتي وري وڻن ۽ گلن جي ماءُ آهي، انهن کي پيدا ڪري ٿي، سندن پرورش ڪري ٿي ۽ کين جوان ڪري ٿي. وڻ ۽ گل وري سندن ٻج ۽ ميوي لاءِ ماءُ وانگر آهن.

بهرحال مامتا هر وجود جو اصل ۽ هڪ ازلي جذبو آهي جيڪو حُسن ۽ پيار سان ڀرپور آهي.

سلمىٰ ڪريمي پنهنجي ماءُ کي نہ ڏٺو هئو ڇاڪاڻ جو اجا معصوم هئي تہ سندس ماءُ مري ويئي هئي پر جڏهن هن ماءُ جي تصوير ڏٺي تہ روئي ڏنائين ۽ پار ڪڍي چوڻ لڳي تہ ”اي امڙ!“

لفظ ”امڙ“ اسان جي دلين ۾ لڪو پيو آهي ۽ اهو غم ۽ خوشيءَ جي وقت ۾ چپن تي اچيو وڃي بلڪل ائين جيئن ڪنهن گلاب جي گُل مان خوشبو نڪري ماحول ۾ هٻڪار پيدا ڪري وجهندي آهي.

سلمىٰ ماءُ جي تصوير کي لڳاتار چميون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ پوءِ ساڻي ٿي پيءُ جي بستري تي ڪري پيئي.

پير مرد ٻئي هٿ سندس مٿي تي رکيا ۽ ڪيس چيو تہ منهنجي ٻچڙي مان توکي صرف ماءُ جي ڪاغذي تصوير ڏيکاري آهي پر هاڻ ٻڌ تہ سندس بابت توکي ڪجھ وڌيڪ ٻڌايان ۽ سلمىٰ پنهنجو ڪنڌ ائين مٿي ڪنيو جئين ڪو ننڍڙو پکي آکيري ۾ ماءُ جي پرن جو آواز ٻڌي سندس اچڻ تي ڪنڌ مٿي ڪٽي. پوءِ فارس افنديءَ چيو تون اجان ماءُ جي ڪچ ۾ هُئين ۽ تہ سندس پيءُ گذاري ويو. هوءَ پيءُ جي موت تي ڏاڍو رُني پر وڏي صبر واري عورت هئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پيءُ جي ڪفن دفن کان پوءِ هن ئي ڪمري ۾ منهنجو هٿ جهلي ڇيو هيائين تہ فارس منهنجو پيءُ گذاري ويو ۽ هاڻ تون ئي هن دُنيا ۾ مون لاءِ سڀ ڪجھ آهين.
رت جا رشتا صندل وڻ جي ٽارين وانگر آهن جيڪڏهن وڻ جي ڪا مضبوط ٽاري ڀڄي پوندي تہ ڪيس تڪليف ضرور ٿيندي پر وڻ سڙي ڪونہ ويندو وڻ پنهنجي سموري طاقت ڪنهن ٻي ٽاريءَ تي خرچ ڪندو ۽ هڪ نئين مضبوط شاخ پيدا ٿي پوندي
اهي تنهنجي ماءُ جا لفظ آهن جيڪي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ مون کي چيا هئائين ۽ تون پڻ اهي لفظ دهرائجانءِ جڏهن آئون مرڻ کان پوءِ سُڪون واري جاءِ تي هليو وڃان.
سلميٰ ڳوڙها وهائيندي ٽُٽل دل سان ڪيس جواب ڏنو تہ جڏهن منهنجي ماءُ جو پيءُ گذاري ويو تہ تو سندس جاءِ ورتي پر توڪان پوءِ سندس جاءِ ڪير وٺندو؟ هوءَ هڪ پيار ڪرڻ واري شريڪ حيات جي پناهہ ۾ هئي ۽ ننڍڙي ڌيءَ سندس روح جي راحت هئي ۽ منهنجي روح جي راحت ڪير بڻبو جڏهن تون هن دنيا مان هليو ويندين. اهي لفظ چوندي هوءَ مُڙي ۽ هڪ نظر مونتي پڻ وڌائين ۽ منهنجي چولي جو دامن پڪڙي چوڻ لڳي تہ توڪان پوءِ فقط هيءُ شخص ئي منهنجو دوست وڃي بچندو پر هي ڪئين منهنجي دل کي آٿت ڏيندو جڏهن تہ هي ويچارو پاڻ ڏکن ۽ دردن ۾ ڦاٿو پيو آهي. هڪ ٽٽل دل ڪنهن بي چين روح سان ملي ڪئين ٿي ڪا راحت حاصل ڪري سگهي. هڪ ڏکايل عورت پنهنجي پاڙيسريءَ جي ڏک مان ڪا تسڪين حاصل ڪري سگهندي؟
يا پڳل ڪنيڙاتين وارو ڪو پڪي اڏامي سگهندو؟ هي منهنجي دل جو دوست آهي پر مان اڳم ئي ڏکن جا انبار مٿس لڏي ڇڏيا آهن ايتري قدر جو ڪيس هر طرف انڌوڪار ئي انڌوڪار پيو نظر اچي.
هي اهڙو پاءُ اٿم جنهن کي مان سڀ کان وڏيڪ چاهيان ٿي ۽ مڙني ڀائرن وانگر منهنجي غمن ۾ مونسان شريڪ آهي، ڳوڙهن وهائڻ ۾ منهنجو ساٿي آهي پر انهيءَ ڪري منهنجي دل جا زخم وڌيڪ گهرا ٿيو پون.
سلميٰ جا اهي لفظ منهنجي دل ۾ کُپي ويا ۽ ائين لڳم جيئن وڌيڪ برداشت ڪري نہ سگهندس اهو سڀ ڪجھ ٻڌي پير مرد جي دل پڻ اُڄهامڻ لڳي ۽ روح ڪنبڻ لڳو بلڪل ائين جيئن ڪنهن ڏيئي جي لاٽ طوفان شروع ٿيڻ کان ٿورڙو پهرين هڪدم لُڏي ويندي آهي.
پوءِ هن پنهنجون ٻانهون ڪٽي سڌيون ڪيون ۽ چيو تہ مونکي سُڪون سان روانو ٿيڻ ڏي منهنجي ٻچڙي مان مان هن پنجري جون شيخون ڀڃي اُڏامڻ چاهيان ٿو.
مونکي هاڻ نہ روڪجانءِ تنهنجي ماءُ مونکي سڏي رهي آهي.
آسمان صاف آهي ۽ سمنڊ ۾ پر سڪون، ٻيڙي اڳتي وڌڻ لاءِ تيار آهي، سندس سفر ۾ دير نہ ڪرايو ڇڏيو تہ منهنجو جسم انهن سان وڃي آرامي ٿئي جيڪي آرام ۾ آهن. مونکي ڇڏيو تہ هي خواب پورو ٿئي ۽ پوءِ منهنجو روح پريات مهل وڃي سُجاڳ ٿئي هاڻ مونکي ياڪر پاءِ


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۽ آخري ڇُمي ڏي منهنجي لاش مٿان اجايا ڳوڙها نہ ڳاڙجانءِ انهن ڳوڙهن سبب منهنجي قبر مٿان قدرتي گُل ۽ سائو گاهہ نہ ڦٽندو.

ڪنهن لاش مٿان روئڻ پٽڻ بدبختيءَ جي نشاني آهي ائين ڪرڻ سان قبر مٿان گُلن ۽ سائي گاهہ بدران ڪنڊن وارا ٻوٽا اُپرندا.

آخري وقت ۾ منهنجي پيشانيءَ تي غم ۽ غضي جا گهنج نہ اچڻ ڏي ائين ڪرڻ سان منهنجي لاش مٿان گذرندڙ هوا سائي گاهہ سان ڀريل ميدانن مٿان گذرڻ بدران برپٽ ۽ بيابانن مٿان ٿيندي هلي ويندي.

مون ڪي توسان بيحد پيار هئو منهنجي ٻچڙي جيستائين مان هن دُنيا ۾ رهيس مون توسان بيحد پيار ڪيو ۽ مرڻ ڪانپوءِ بہ منهنجو پيار توسان گڏ رهندو ۽ منهنجي آتما هميشهہ تنهنجي حفاظت ڪندي.

پوءِ فارس افنديءَ پنهنجي اڌ پوريل اکين سان مونڏي نهاريو ۽ چيو تہ ”منهنجا پُٽ هاڻ تون سلمىٰ جو سڳي ڀاءُ وانگر ساٿ ڏجانءِ جيئن تنهنجو پيءُ منهنجي ڀاءُ وانگر هئو. ضرورت وقت سندس مدد ڪجانءِ ۽ ساٿ ڏجانءِ ۽ ڪيس منهنجي مرڻ تي ماتم ڪرڻ نہ ڏجانءِ ڇاڪاڻ جو مُئل شخص لاءِ ماتم ڪرڻ اجايو آهي.

سندس خوشيءَ واريون ڪهاڻيون دهرائجانءِ ۽ ڪيس زندگيءَ جا نغما ٻڌائجانءِ تہ جيئن هوءَ پنهنجو سمورو غم وساري سگهي.

مان تنهنجي پيءُ سان ملي جوانيءَ وارا قصا دهرائيندس ۽ ڪيس ٻڌائيندس تہ تنهنجي پُٽ جي روپ ۾ مان هڪ شخص سان پيار ڪيو جيڪو زندگيءَ جي آخريءَ گهڙين ۾ مونسان گڏ رهيو.“

پوءِ خاموشي ڇائنجي ويئي

پير مرد جي منهن تي مون موت جو پاڇولو ڏسي ورتو. پوءِ هن پنهنجيون اکيون ڦرايون ۽ اسان ڏي منهن ڪري پُڇڪيو ڪنهن بہ طبيب کي نہ گهرائجو تي سگهي ٿو تہ ڪا دوا ڏيئي هن بنديخاني ۾ رهڻ جو عرصو چند گهڙين لاءِ وڌائي ڇڏيم.

غلاميءَ جا ڏينهن پورا ٿي ويا آهن هاڻ منهنجو روح آزاد ٿي اُڏامڻ لاءِ تڙپي رهيو آهي.

ڪنهن بہ پادريءَ کي نہ سڏائجو ڇاڪاڻ جو سندس ڦيٽا ۽ ڦوڪون هن گناهگار جي زندگي بچائي نہ سگهنديون ۽ جيڪڏهن آءُ بيگناهہ آهيان تہ پوءِ هي ڦيٽا ۽ ڦوڪون ڪهڙي ڪم جا؛ جيڪا خدا جي مرضي.

هڪ انسان جي مرضي خدا جي مرضي بدلائي نہ سگهندي.

ڇا ڪو نجومي تارن جو رستو بدلائي سگهندو؟

منهنجي مرڻ کان پوءِ پادرين ۽ طبيبن کي ڇڏي ڏجو تہ هاڻ جيڪو ڪري سگهن سو ڀلي اچن ڪن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۽ منهنجو هي سفينو تہ هلندو رهندو جيستائين وجي پنهنجي منزل تي رسي!

نيڪ آڌيءَ رات جو فارس افنديءَ پنهنجون اکيون آخري دفعو کوليون ۽ سلميٰ ڏانهن نهاريو جيڪا گوڏن ڀر سندس ڀر ۾ ويٺي هئي هن ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڳالهائي نہ سگهيو جڻ موت سندس آواز بند ڪري ڇڏيو هجي پر وڏي ڪوشش ڪان پوءِ آخري لفظ هي ادا ڪيائين

”او سلميٰ...................... او ...................... سلميٰ“

پوءِ سندس ڪنڌ ڍرڪي ويو ۽ مُنهن تي سفيدي ڦهيلجي ويس ۽ آخري ساهہ سان گڏ مون سندس مُنهن تي اها مُرڪ ڏسي ورتي هئي.

سلميٰ محسوس ڪيو تہ سندس پيءُ جو هٿ نري ويو آهي ۽ ڪنڌ مٿي ڪري سندس چهري تي هڪ نظر وڌي جنهن تي موت جو نقاب پئجي چڪو هئو.

سلميٰ کي جڻ چُپ لڳي ويئي.

هن نہ ئي ڳوڙها ڳاڙيا، نڪا رُني ۽ نہ وري اُتان چري.

ڪجهہ وقت تائين بُت بڻي پيءُ جو مُنهن ڏسندي رهي ۽ پوءِ اُتي ئي سجدي ۾ ڪري پيئي ۽ چوڻ لڳي اي خدا رحم ڪر منهنجي پڳل کنيڙاٿين کي طاقت عطا فرماءِ.

فارس افندي ڪريمي مري چڪو هئو سندس روح ازل سان وڃي مليو ۽ جسم زمين ڏانهن واپس وري ويو. منصور بي غالب سندس دولت جو حقدار بنجي ويو ۽ سلميٰ سڄي زندگيءَ لاءِ غلام بنجي ويئي.

زندگي اها جيڪا ڏکن دردن ۽ نا اُميديءَ سان ڀرپور.

مان ڏکن سورن جي دنيا ۾ ٻڏي جڻ اڌورو رهجي ويس. اهي ڏينهن ۽ راتيون مونتي ائين گذريا جيئن ڪو عقاب پنهنجي شڪار چيريندو ۽ ڦاڙيندو آهي.

مان پنهنجي غم کي گذري ويل اديبن جا ڪتاب پڙهي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پر اها ڳالهہ ان مثل ثابت ٿي جڻ تيل سان باهہ وسائجي.

مونکي اهي سڀ ڪتاب ماضيءَ ۾ ٿيل دردناڪ حادثن سان ڀريل نظر آيا ۽ نتيجي ۾ ساڳي آه و زاري مليم ۽ بس لڙڪن جون قطارون وهي نڪتيون.

جرمياح جي مرثين مونکي متاثر ڪيو ۽ مغربي ادب ۾ هيمليٽ جي ڪهاڻي دل سان لڳم،

مايوسي اسان جي نظر کي ڪمزور بنايو وجهي ۽ ڪنن کي بند ڪيو ڇڏي ۽ پوءِ اسان کي قيامت جي ڀوت ڪانسواءِ اڳتي ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي ۽ پنهنجي گهبرايل دلين جي آواز ڪانسواءِ ڪجهہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(8)

# ايشتار ۽ مسيح جي وچ ۾

انهن باغن ۽ پهاڙين جي وچ ۾ جيڪي بيروت کي سڄي لبنان سان ملائن ٿا تمام قديم ۽ اڇي پٿر جو ٺهيل هڪ ننڍڙو مندر آهي، ان مندر جي چوڌاري زيتون، بادام ۽ بيدمشڪ جا وڻ آهن. هي مندر پڪي رستي کان اڌ ميل ڪن پري وڃي هڪ جاءِ تي آهي. منهنجي هن ڪهاڻيءَ واري زماني ۾ تمام گهڻ ماڻهن کي قديم آثارن ۽ اهڙيون وسري ويل جايون ڏسڻ جو شوق هوندو هئو.

اها هڪ تمام دلچسپ جڳهه هئي جيڪا لبنان ۾ جڻ لڪي پيئي هئي ماڻهو ان جاءِ کي جڻ وساري وينا هئا. پنهنجي ائين الڳ ٿلڳ هئڻ ڪري اها جاءِ پوڄارين لاءِ هڪ جنت جو مثال هئي ۽ ويچارن اباڻڪن عاشقن لاءِ هڪ پوتر درگاه هئي.

جيئن ئي هن مندر ۾ داخل ٿبو تہ اُيرندي ديوار تي پراڻي فلسطيني فن جي هڪ بي مثال تصوير نهيل نظر ايندي.

هيءَ پٿر تي اُڪريل پيار ۽ حسن جي ديويءَ ايشتار جي تصوير آهي ۽ سندس تخت تي سندس اردگرد ست داسيون بلڪل اگهاڙيون مختلف نمونن ۾ وينل آهن.

پهرين داسيءَ جي هٿ ۾ هڪ ڏياٽي آهي ٻيءَ جي هٿ ۾ گٽار آهي، ٽئين جي هٿ ۾ اگردان چوٿينءَ جي هٿ ۾ شراب سان ڀريل صراحي پنجئين جي هٿ ۾ گلاب جي ٽاريءَ ڇهينءَ جي هٿ ۾ گُلن جو هار ۽ ستين جي هٿ ۾ تير ۽ ڪمان آهي ست ئي ڄڻيون ديويءَ کي نهايت ادب سان ڏسي رهيون آهن.

ٻي ديوار تي ٻي تصوير آهي جيڪا پهرينءَ جي مقابلي ۾ ڪجهه جديد آهي. هن تصوير ۾ عيسيٰ مسيح کي صليب تي چاڙهيل ڏيکاريو ويو آهي سندس جسم ۾ ڪليون ڪُتيون پيون آهن. ۽ سندس پير ۾ سندس ماءُ ڏکايل ۽ ميري ميگلڊن ٻن ٻين عورتن سان گڏ روئي رهيون آهن.

هيءَ بازنطيني فن جو هڪ نمونو تصوير آهي. هن تصوير مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پندرهين يا سورهين صديءَ عيسويءَ ۾ اُڪري ويئي آهي.

الهندي واري ديوار ۾ ٻہ گولائتيون دريون آهن جن مان سج جا ڪرڻا گذري هنن تصويرن کي روشن ڪيو وجهن ۽ تصويرون ائين ڏسڻ ۾ اچن جڻ منجهن سونهرو رنگ ڀريل هجي.

مندر جي وچ ۾ هڪ چورس سنگ مرمر جو پٿر رکيل آهي جنهن تي پڻ قديم زماني جون تصويرون اُڪريل آهن. جن مان ڪجهه تہ رت جي پراڻن ڄمي ويل ڏبن سبب وڏي مشڪل



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سان نظر اچن ٿيون. تصويرن تي رت جا ڇِمي ويل اهي داغ ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪن ٿا تہ ڪنهن زماني ۾ ان پٿر تي قرباني ٿيندي رهي آهي ۽ ان زماني جا انسان مٽس خوشبوءِ شراب ۽ تيل هاريندا رهيا آهن.

۽ انهن شين ڪان سواءِ خاموشيءَ جي ٻي ڪابہ شيءِ ان مندر ۾ ڪانہ آهي جيڪا ڪنهن ديويءَ يا گذريل نسلن جي ڪنهن راز بابت ڪجهہ ٻڌائي سگهي. يا مذهبن جي ارتقا بابت ڪا ڄاڻ ڏيئي سگهي.

اهو سمورو منظر هڪ شاعر کي اتاه ماضيءَ جي دنيا ۾ وٺيو وڃي جتي هو هڪ فلاسفر کي چئي سگهي ٿو تہ انسان پيدائشي طور مذهبي پيدا ٿيو ۽ هر اها شئي جيڪا سندس وس کان ٻاهر هئي هن ان جي تصوير ڪشي ڪئي جنهن جو مقصد صرف لڪل رازن تان پردو هٽائڻ ۽ موت ۽ زندگيءَ جي باري ۾ سندس خواهشن جو اظهار هئو.

انهيءَ اٽڃاتل مند ۾ مان سلميٰ سان مهيني ۾ هڪ دفعو چند ڪلاڪن لاءِ ملاقات ڪندو هئس.

اسان انهن عجيب وغريب تصويرن بابت غور ڪندا هئاسين ۽ عيسيٰ جنهن کي صليب ۾ ڪوڙيو ويو هئو ان بابت سوچيندا هئاسين انهن گذري ويل فلسطيني مردن ۽ عورتن بابت سوچيندا هئاسين جن پيار ڪيو هئو ۽ ايشتار ديويءَ جي روپ ۾ حسن جي عبادت ڪئي هئي. ايشتار جي هن تصوير اڳيان لوبان ٻاري هئي، خوشبوءِ ڇڙڪائي هئي ۽ سواءِ سندن هن قسم جي ذڪر ڪرڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ بچيو هئو.

انهن گهڙين جي ياد کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڏاڍيو ڏکيو آهي جن ۾ مان ۽ سلميٰ انهيءَ جاءِ تي ملندا هئاسين.

اهي دوزخ جهڙيون گهڙيون درد، خوشيءَ، غم، اميد ۽ مايوسيءَ سان ڀرپور گهڙيون.

اسان ان پراڻي مندر ۾ ڏاڍي رازداريءَ سان لڪي لِڪي ملندا هئاسين، پراڻن ڏينهن کي ياد ڪندا هئاسين ۽ دل جو حال هڪٻئي سان اوريندا هئاسين پر مستقبل جو خوف اسان تي طاري رهندو هئو.

آهستي آهستي دل جي گهراين ۾ لڪل راز هڪٻئي سان اوريندا هئاسين ۽ هن ناڪاميءَ ۽ پيڙاهہ واري زندگيءَ لاءِ هڪٻئي کي ڏوهاري نهرائيندا هئاسين ڳالهين ڳالهين ۾ هڪٻئي آٿت ڏيئي پنهنجو پاڻ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين ۽ پوءِ هن سموري درد ڀري ڪهاڻيءَ کي وساري مُسڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين.

۽ پوءِ سلميٰ منهنجي پيشانيءَ تي چمي ڏيندي هئي ۽ مون تي وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي جيئن ئي هو پنهنجي سهڻي ڳچيءَ کي موڙيندي هئي مان ڪيس ڳچيءَ تي چمي ڏيئي وٺندو هئس ۽ تيستائين پنهنجا چپ ڳچيءَ تان نہ ڪٽندو هئس جيستائين سندس ڳل پهاڙين تي پوندڙ صبح جي ڪرڻن وانگر ڳاڙها نہ ٿي ويندا هئا. اسان خاموشيءَ سان ان آسماني



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

گهيڙ ڪي ڏسندا رهندا هئاسين جتي زمين ۽ آسمان پاڻ ۾ ملندا نظر ايندا آهن ۽ اُتي ڪڪر اسان کي سج جي سونهري ڪرڻن سان رنگيل نظر ايندا هئا.

اسان جي گفتگو رڳو پيار محبت جي حد تائين محدود ڪانه رهندي هئي اسان هر موضوع تي گفتگو ڪندا هئاسين، دنيا ۾ ٿيندڙ تازي ردوبدل بابت ڳالهائيندا هئاسين.

هڪ دفعي گفتگوءَ دوران سلميٰ معاشري ۾ حيثيت بابت ڳالهايو، گذريل نسلن عورت جي ڪردار تي جيڪي تاثرات ڇڏيا آهن.

زال مڙس جي رشتي جي اهميت، روحانيت مان پيدا ٿيندڙ خرابين، معاشرتي بگاڙ ۽ بدچلنيءَ سبب عورت جي ازواجي زندگيءَ تي جيڪي اثر پيا آهن انهن بابت گفتگو ڪئي. اها سموري گفتگو مونکي ياد آهي سلميٰ چيو هئو تہ، ”شاعر ۽ اديب عورت جي حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر ويچارا اڃ ڏينهن تائين عورت جي دل ۾ لڪل رازن کي سمجهي نہ سگهيا آهن، عورت تي سندن نظر پڻ جنسي جوس پري آهي سو ڪين عورت جي ظاهري هر شيءِ نظر اچي سگهي ٿي پر سندس دل کي هو ڪڏهن بہ نہ سمجهي سگهندا.

هو پڻ عورت کي نفرت جي بلور مان وڏو ڪري ڏسن ٿا جتان ڪين سواءِ عورت جي ڪمزوريءَ تبعداريءَ ۽ آڻ مڃڻ جي بيو ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي.“

هڪ موقعي تي ديوار تي اُڪريل تصويرن طرف اشارو ڪندي چيو هئائين تہ هن پٿر جي دل تي اُڪريل تصويرن مان بہ ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون هڪ تصوير ۾ ايشتار ديوي تخت تي ويٺي آهي ۽ ٻي تصوير ۾ مريم صليب جي پر ۾ بيٺي آهي هي تصويرون عورت جي خواهش جي جوهر ۽ دل جي ڪجهہ لڪل رازن کي ظاهر ڪن ٿيون سندس پيار ۽ درد جي وچ ۾ حالت ۽ محبت ۽ قربانيءَ جي وچ ۾ حالت کي ظاهر ڪن ٿيون. ”مرد صرف واڪاڻ ۽ نيڪ ناميءَ جو خريدار آهي ۽ انهن شين جي قيمت عورت کي ئي چُڪائڻي پوي ٿي.“

اسان جي انهن ڳجهين ملاقاتن جي خبر سواءِ خدا جي ۽ بيو انهن پکين جي جيڪي ان مندر مٿان اڏامندا لنگهي ويندا هئا ڪنهن ٻئي کي ڪانہ هئي.

سلميٰ پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهي پاشا پارڪ نالي هڪ جاءِ تي ايندي هئي ۽ پوءِ اُتان پنڌ مندر هلي ايندي هئي جتي آئون بيچينيءَ سان سندس منتظر هوندو هئس.

اسان کي ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ هوندي هئي تہ ڪو اسان جو پيڇو ٿو ڪري يا اسان جي ائين لڪي ملڻ تي ڪنهن جي نظر آهي يا نہ. انهيءَ پاسي اسان جو ڌيان ڪڏهن بہ نہ ويو.

اهو عشق جنهن کي باهہ ساڙي نج بنايو هجي ۽ لُڙڪن ڌوئي پوتر ڪيو هجي سو ان ڳالهہ کان بالاتر هوندو آهي تہ زمانو ڇاڪي ٿو شرم ۽ حيا سڏي.“

اهو غلاميءَ جي سيني پابندين کان آزاد هوندو آهي پابنديون اهي جيڪي قدامت پسندن پيار ڪرڻ وارين دلين لاءِ مقرر ڪيون آهن.

اهو عشق وڏي فخر سان خدا جي سامهون هر ڳالهہ جو جواب ڏيئي سگهي ٿو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هي انساني معاشرو ستر صدين کان بگڙيل قانون ۽ قائدا پاليندو رهيو آهي ۽ اجا تائين فطرت جي اصولن کي سمجهڻ کان قاصر آهي ۽ اهو نہ سمجهي سگهيو آهي تہ ازلي قانون ۽ قائدا حقيقت ۾ ڇا آهن.

روحاني بيماريون هڪ نسل کان ٻئي نسل ڪي منتقل ٿينديون آهن ۽ هڪ ڏينهن معاشري جو باقاعده هڪ حصو بڻجي وينديون آهن.

ڪجهہ ماڻهن کي قدرت طرفان اها ڏات ملندي آهي تہ هو ان بيماريءَ کي پرکي سگهن ۽ ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪرڻ ۾ ڪين ڪوبہ شرم يا حجاب محسوس نہ ٿيندو آهي. سلمىٰ ڪريميءَ جو مڙس جي گهر مان ٻاهر اچي چوريءَ چوريءَ مونسان ملڻ ڪجهہ ماڻهن کي برو لڳندو هوندو، انهن ڪوڙهيل ذهن رکندڙن کي هڪ صحت مند خيال رکندڙ پرامن شخص فسادي نظر ايندو هوندو، اهڙا شخص سچ پچ اهڙين بلائن وانگر آهن جيڪي اونداهن ٻرن ۾ رهنديون آهن ۽ هر وقت ڪين ڊپ رهندو آهي تہ متان ڪنهن لنگهندڙ جي پير هيٺان اچي چيپاٽجي نہ پون.

اهو مظلوم قيدي جيڪو بنديخاني جون شيخون پيجي آسانيءَ سان پيجي وڃي سگهي ٿو جيڪڏهن اهو ڪم نہ ڪري تہ بزدل سمجهبو.

پر معصوم سلمىٰ هڪ مظلوم قيدي جي صورت ۾ پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرائڻ جي لائق نہ هئي.

ڇا ان صورت ۾ ڪيس ڏوهاري نهرائي سگهجي ٿو جڏهن تہ سندس حالت اهڙي قيديءَ واري هئي جيڪو لوهي شيخن پنيان بند هجي ۽ جيل ئي جيل مان ساين ٻنين جو نظارو ڪري سگهندو هجي ۽ کُلئي آسمان کي ڏسي سگهندو هجي.

ڇا زمانو ڪيس سندس مڙس سان سچو سمجهندو؟

چاڪاڻ جو هوءَ ايشتار ديويءَ ۽ عيسىٰ مسيح جي وچ ۾ اچي مونسان گڏ ويهندي هئي.

ڇڏي ڏيو زماني کي جيڪو وڻيس پيو چوي.

سلمىٰ ان چور گپ مان پار پئجي چڪي هئي جيڪا ڪيترن ئي بيگناهن کي ڳڙڪائي ويئي هئي، سلمىٰ زمين تي رڙهندڙ نانگن جي پهچ کان گهڻو مٿي مقام تي پهچي چڪي هئي جتي بگهڙن جون رڙيون ۽ رانيا پهچي نہ سگهندا آهن.

ماڻهو مون بابت بہ الائي ڇا سوچيندا هوندا!

پر اهو شخص جيڪو حقيقت ۾ موت جو منهن ڏسي چڪو هجي سو ڪنهن چور جي شڪل ڏسي ڇا ڊڄندو.

اهو سپاهي جيڪو جنگ جي ميدان ۾ چمڪندڙ تلوارون پنهنجي سر تي ڏسي چڪو هجي ۽ رت جون نديون پنهنجي پيرن مان وهندي ڏسي چڪو هجي سو گهٽيءَ جي ٻارن جي پٿرن اڇلائڻ جي ڇا پرواهہ ڪندو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(9)

# قرباني

اها جون مهيني جي پڇاڙي هئي.

بيروت شهر جا ماڻهو گرميءَ کان بچڻ لاءِ جبلن ۾ ٻين مٿانهن هنڌن ڏانهن نڪري ويا هئا.

هڪ ڏينهن آءُ هميشهه وانگر سلمىٰ سان ملڻ لاءِ مندر روانو ٿيس. منهنجي هٿ ۾ (اندالیشن) شاعريءَ جو هڪ ڪتاب هئو.

مندر پهچندي ئي مان سلمىٰ جو انتظار ڪرڻ لڳس ۽ ڪتاب کولي شعر پڙهڻ لڳس شعر پڙهڻ سان منهنجي دل تي وجداني ڪيفيت ڇائنجي ويئي ۽ مونکي انهن بادشاهن، شاعرن ۽ جوڌن جي ياد اچڻ لڳي جن گريناڊا کي الوداع چئي ڳوڙها ڳاڙيندي پنهنجي گهرن ۽ گهٽين تي حسرت ڀري نگاهه وجهندي شهر ڇڏيو هئو.

ان وقت مون ڏٺو ته سلمىٰ باغ مان هلندي مندر ڏانهن اچي رهي آهي سندس هٿ ۾ ڇٽي هئي ۽ ڇٽيءَ جي سهاري آهستي آهستي وکون کڻندي اچي رهي هئي ائين ٿي لڳو دنيا جهان جا سيئي درد سندس سر تي ٽٽي پيا هجن جڏهن منهنجي پر ۾ اچي ويٺي ته مون سندس منهن ۾ تبديلي محسوس ڪئي ۽ پريشان ٿيس ته ڪئين ڪائنس سيڪجهه پُڇي وٺان. سلمىٰ محسوس ڪري ورتو ته مونتي ڇا گذري رهيو آهي منهنجي مٿي تي هٿ رکندي چيائين ته منهنجو ويجهو ته اچ منهنجا محبوب مونکي ٿورڙي اُج ته اُجهائڻ ڏي جدائيءَ جي گهڙي اچي ويئي آهي. مون ڪائنس پُڇيو ته ڇا تنهنجي مڙس کي اسان جي هينئن ملڻ جي خبر پئجي ويئي آهي؟ تنهن تي جواب ڏنائين ته منهنجي مڙس کي ته خير منهنجي ڪا پرواهه ئي ڪانهي ۽ نڪوئي اهو فڪر اٿس ته آءُ ڪئين ٿي پنهنجو وقت گذاريان.

هو هر وقت انهن ويچارين ڇوڪرين سان مست رهندو آهي جن کي غربت بد پيشو ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي اهي ويچاريون ڇوڪريون جيڪي ماني ٽڪري لاءِ ڳوڙها ڳاڙيندي دل تي پٿر رکي پنهنجو جسم وڪڻڻ تي مجبور آهن. پوءِ مان پڇيومانس ته پلا اُها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا توکي هن ريت مندر ۾ اچڻ کان روڪي رهي آهي.

ڪٿي تنهنجي دل ته جدائي نه چاهي رهي آهي؟

اکين ۾ آب آڻيندي سلمىٰ وراڻيو ته منهنجا محبوب منهنجي دل توکان ڪڏهن به جدائي نه چاهيندي، تون ته جڻ منهنجو ئي حصو آهين، توکي ڏسندي ته منهنجون اکيون ڪڏهن به نه ٿڪبيون تون ئي ته سندن روشني آهين پر قسمت کي شايد اهو منظور آهي ته آءُ هٿ ڪڙيون پائي زندگيءَ جي ڪنڊن ۽ پٿرن سان ڀريل رستي تان لنگهان.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پلا مونکي ڪا خوشي ٿيندي ڇا، جو تنهنجي قسمت به مون وانگر ٿي پوي؟

۽ پوءِ چپائين ته مان شايد وڏيڪ ڳالهائي نه سگهان ڇاڪاڻ جو سينو غم سان پرجي آيو اٿم ۽ زبان بند ٿي رهي اٿم، نا اميديءَ سبب هي چپ وڏيڪ ڇُري نه سگهندا ۽ ڊپ اٿم ته ڪٿي تون به اهو ڪجهه محسس ڪرڻ نه لڳين جيڪو مونکي محسوس ٿي رهيو آهي.

پر مون پُڇي ورتومانس ته ڇا مطلب آهي تنهنجو سلميٰ، توکي ڇا جو ڊپ ٿي رهيو آهي؟

پاڻ ٻنهي هٿن سان پنهنجو مُنهن لڪائيندي رئندي چپائين ته پادريءَ مونکي جنهن قبر ۾ قيد ڪيو آهي آءُ مهيني ۾ هڪ دفعو ان قبر مان ٻاهر ويندي آهيان، اها خبر پادريءَ کي پئجي ويئي آهي.

مون پُڇيومانس ته ڇا پادريءَ کي اها خبر به پئجي ويئي آهي ته اسان هن جاءِ تي پاڻ ۾ ملندا آهيون؟

سلميٰ جواب ڏنو ته جيڪڏهن پادريءَ کي اها خبر پئجي وڃي ها ته شايد تون اڄ مون کي هت نه ڏسين ها پر کيس شڪ پئجي ويو آهي تنهن ڪري سيني نوڪرن ۽ چوڪيدارن کي خبردار ڪري ڇڏيو اٿائين ته مونتي ڪڙي نظر رکن، بس مونکي ته ائين محسوس ٿي رهيو آهي جڻ گهر جا سيئي رستا ۽ ديوارون هر وقت مونکي تڪيندا هجن ته آءُ ڪاڏي ٿي وڃان ۽ اجهو ٿا مون ڏي اشارو ڪن. مونکي چئوطرف پڙلاءُ ئي پڙلاءُ ايندي ٿا محسوس ٿين.

پوءِ ڪجهه دير خاموش رهي ۽ ڳلن تان لڙڪ ڳاڙيندي رهي.

پوءِ چوڻ لڳي ته مونکي پادريءَ جو ڪوبه ڊپ ناهي پلا ڪنهن ٻڏندي کي ڪپڙن آلي ٿيڻ جو فڪر ٿي سگهي ٿو ڇا؟ پر مونکي تنهنجو فڪر آهي ته تون ڪٿي ڦاسجي نه پوين ۽ پادريءَ جو شڪار بنجي وڃين تون اڃان ننڍو آهين ۽ سج جي هڪ آزاد ڪرڻي وانگر آهين، مونکي ان قضا جي پرواهه ڪانهي جنهن سندس سمورا تير منهنجي ڇاتيءَ ۾ کوڙي ڇڏيا آهن پر مونکي ان بلا جو خوف آهي جيڪا تنهنجو پير نه پٽي وٺي ۽ پهاڙ جي چوٽي سر ڪرڻ کان توکي روڪي وجهي جت روشن مستقبل خوشي ۽ شادمانيءَ سان تنهنجي مرحبا ڪرڻ لاءِ انتظار ۾ آهي.

مون چيومانس اهو شخص جنهن کي روشنيءَ جي اجگر ۽ اونداهه جي بگهڙن ڪجهه نه ڪيو تنهن کي هي رات ڏينهن هميشهه ڌوڪو ڏيندا رهندا. ۽ ٿورڙو غور سان ٻڌ ڇا جدائي صرف ماڻهن جي بد نظر ۽ ڪميڻائپ کان بچڻ جو واحد ذريعو وڃي رهي آهي؟ ۽ پيار ۽ آزاديءَ جا سپ رستا بند ٿي چڪا آهن؟ ڇا موت جي فرشتي جي خواهش کي تسليم ڪرڻ کانسواءِ اسان وٽ ڪو ٻيو رستو نه رهيو آهي.

تنهن تي جواب ڏنائين ته ڪجهه به نه بچيو آهي سواءِ انهيءَ جي ته هڪٻئي کي الوداع چئي هميشهه لاءِ جدا ٿي وڃجي. ۽ پوءِ مون سرڪشيءَ واري انداز ۾ سندس هٿ پڪڙي ورتو ۽ ڏاڍي جوش مان چيومانس ته ڏس گهڻو ئي وقت اسان ماڻهن اڳيان آڻ مڃي آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ان گهڙيءَ ڪان وٺي جڏهن اسان پهريون ڀيرو مليا هئاسين. هن مهل تائين اسان انڌا بڻجي سندن بتن جي پوجا پئي ڪئي آهي ۽ ان وقت ڪان وٺي پادريءَ جي هٿ ۾ جڻ رانديڪا بڻجي ويا آهيون. ”جڏهن وڏيس اسان سان ڪيڏي جڏهن وڏيس ڦٽو ڪري.“

ڇا مرڻ گهڙيءَ تائين اسان جي اها حالت رهندي ڇا خُدا اسان کي انهيءَ لاءِ ئي پيدا ڪيو آهي ۽ ائين هميشه موت جي مُنهن ۾ پيا هجون؟ ڇا غلاميءَ واري زندگي گذارڻ لاءِ اسان کي آزاد ڇڏيو اٿس؟

اهو شخص جيڪو پنهنجي آتما جي آگ پنهنجي ئي هٿن سان وسائي ڪافر سڏبو ۽ اهو شخص جيڪو ظلم جي خلاف بغاوت نه ڪري بذات خود پنهنجو پاڻ سان نا انصافي ڪندو. مان توسان پيار ڪريان ٿو ۽ تون پڻ مونسان پيار ڪرين ٿي، ”پيار هڪ اڻملهه خزانو آهي جيڪو حساس طبيعت وارن انسانن لاءِ قدرت طرفان هڪ تحفو آهي.“

ڇا اسان ان خزاني کي ائين ڪٽي ڦٽو ڪيون ته ٻلي جانورن جي پيرن هيٺان اچي لتاڙجي وڃي.

هيءَ دنيا خوبصورتيءَ ۽ اسرار سان ڀري پيئي آهي پوءِ اسان هن سوڙهي سرنگ ۾ ڇو رهيا پيا آهيون جيڪا پادريءَ ۽ سندس پوئلڳن اسان لاءِ کوٽي آهي.

پنهنجي ڪلهن تان هيءَ ڪنواني لاهي ڦٽي ڇو نه ڪيون ۽ پيرن جون زنجيرون لاهي ڦٽي ڇو نه ڪيون ۽ امن شانتيءَ طرف هڪ قدم وڌايون.

خدا جي عظيم خدائي پيئي آهي اُت ته هي ننڍڙو مندر ڇڏي هلون.

سلميٰ اچ ته هي جاهلن جو ملڪ ڇڏي هلون ۽ غلاميءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيون ۽ اهڙي پار هلون جتي هنن چورن جي پهچ نه هجي رات جي اونداهيءَ ۾ سمنڊ جي ڪناري طرف هلون ۽ اُتان اهڙي ٻيڙيءَ ۾ هلي ويهون جيڪا اسان کي سمنڊن جي هُن پار وٺي هلي، اسان کي اهڙي جاءِ تي هلي ڇڏي جتي سمجهه ۽ خوشيءَ سان ڀرپور هڪ نئين زندگي ڳولي سگهون.

گهبراءِ نه سلميٰ هي گهڙيون اسان لاءِ بادشاهن جي تاج کان به وڌيڪ قيمتي آهن ۽ فرشتن جي مقام کان به اعليٰ مقام رکن ٿيون.

اچ ته روشنيءَ جو رستو اختيار ڪيون جيڪو اسان کي هن بنجر زمين مان ٻاهر ڪڍي اهڙي ديس ۾ وٺي هلندو جت خوشبوءَ ڀريا گُل ٽڙندا هجن.

هن پنهنجو ڪنڌ ڌوڏيو ۽ ڪجهه دير تائين مندر جي ڇت ڏي نهاريندي رهي جئين ڪا شيءِ ڏسندي هجي ۽ پوءِ درد ڀري مسڪراهٽ چپن تي آڻيندي چيائين ته نه نه منهنجا محبوب ائين ڪڏهن به نه ٿيندو. آسمان وارن مونکي ٿوهر جي پاڻيءَ سان ڀريل پيالو ڏنو ۽ آءُ ڪوڙاڻ جي حقيقت کي سمجهڻ خاطر سمورو پي ويس ۽ جڏهن تري ۾ ڪجهه ڦڙا وڃي بچيا آهن ته ڇا انهن کي هاري ڇڏيان مان اهي به دوا سمجهي پي ويندس.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مونکي امن ۽ پيار واري زندگيءَ جي ڪابہ خواهش ڪانہ رهي آهي ۽ مان زندگيءَ جي مناڻ ۽ خوشيءَ کي چکڻ جي قابل ئي نہ رهي آهيان.

هڪ پڳل ڪنيڙاتين وارو پکي کُلئي آسمان ۾ ڪڏهن بہ اُڏامي نہ سگهندو اهي اکيون جيڪي ميڻ بتيءَ جي روشنيءَ جون عادي ٿي چڪيون هجن هاڻ سج طرف نهاري نہ سگهنديون. مون سان خوشيءَ واري زندگيءَ بابت ڪجھ بہ نہ ڳالهاءِ اهي ڳالهيون ٻڌي مونکي ويتر تڪليف ٿئي ٿي.

هاڻ آءُ امن ۽ شانتي ءَ جي پاڇي کان بہ ڊڄڻ لڳي آهيان مون سان ان قسم جو ذڪر نہ ڪر.

مون طرف ڏس تہ مان توکي اها مشعل ڏيکاريان جيڪا آسمان وارن منهنجي سڙيل دل جي رک ۾ روشن ڪئي آهي ڇا توکي خبر آهي تہ مونکي توسان ايترو پيار آهي جيترو ڪنهن ماءُ جو پنهنجي اڪيلي ٻار سان هوندو آهي، ۽ پيار ئي مونکي اهو سيکاريو آهي تہ توکي پنهنجو پاڻ کان بہ بچائي سگهان. اسان جو پيار باهہ سان ڌوئي پاڪ ٿيل پيار آهي جيڪو توسان ڪنهن ڏورانهين ديس پڄي هلڻ کان روڪيم ٿو.

پيار منهنجي خواهش کي روڪي وڌو آهي تہ جيئن تون پنهنجي مرضيءَ سان آزاد دنيا ۾ گهمي ڦري سگهين.

پنهنجي محبوب لاءِ احساس ملڪيت پيدا ٿئي ۽ اهو احساس پيدا ٿئي تہ محبوب صرف منهنجو آهي اهو محدود پيار جو هڪ انداز چئبو لامحدود پيار صرف پيار خاطر ئي ٿيندو آهي. اهو پيار جيڪو جوانيءَ جي بهار اچڻ سبب ٿيندو آهي. ڏاڍي سادي قسم جو پيار هوندو آهي ۽ ان پيار ۾ ئي اهو احساس ٿيندو آهي تہ محبوب صرف منهنجو هجي، ان پيار جي سُڄاڻ اها آهي تہ چُمين ۽ ڀاڪرن سان جيئن پوءِ تئين ويندو وڌندو.

پيار جيڪو آسمان جي دامن ۾ پيدا ٿي رات جي مڙني اسرارن سان گڏ نازل ٿيندو آهي پر لوڪ ۽ امرتا سان پرپور هوندو آهي. ۽ پنهنجي ديوتا ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ سامهون جوابده نہ هوندو آهي.

جڏهن مونکي خبر پئي تہ پادريءَ کي منهنجو هيئن گهر کان ٻاهر نڪرڻ ناپسند آهي ۽ مونکي انهيءَ کان روڪي زندگيءَ جي آخري خوشي بہ مونکان کسڻ ٿو چاهي تہ آءُ گهر جي دريءَ وٽ اچي بيهنس ۽ ٻاهر سمنڊ جو نظارو ڪرڻ لڳيس مون سمنڊ پار انهن ملڪن بابت سوچيو جتي حقيقي ۽ شخصي آزادي ڳولي سگهجي ٿي مون تصور ڪيو تہ جڻ تنهنجي پر ۾ ويني آهيان ۽ تنهنجي آتما مون وٽ آهي ۽ اهو سوچيندي آءُ تنهنجي پيار جي سمنڊ ۾ ٻُڏي ويس.

پر اهي سيئي خيال جيڪي هڪ عورت جي دل کي روشن ڪري معاشرتي ريتن رسمن خلاف اُڀارين ٿا ۽ هڪ آزاد دنيا وسائڻ لاءِ آماده ڪن ٿا تن مان مونکي اها خبر پئي تہ جڻ آءٌ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪمزور هجان ۽ اسانجو پيار جڻ ڪمزور ۽ محدود هجي ۽ اهو احساس ٿيڻ لڳيم ته جڻ آءٌ سج جي تپش جو مقابلو ڪرڻ جي قابل نه هجان ۽ اهو سڀڪجهه سوچي مان ان بادشاهه وانگر روئڻ لڳيس جنهن جو تاج غضب ڪيو ويو هجي.

اچانڪ مونکي پنهنجي وهندڙ لڙڪن ۾ تنهنجو چهرو نظر آيو ۽ محسوس ٿيم ته تون جڻ مونکي گهوريندو هجين ۽ مون کي ياد اچي ويو ته هڪ دفعي تو مون کي ڇا چيو هئو. تو چيو هو ته، ”اچ سلميٰ اچ ته ايندڙ طوفان جي سامهون مضبوط منارا ٿي بيهون اچ ته دشمن جي سامهون بهادر سپاهي بڻجي بيهون ۽ بي هٿيار هوندي به سندس هٿيارن جو مقابلو ڪيون، جيڪڏهن اسان مري وياسين ته جڻ شهيد ٿياسين ۽ جي ڪٽيوسين ته جڻ غازي ٿياسين.“

۽ تو چيو هئو ته، ”رڪاوٽن کي اورانگهڻ ئي بهادريءَ جي نشاني آهي، تڪليفن سان مقابلو ڪرڻ عياشيءَ واري زندگيءَ کان بهتر آهي.“

تو اهي لفظ اُن وقت چيا هئا جنهن وقت موت منهنجي پيءُ جي بستري تي اچي بيٺو هئو ۽ تنهنجا چيل اهي لفظ مونکي ڪالهه ان وقت ياد آيا جڏهن مايوسيءَ جو ڀوت منهنجي سر تي اچي بيٺو هئو.

مان ان قيد جي تنهائيءَ ۾ پنهنجي دل کي مضبوط ڪري خيالن کي يڪجاءِ ڪيو ۽ محسوس ڪيو ته هي بي بها آزاديءَ وارو خيال اسان جي تڪليفن ۽ دردن کي واقعي گهٽائي سگهي ٿو پر اسان جو پيار ته سمنڊ وانگر اونهو آهي ۽ ستارن جيترو اوچو آهي ۽ آسمان وانگر وسيع آهي. اهو سوچي منهنجي ڪمزور آتما کي جڻ نئين شڪتي ملي ۽ هاڻ مون ۾ حوصلو پيدا ٿي پيو آهي ته پنهنجي ڪا وڏي شيءِ قربان ڪري سگهان ۽ عظيم قرباني ڏيئي عظمت جي منزل تي پهچي سگهان.

پوءِ اها عظيم شيءِ مون لاءِ ڪهڙي ٿي سگهي ٿيءَ

اها منهنجي خوشيءَ جي قرباني ئي ٿي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح ماڻهن جي نظر ۾ تنهنجي پاڪدامني ۽ احترام برقرار رهندو ۽ تون ڊوهه ۽ ايذاءُ رسانيءَ کان بچي ويندين.

ماضيءَ ۾ آءٌ جڏهن به هن جاءِ تي آئي آهيان ته ائين لڳندو هئم ڄڻ منهنجي جسم تي لوهه جون زنجيرون پيل هجن، پر اڄ آئون هڪ نئين ارادي سان هت آيس ۽ ان زنجيرن واري خيال تي مونکي کل پيئي آئي ۽ اڄ منهنجو رستو پاڻ وڏيڪ آسان ٿي پيو.

پهرين آءٌ هن مندر ۾ هڪ منتشر صورت وانگر ايندي هئس پر اڄ آءٌ هڪ بهادر عورت بنجي آئي آهيان جنهن کي ڏکن ۽ تڪليفن مان گذرڻ جي قيمت جي خبر آهي ۽ جنهن کي قربانيءَ جي اهميت جو احساس آهي.

”اڄ آءُ اها عورت بڻجي آئي آهيان جيڪا پنهنجي محبوب کي جاهلن جو شڪار ٿيڻ کان بچائي سگهي ٿي.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

”اڄ آءٌ اها عورت بڻجي آئي آهيان جيڪا پنهنجي محبوب ڪي پنهنجي ئي نفساني خواهش جو شڪار ٿيڻ کان بچائي سگهي ٿي.“ پهرين آئون تنهنجي پر ۾ جڻ اڻ ڇٽو عڪس بڻجي اچي ويهندي هئس پر اڄ پيار جي ديويءَ ايشتار ۽ عيسيٰ مسيح جي سامهون توکي پنهنجو حقيقي روپ ڏيکارڻ آئي آهيان.

ها مان اهو وڻ آهيان جيڪو ڇانوَ ۾ وڏي وڏو ٿيو آهي پر اڄ آئون پنهنجون ٽاريون سچ جي روشنيءَ ۾ ڦهلائي رهي آهيان.

اڄ آئون هتي توکي الوداع ڪرڻ آئي آهيان منهنجا محبوب مونکي اميد آهي ته اسان جي الوداع پڻ اسان جي پيار جيتري رعب دار ۽ شاندار رهندي.

”اسان جي اڄوڪي هيءَ الوداع انهيءَ باھ وانگر آهي جيڪا سون کي پگھاري ڪيس وڌيڪ چمڪندڙ ۽ قيمتي بنائي ڇڏيندي آهي.“

سلميٰ مونکي ڳالهائڻ يا احتجاج جو ته صفا موقعو ئي ڪونه ڏنو ۽ پوءِ مونڏي ٽِڪ ٻڌي نهارڻ لڳي سندس اکين ۾ عجيب چمڪ هئي ۽ چهري تي وقار، سچ پچ ته ڪنهن فرشتي وانگر نظر اچي رهي هئي.

۽ پوءِ اوچتو پنهنجو پاڻ کي ڪٽي منهنجي مٿان ڇڏيائين، هن کان اڳ ڪڏهن به ائين نه ڪيو هئائين. پنهنجي سهڻين ٻانهن سان مونکي ڀاڪر ۾ وٺي پنهنجا ٻرندڙ چپ منهنجي چپن تي رکي هڪ ڊگھي چمي ڏنائين.

جيئن ئي سج هيٺ ٿيو باغن ۽ گاھ سان ڀريل ميدانن ۾ روشني جهڪي ٿي سلميٰ مندر جي وچ ۾ اچي بيٺي ۽ تصويرن کي ڏسڻ لڳي ائين لڳو جڻ پنهنجي اکين جي روشني پڻ تصويرن ۾ اوتي ڇڏڻ چاهيندي هجي ۽ پوءِ ٿورو اڳتي وڏي عيسيٰ جي تصوير اڳيان ادب سان جهڪي ويٺي ڪيس پيرن تي چُمي ڏنائين ۽ چيائين ته اي مسيحا مان ايشتار جي خوشيءَ ۽ قرار واري دنيا جي بدران تنهنجي صليب کي وڌيڪ پسند ڪيو آهي.

مون گلن جو هار ڳچيءَ مان لاهي ڦٽو ڪيو آهي ۽ ڪنڊن جو هار پاتو اٿم، خوشبوءِ ۽ عطر بدران صرف رت ۽ لڙڪ پنهنجي بدن تي ڇڙڪايا اٿم، اهو پيالو جيڪو آب حيات پيئڻ لاءِ ناهيو ويو هئو تنهن ۾ زهر ڀري ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيتو اٿم.

مونکي قبول ڪر اي منهنجا خُدا، مونکي پنهنجي پوئلڳن ۾ شامل ڪر ۽ انهن وارو رستو ڏيکار سندن تڪليفن ۽ غمن ۾ مونکي پڻ شامل ڪر. سلميٰ اُٿي بيٺي ۽ مونڏي نهاري چوڻ لڳي هاڻ آئون انهيءَ اونداهي غار ۾ آسانيءَ سان موٽي وينديس جتي بد روحن جو پاڇو آهي. مونسان ڪابه همدردي نه ڪجانءِ. اها آتما جيڪا هڪ دفعو خدا جو منهن ڏسي وٺي ڪنهن به ڳالھ کان نه ڊڄندي آهي.

”اهي اکيون جيڪي بهشت جو نظارو ڪري وٺن اهي دنيا جي دردن سبب بند نه ٿي سگھنديون“۽ اهي لفظ ادا ڪندي ئي سلميٰ مندر مان هلي ويئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پوءِ آئون خيالن جي سمنڊ ۾ غلطان ٿي ويس ۽ ان دنيا ۾ پهچي ويس جتي خدا پنهنجي تخت تي وينو آهي ۽ فرشتا سندس چوڌاري بيٺا ٿا زمين وارن جا ڪرتوت لکن. جت ڏکايل آتمائون پنهنجا داستان پيون بيان ڪن ۽ حورون درد ۽ امرتا پريا پيار جا گيت پيون ڳائن.

جڏهن ان خواب مان منهنجي اک کُلي تہ چوطرف اونده ٿي چڪي هئي ۽ رات پنهنجي جوڀن تي پهچي چڪي هئي آءُ گهبرائجي ويس ۽ گهبرايل حالت ۾ پنهنجو پاڻ کي باغ جي وچ ۾ بيٺل محسوس ڪيم ۽ چئوطرف مونکي سلميٰ جي ادا ڪيل هر لفظ جو پڙلاءُ پئي ٻڌڻ ۾ آيو مونکي سندس خاموش چهرو ياد اچي رهيو هئو ۽ سندس هر ادا ۽ هر حرڪت ياد اچي رهي هئم سندس واتان ادا ڪيل هر لفظ ۽ سندس هٿن جو ڇهاءُ ياد اچي رهيو هئم ۽ اهو سڀ ڪجهہ اُن وقت تائين ياد ايندو رهيم جيستائين دل اهو وچي تسليم ڪيو تہ هوءَ هاڻ الوداع ڪري چڪي آهي. ۽ پوءِ پنهنجي ائين اڪيلو رهجي وڃڻ جو احساس ڪائڻ لڳم ۽ تنهائيءَ جو درد ويتر ڪائڻ لڳم مايوسي ۽ نا اميديءَ مونتي ڇائنجي چڪي هئي ۽ منهنجي دل پڄي پور پور ٿي چڪي هئي. زندگيءَ ۾ پهريون پيرو احساس ٿيم تہ جيتوڻيڪ اسان آزاد پيدا ٿيا آهيون پر تڏهن بہ اسانکي ابن ڏاڏن جي ناهيل قانونن اڳيان غلام بنجي رهڻو آهي.

آسمان وارا جن جي باري ۾ اسان جو خيال آهي تہ هو سيڪجهہ ڪري سگهن ٿا سي ويچارا بہ هن سلسلي ۾ بي وس آهن. ان رات کان وٺي ڪيتري ئي وقت آئون سوچيندو رهيس تہ آخر اها ڪهڙي شيءِ هئي جنهن جي خاطر سلميٰ موت کي زندگيءَ تي ترجيح ڏني. مان سوچيندو رهيس تہ ڇا اها قربانيءَ جي عظمت هئي يا بغاوت کان بغاوت. آيا اها سوچ تہ سرڪشيءَ ۾ اها عظمت نہ آهي جيڪا قرباني ڏيڻ ۾ آهي.

اهو سڀ ڪجهہ سوچي سمجهي هن مهل تائين آءٌ فقط ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ اها شيءِ هئي وفاداري، جيڪا اسان جي هر عمل کي پاڪ بنائي احترام ۽ عزت بخشي سگهي ٿي ۽ اها وفاداري سلميٰ ۾ هئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(10)

# نجات ڏياريندڙ

سلميٰ جي شادي کي پورا پنج سال گذري ويا ۽ انهي عرصي ۾ کيس ڪوبہ اولاد ڪونہ ٿيو جيڪو سندس ۽ سندس مڙس وچ ۾ ڳانداپي جو سبب بنجي ۽ ٻن متضاد خيال وارن زال مڙس کي هڪٻئي جي ويجهو آڻي سگهي.

مرد جو اهو خيال تہ ٻار ڄمي ۽ سندس نسل هميشهہ هميشهہ برقرار رهي تنهنڪري ويچاري سُنڌ عورت کي معاشري ۾ حقير تصور ڪيو ويندو آهي.

ڪٽر قسم جو مرد پنهنجي سنڌ زال کي جڻ دشمن تصور ڪندو آهي ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي ساڻس نفرت ۽ ڌڪار جو اظهار ڪندو آهي ۽ هن ويچاريءَ جي موت جي دعا ڪندو رهندو آهي.

منصور بي غالب بہ انهن مرد منجهان هئو هي هڪ انتهائي بدمزاج سخت مزاج ۽ لالچي قسم جو انسان هئو سندس اها خواهش تہ ٻار ڄمي ۽ سندس نالو روشن ٿئي سلميٰ ويچاريءَ لاءِ نفرت جو باعث بنجي ويئي بجاءِ انهيءَ جي تہ هو سندس حسن ۽ نيڪ سيرت هئڻ جو قدر ڪري. وڻ جيڪو اونداهہ ۾ وڏي وڏو ٿيندو آهي ڪڏهن بہ ڦر نہ جهليندو آهي ۽ سلميٰ جيڪا اوچتو اونداهہ جي غار ۾ هلي ويئي ٻار نہ ڄڻي سگهي.

رات جي ڳائيندڙ پکيءَ کي ڦاسائي جيڪڏهن ڪنهن پنجري ۾ بند ڪبو تہ هو پنجري اندر ڪڏهن بہ پنهنجو آکيرو نہ ٺاهيندو. پاڻ تہ پنجري اندر قيد آهي پر سندس ٻچڙا بہ پنجري اندر ڄمندي ئي قيدي بنجي پون.

سلميٰ بدبختيءَ جي بندن ۾ بند هئي ۽ آسمان وارن جي مرضي نہ هئي تہ ڪو نئون ڇاول بہ پيدا ٿيندي ئي قيدي بڻجي پوي سهڻا گُل پٽن ۾ بہ پيدا ٿي پوندا آهن پر اهي فطرت ۽ سج جي پيار جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندا آهن.

انسان جا ٻچڙا پيار ۽ دِيا جي جڻ گُلن وانگر هوندا آهن ۽ پيار ۽ ديا سلميٰ جي ان وچ بيروت واري شاندار ساهراڻي گهر ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ ويا هئا.

هوءَ هر رات خدا کان دعا پنندي هئي تہ کيس ڪو اولاد ٿئي کيس ڪجهہ تہ آرام ۽ راحت ملي.

هوءَ دعا گهرندي رهي دعا گهرندي رهي ۽ هڪ ڏينهن آسمان وارن سندس ٻڌي ورتي.

وڻ جيڪو اوندهہ ۾ وڏي وڏو ٿيو هئو تنهن ڦر جهليو. رات جي ڳائيندڙ پکيءَ پنجري اندر قيد ۾ پنهنجا ڪنيڙا پٽي تن مان آکيرو ناهڻ شروع ڪيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

خدا کان اهو اٿملهه تحفو وٺڻ لاءِ سلميٰ پنهنجون ٻانهون ڦهلايون هن لاءِ ماءُ بنجڻ کان وڌيڪ هن دنيا ۾ ٻي کهڙي خوشيءَ جي ڳالهه ٿي سگهي ٿي.

هن بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هڪ هڪ ڏينهن ڪري ڳڻڻ لڳي ۽ ان ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳي جڏهن قدرت جو مٺو راڳ سندس ٻار جي روئڻ جو آواز سندس ڪنن سان اچي ٽڪرائيندو.

ڪيس صبح جو ڪو ڪرڻو تہ نظر آيو مستقبل ۾ ڪا جهلڪ تہ نظر آئي.

اهو پڻ نيسان جو ئي مهينو هئو.

جڏهن سملیٰ ٻار ڄمڻ جي سورن سان بستري تي داخل ٿي جت موت ۽ زندگيءَ جي پاڻ ۾ ڪشمڪش جاري هئي. ڊاڪٽر ۽ دائي نئين مهمان جا منتظر هئا آڌي رات کان پوءِ سلميٰ ٻار جي ڄمڻ جي دانهن ڪئي.

اها دانهن جنهن ۾ زندگيءَ، زندگيءَ کان ڌار ٿي نئون روپ وٺندي آهي.

اها دانهن جنهن ۾ هئڻ نہ هئڻ مان عمل ۾ ايندو آهي.

اها دانهن جنهن ۾ هڪ ڪمزور شڪتي طاقتور شڪتيءَ اڳيان ظهور ۾ ايندي آهي.

دانهن غريب سلميٰ جي دانهن جيڪا موت ۽ زندگيءَ جي وچ ۾ ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي.

ٺيڪ پرڀات مهل سلميٰ ننڍڙي پُٽ کي جنم ڏنو ۽ پوءِ جيئن ئي اکيون پٽي ڪمري ۾ نظر ڪيائين تہ کيس چئوطرف مسڪرائيندڙ چهرا نظر آيا.

۽ وري جڏهن بيهر ڪنڌ کڻي نظر ڪيائين تہ موت ۽ زندگي پاڻ ۾ جنگ ڪندي نظر آيس ۽ پوءِ هڪ آه ڀري چيائين تہ اي منهنجا پُٽڙا . . . . . . .

دائيءَ ٻار کي ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي ماءُ جي پرسان ليٽائي ڇڏيو.

ڊاڪٽر ڏاڍي همدرديءَ سان سلميٰ کي ڏسي رهيو هو ۽ ساڳي وقت پنهنجي پيشانيءَ تان پگهر بہ اُگهي رهيو هئو هر طرف خوشيءَ جا نعرا لڳي ويا ۽ هر شخص ٻار جي پيءُ کي سندس ٻار جي پيدا ٿيڻ تي مبارڪ ڏيئي رهيو هئو پر ڊاڪٽر جي نظر مسلسل سلميٰ جي چهري تي هئي ۽ ٻار ٻار پريشانيءَ وچان پنهنجي پيشاني اُگهي رهيو هئو.

سڀ نوڪر چاڪر خوشيءَ جي اها خبر کڻي هڪٻئي پُٺيان منصور بي غالب وٽ وڃي رهيا هئا پر ڊاڪٽر ڪڏهن ٻار کي ٿي ڏٺو تہ ڪڏهن سلميٰ کي ٿي ڏٺو.

جيئن صبح ٿيو سلميٰ پنهنجي ٻار کي ڇاتيءَ سان کڻي لاتو، ٻار هڪ دفعي لاءِ اکيون کوليون ماءُ کي ڏٺو ۽ پوءِ ٿوري دير لاءِ ڏٺيو ۽ اکيون هميشهہ هميشهہ لاءِ پوري ڇڏيائين ڊاڪٽر ٻار کي سلميٰ جي ٻانهن مان کڻي ورتو ۽ رئڻ هارڪي آواز ۾ پٽڪيو

اڙي هي تہ موڪلائيندڙ مهمان آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻار موڪلائي ويو جڏهن ته اوڙي پاڙي وارا سڀ پيءُ سان گڏ وڏي هال ۾ خوشيون ملهائي رهيا هئا ۽ نئين آيل وارث جي صحت جا جام پيئي رهيا هئا.

سلميٰ نماڻائيءَ سان ڊاڪٽر کي چيو ته ٿورڙو مونکي پنهنجو ٻار ڏي ته سهي آءٌ پنهنجي ڀاڪر ۾ سمهاريانس.

ٻار مري چڪو هو پر هال ۾ خوشيءَ جو جشن زور شور سان ملهائجي رهيو هئو گلاسن جي ٽڪرائڻ ۽ ٿانون جا آواز برابر اچي رهيا هئا......

هو پرڀات مهل ڄائو ۽ سج جي پهرين ڪرڻي سان موڪلائي ويو. هڪ خيال وانگر پيدا ٿي هڪ دانهن بڻجي هليو ويو ۽ پاڇولي وانگر غائب ٿي ويو پنهنجي ماءُ کي ٿورڙي فرحت ۽ آرام خاطر ترسيو بلڪل ڪين، رات جي پوئين پهر ۾ سندس زندگيءَ شروع ٿي ۽ صبح ٿيندي ئي خاتمو ٿيس.

هي ماڪ جي انهيءَ ڦڙي وانگر پيدا ٿيو جيڪو رات جو گُل تي پوندو آهي ۽ سج جي ظاهر ٿيڻ سان ئي ٻاڦ بڻجي اڏامي ويندو آهي.

اُنهيءَ موتي وانگر آيو جنهن کي لهر ڪناري تي آڻي ڇڏيو هجي پر وير لهڻ سان گڏ واپس سمنڊ جي تري ۾ هليو ويو. سوسن گل جي انهيءَ مُکڙيءَ وانگر پيدا ٿيو جيڪا اڃان ٽڙي ئي مس هجي ته کيس ڪنهن پٽي نپوڙي ڇڏيو هجي. اهڙو مهمان ٿي آيو جنهن جي آمد تي سلميٰ جي اُجهاميل دل ٿورڙي ٽڙي پر سندس موت تي سلميٰ جي آتما به ڄڻ مري ويئي.

هڪ انسان جي زندگيءَ جو اهوئي انجام هوندو آهي، اهڙي طرح هڪ قوم جي زندگي هوندي آهي، تارن جي زندگي آهي سج جي زندگي آهي چنڊ جي زندگي آهي.

سلميٰ ڊاڪٽر ڏي نهاري چيو ته منهنجو ٻار منهنجي حوالي ڪر مونکي ڏي ته پنهنجي سيني سان لايانس ۽ کير پياريانس، ڊاڪٽر جو ڪنڌ جهڪي ويو ۽ گمڀير آواز ۾ چيائين ته محترمه صبر ڪر تنهنجو ٻار مري چڪو آهي.

ڊاڪٽر جا اهي لفظ ٻڌندي ئي سلميٰ کان آه نڪري ويئي ۽ ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي ويئي ۽ پوءِ اوچتو مُسڪرائڻ لڳي سندس چهري تي نور ڇائنجي ويو ڄڻ کيس ڪا خوشخبري ملي وئي هجي ۽ پوءِ ڏاڍي ڌيرج سان چيائين ته منهنجو ٻار مونکي ڏيو ته سهي مان مُنهن ته ڏسانس، ڊاڪٽر مئل ٻارڙو سندس ٻانهن ۾ ڏنو ۽ سلميٰ ڪٽي ڀاڪر ۾ ورتس ۽ پوءِ پٺ واري پاسي ڏانهن ٻارڙي کي ليٽائي چوڻ لڳي ته هائو تون مونکي وٺڻ آيو آهين تون مونکي ڪناري طرف ويندڙ رستو ڏيکارڻ آيو آهين. منهنجا ٻچڙا اڳيان ٿي ته هي اونداهو غار ڇڏي هلون ۽ پوءِ صرف هڪ منٽ ۾ جئين سج جا ڪرڻا دريءَ مان ڪمري اندر داخل ٿيا وڏي وقار ۽ شان سان ٻه مُئل جسم خاموش، بستري تي پيا هئا.

ڊاڪٽر ڳوڙها ڳاڙيندو ڪمري مان ٻاهر نڪتو ۽ وڏي هال ۾ پهتو. جيئن ئي ڊاڪٽر وڏي هال ۾ پهتو خوشيءَ جو جشن ماتم ۾ تبديل ٿي ويو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پر منصور بي غالب ڪُڇيو اصل ڪين ۽ نه ئي سندس اکين ۾ ڪو لڙڪ نظر آيو شراب جو گلاس ساڄي هٿ ۾ جهليو جتي هئو اُتي بُت بنيو ويٺو رهيو.......

آه ٻئي ڏينهن سلمىٰ کي اڇي ڪپڙي جو ڪفن پارائي تابوت ۾ رکيو ويو ۽ ٻار کي سندس ماءُ جي ڇاتيءَ تي ساڳي ئي تابوت ۾ رکيو ويو ۽ سلمىٰ جو تابوت ڪنيو ويو.

آئون پڻ انهيءَ هجوم سان گڏ ڪنڌ جهڪائي قبرستان ڏانهن وڃڻ لڳس.

قبرستان ۾ پهچندي ئي پادري غالب خطبو ڏنو ۽ ساڻس گڏ آيل پوڄارين پوڄا پاٺ ڪئي سندس بي نور چهرن تي جهالت جو پردو صاف نظر اچي رهيو هئو.

جيئن ئي تابوت قبر ۾ لاٿو ويو پير ۾ بيٺل ماڻهن مان ڪو پٽڪيو ته مان پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هڪ تابوت ۾ ٻه جنازا ڏسي رهيو آهيان تنهن تي پير ۾ بيٺل ٻئي ماڻهوءَ جواب ڏنس ته ائين پيو لڳي ته ٻار جڻ پنهنجي ماءُ کي سندس ظالم مڙس کان نجات ڏيارڻ آيو هئو، ڪنهن ٽئين شخص چيو ته منصور بي غالب کي ته ڏسو لڳي ئي ڪونه ٿو ته ڪو سندس زال ۽ ٻار مري ويا هجن ڪنهن چوٿين شخص چيو ته ڪيس ڪهڙي پرواهه آهي چاچهنس ڪيس وري ڪنهن دولت مند ڇوڪريءَ سان پرڻائي ڇڏيندو.

پادري غالب ۽ پوڄاري تيستائين مرثيا پڙهندا رهيا جيستائين قابروءَ تابوت کي مٽيءَ سان ڍڪي قبر کي پوري نه ڇڏيو ۽ پوءِ ماڻهن مان هر هڪ وڃي پادري غالب ۽ سندس ڀائيٽي سان همدردي ۽ تعزيت ڪئي. پر مان اڪيلو ئي هڪ پاسي بيٺو رهيس. سلمىٰ ۽ سندس ٻار جي مري وڃڻ کان پوءِ مون لاءِ ڪجهه به نه بچيو هئو.

جنازي ۾ آيل سڀ ماڻهو آهستي آهستي ٿي هليا ويا ۽ باقي قابرو بيلچي سميت نئين قبر وٽ وڃي بچيو.

مان وڌي وڃي سندس پير ۾ بيٺس ۽ ڪائنس پُڇيم ته توکي ياد هوندو ته فارس افنديءَ ڪريمي ڪٿي دفن ٿيل آهي؟ قابرو مونکي ٿورو غور سان ڏٺو ۽ پوءِ سلمىٰ جي قبر ڏي اشارو ڪري چيائين ته هن جي ساڄي طرف، مون سندس ڏيءُ کي به سندس پير ۾ ئي پوريو آهي ۽ ڌيءَ جو ٻار ماءُ جي ڇاتيءَ مٿان رکيو آهي ۽ پوءِ ٿورو ترسي چيائين ته ها مون ٽنهي جي مٿان مٽي ورائي آهي، ۽ مان چيومانس ته اڄ هن قبر ۾ تو منهنجي دل کي به جڻ پوري ڇڏيو.

جڏهن قابرو به اُتان هليو ۽ ٻهڻ جي وڻن پُنيان غائب ٿي ويو ته مون کان رهيو ڪونه ٿيو آئون سلمىٰ جي قبر وٽ گوڏن ڀر ويهي رهيس ۽ روئي ڏنم.

——— ختم شده ———



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944